ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) ڇنڇر 12 سيپٽمبر 2026ع 29 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو(28)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان جي عدالتن لاءِ قومي متحده اي فائلنگ ۽ اليڪٽرانڪ عدالتي رڪارڊ نظام اصولي منظوري

انصاف تائين پهچ تيز، عدالتي نظام کي موثر ۽ جديد بڻائڻ لاءِ قدم جاري رکنداسين: چيف جسٽس آف پاڪستان

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جي 62 هين اجلاس ۾ ادارجاتي صلاحيت مضبوط بڻائڻ انصاف تائين رسائي تيز ڪرڻ واري نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ عزم ورجايو ويو

اجلاس ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ، پشاور هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار، قانون ۽ انصاف واري سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري، ڊي جي نيشنل سائبر ايمرجنسي ريسپانس ٽيم پڻ شريڪ

ڪميٽي جبري گمشدگين جي ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ ازالي جو طريقيڪار ۽ تجويز ڪيل ڪميشن جوڙڻ جي معاملي قانون ۽ انصاف واري وزارت کي ڪارروائي جلد مڪمل ڪري ايندڙ اجلاس ۾ جامع رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي

قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي پهرين سيپٽمبر 2025ع کان 31 جولاءِ 2026 تائين ٽائيم بائونڊ ڪيسن جا 14 لک 67 هزار 675 فيصلا ڪرڻ تي ضلعي عدليه جي غير معمولي ڪارڪردگي کي ساراهيو

هاءِ ڪورٽس جي رجسٽرارز کي انگن اکرن جي مڪمل ۽ درست فراهمي يقيني بڻائڻ جي ذميواري سونپي وئي، چيف جسٽس کي ڪيسن جي فيصلن، التوا هيٺ ڪيسن جي حوالي سان ماهوار بريفنگ ڏيڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

ماڊل ديواني عدالتن 42 هزار 386 ڪيسن جا فيصلا ڪيا، ڪميٽي عورتن لاءِ سهولت مرڪزن جي تجويز ڪيل ڊزائين جي حوالي سان هاءِ ڪورٽس کي پنهنجي ضرورتن موجب وڌيڪ ڪاروائي جي اجازت ڏني: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جي 62 هين اجلاس ۾ ادارجاتي صلاحيت مضبوط بڻائڻ انصاف تائين رسائي تيز ڪرڻ ۽ موثر ۽ شفاف انصاف واري نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ عزم کي ورجايو ويو جڏهن ته پاڪستان جي عدالتن لاءِ قومي متحده اي فائلنگ ۽ اليڪٽرانڪ عدالتي رڪارڊ نظام اصولي منظوري ڏني وئي، سپريم ڪورٽ پاران جاري بيان ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ٿيل اجلاس ۾ لاهور هاءِ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

هانگ ڪانگ: واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال هانگ ڪانگ جي چيف ايگزيڪيوٽو سان ملي رهيو آهي

قائداعظم هڪ ورهايل قوم کي نظريو، شعور ۽ آزاد رياست ڏني: وفاقي گهرو وزير

باباءِ قوم ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي غلامي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڌار رياست قائم ڪئي

ايمان، اتحاد ۽ تنظيم پاڪستان جو اصل روح آهن، جن تي عمل ئي ملڪي ترقي جو واحد رستو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي باباءِ قوم قاعد اعظم محمد علي جناح کي سندس عظيم جدوجهد تي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

قائداعظم جو جمهوري ويزن ئي مضبوط پاڪستان جي ضمانت آهي: بلاول

باباءِ قوم برابري، قانون جي حڪمراني، ضمير ۽ عقيدي جي آزادي ۽ سڀني شهرين لاءِ برابر موقعن جو تصور ڏنو

شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو قائداعظم جي جمهوري ويزن کي اڳتي وڌايو ۽ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪئي

اڄوڪو پاڪستان تعمير ڪرڻو پوندو جتي آمريت، انتهاپسندي ۽ عوام جي جمهوري حقن کي غصب ڪرڻ گنجائش نه هجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي 78هين ورسي تي کيس شاندار خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته جمهوريت، آئين پسندي ۽ عوام جي بالادستي تي قائداعظم جو غيرمتزلزل يقين

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

قائداعظم محمد علي جناح جي ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي ورسي جمعي 11 سيپٽمبر تي انتهائي عقيدت ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

قائداعظم جا اصول اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط اسان لاءِ مشعل راهه آهن: مراد علي شاهه

وڏي وزير ۽ گورنر گڏجي قائداعظم محمد علي جناح جي 78هين ورسي جي موقعي تي مزار تي حاضري ڀري

ڪجهه ماڻهو ورهاڱي جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن اهم معاملن تي صلاح مشوري سان فيصلا ڪرڻ گهرجن

قومي اسيمبلي آئيني ترميم ڪري سگهي ٿي، پر سنڌ اسيمبلي جي منظوري کانسواءِ اها عمل ۾ نٿي اچي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته قائداعظم محمد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سنڌ ڪابينا جا ميمبر سيد سردار شاهه، جام خان شورو، ضياءُ الحسن لنجار، راجوير سنگهه سوڍو، ڊاڪٽر شاهه سندر ۽ ٻيا مزار قائد تي دعا گهري رهيا آهن

ايم ڪيو ايم پاران ميمبرن پاران مڪاني حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ترميمي بل سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ جمع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي جي هڙتال دوران هنگامي واري ڪيس ۾ ڇهن جوابدارن جي ضمانت منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جماعت اسلامي جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حڪومت سان اختلاف ختم، پ پ قانون سازي واري معاملي تي نرمي ڏيکارڻ لاءِ راضي

ٻنهي جماعتن ۾ سياسي ڇڪتاڻ ۽ قانونسازي تي اختلاف ختم ڪرائڻ لاءِ بيڪ ڊور رابطا ڪامياب ٿي ويا

حڪومت پيپلز پارٽي سان ڳالهين ۽ رابطن لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي مڪمل مينڊيٽ ڏنو هو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ)حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي وچ ۾ جاري سياسي ڇڪتاڻ ۽ قانونسازي تي اختلاف ختم

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ زمين، روينيو جو پراڻو نظام سڀ کان وڏو مسئلو آهي: ڪمشنر

1953ع کانپوءِ شهر جو ماسٽر پلان نه ٺهيو، الاٽمينٽ ۽ منتقلي ۾ رڪاوٽن سبب مسئلا وڌي ويا آهن

شهر ۾ غيرقانوني اڏاوتن ۽ جعلي دستاويزن جو خاتمو آندو ويندو، آباد اڳواڻن سان ملاقات ۾ ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي چيو آهي ته ڪراچي جو سڀ کان وڏو مسئلو زمين آهي، 1953ع

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ راندين جي ميدانن ۽ تنظيمن جو جامع ڊيٽا گڏ ڪرڻ جو فيصلو

رجسٽرڊ اسپورٽس تنظيمن کي قانوني دائري ۾ آڻڻ ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ خلاف ڪارروائي جي هدايت

غير فعال راندين جي ميدانن جي سهولتن ۽ مسئلن بابت جامع حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه مزار قائد تي ڪتاب ۾ تاثرات لکي رهيو آهي

”اوهان کي ڏهه پيرا جيل ۾ واڙڻ گهرجي“، سپريم ڪورٽ پاران ڪير ۾ ملوث ڪندڙ جوابدار جي ضمانت رد

جوابدار ساٿي جوابدارن سان گڏجي فوڊ اٿارٽي جي ملازمن تي حملو ڪيو، جوابدارن جي قبضي مان پسٽل پڻ هٿ آيو: سرڪاري وڪيل

ڇا فوڊ اٿارٽي بنا وارنٽ ڪنهن جي حدن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؟ ڇا ڪنهن جي حدن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فوڊ اٿارٽي بااختيار آهي: جسٽس جمال

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ ڪير ۾ ملوث ۽ سرڪاري ڪم ۾ خلل وجهڻ جي الزام هيٺ جوابدار غلام نبي جي ضمانت رد ڪري ڇڏي سرڪاري وڪيل چيو ته جوابدار ساٿي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهرو وزير پاران ٿاڻن ۾ اوچتا دورا، ڪيترائي پوليس آفيسر ۽ اهلڪار معطل

لنجار فيروزآباد، عزيز ڀٽي، شاهراهه فيصل، ڊفينس ۽ درخشان ٿاڻن تي حاضري ۽ ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

ضابطن جي ڀڃڪڙي تي ايس ايڇ اوز، ايس آءِ اوز ۽ ٻين اهلڪارن خلاف معطلي سميت ڪارروائي جا حڪم

پوليس جو فرض عوام جي خدمت، جان ۽ مال جو تحفظ ۽ شڪايتن جو فوري ازالو آهي، غفلت برداشت نه ڪبي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اطلاعات کاتي کي مرحليوار ڊجيٽل بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي:ڪاشف گلزار شيخ

صوبائي سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ حيدرآباد ۾ اجلاس، کاتي جي ڪارڪردگي ۽ مسئلن جو جائزو

خبرن جي بروقت ۽ درست فراهمي، صحافتي ادارن سان رابطا مضبوط ڪرڻ ۽ آفيسرن جي صلاحيتن ۾ واڌاري لاءِ تربيتي پروگرام تي غور

صوبائي سيڪريٽري جو حيدرآباد پريس ڪلب جو دورو، صحافين جا مسئلا ٻڌا ۽ حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري

حيدرآباد/ميرپورخاص(رپورٽ اعجاز لغاري/ علي جان ڀٽي) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي صوبائي سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ ڊائريڪٽوريٽ آف

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص: سنڌ سماءِ وارو صوبائي سيڪريٽري پريس ڪلب جي رينوويشن واري ڪم جي افتتاح بعد دعا گهري رهيو آهي

ڪراچي : سهراب ڳوٺ مان 19 سالن جي نوجوان جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد سهراب ڳوٺ ۾ ميمڻ سينٽر ويجهو 19 سالن جي نوجوان فيصل ولد

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران شهرين جي موت تي ڏک جو اظهار واقعي بابت تفصيلي رپورٽ

ڪراچي ۾ سرڪاري اسڪول جي زبون حال ديوار ڪرڻ سان سبب 5 ڄڻا دٻجي فوت، 2 زخمي

اورنگي ٽائون جي مومن آباد واري علائقي ۾ هڪ سرڪاري اسڪول جي زبون حال ديوار ڊهي پٽ پئجي وئي

ست ماڻهو ملبي هيٺ دٻجي ويا، جن مان 5 فوت ٿي ويا، ۽ 2 زخمي ٿي پيا، فتين جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

ديوار مان لوهه جون سيخون ڪڍڻ دوران حادثو پيش اچڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو، واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اورنگي ٽائون جي مومن آباد واري علائقي ۾ هڪ سرڪاري اسڪول جي خستہ حال ديوار ڪرڻ سبب پنج ماڻهو فوت ۽ ٻه زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب هي واقعو اورنگي ٽائون

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم بجلي جي بندش جو نوٽيس ورتو، ڪنهن به علائقي ۾ 2 ڪلاڪ کان وڌيڪ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ جو حڪم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ بجلي جي لوڊ مئنيجمينٽ تي اهم جائزه اجلاس ٿيو، ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڪيٽي ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جي حوالي سان اجلاس کي آگاهي ڏني وئي

خطي جي تازي صورتحال ۽ آبناءِ هرمز ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري آر ايل اين جي، جي فراهمي متاثر ٿيڻ سان بجلي جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي آهي، لوڊ مئنيجمينٽ ڪرڻي پئجي رهي آهي: بريفنگ

هيلپ لائين نمبر 118 جي ذريعي بجلي صارفين پنهنجون شڪايتون داخل ڪرائي سگهن ٿا، شڪايت داخل ڪرائڻ تي صارف کي ٽوڪن نمبر ۽ شڪايت جي ازالي جو وقت پڻ ٻڌايو ويندو

آر ايل اين جي جي پهچ ۾ تعطل کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن، سمورن موجود وسيلن جو موثر استعمال ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن علائقي ۾ ٻه ڪلاڪ کان وڌيڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ نه ٿئي: وزيراعظم

وزيراعظم سڄي ملڪ ۾ بجلي جي پهچ ۽ ٻين سمورن مسئلن بابت عوامي شڪايتن جي ازالي جي لاءِ ڊسڪوز جي سطح تي صارفين جي شڪايتن جي ازالي جي لاءِ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جا حڪم ڏنا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو نوٽيس وٺي ورتو آهي ۽ مختلف شهرن ۾ بجلي جي وڌندڙ لوڊشيڊنگ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ بجلي جي لوڊ مئنيجمينٽ تي اهم جائزو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ پيداوار جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

27 سيپٽمبر احتجاج کان اڳ سياسي سرگرميون تيز، وزيراعظم ۽ اپوزيشن ليڊر جي ملاقات لاءِ رابطا

ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي سمورين سياسي جماعتن سان رابطا ڪرڻ ۽ جلد آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

محمود خان اچڪزئي جي صدارت هيٺ اپوزيشن اڳواڻن جو اهم اجلاس سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس جي چيمبر ۾ ٿيو

محمود خان اچڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس تحريڪ انصاف کي احتجاج لاءِ ڀرپور تياري ڪرڻ جي هدايت ڪئي

وزيراعظم جي خط کانپوءِ اپوزيشن ليڊر ۽ وزيراعظم جي آفيس وچ ۾ رابطا، اپوزيشن ليڊر ۽ وزيراعظم وچ ۾ ملاقات طئي ڪرڻ لاءِ به مشاورت جاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اپوزيشن جماعتن 27 سيپٽمبر جي احتجاج جون ڀرپور تياريون ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو جڏهن ته ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي سمورين سياسي جماعتن سان رابطا ڪرڻ ۽ جلد آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي. محمود خان اچڪزئي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

بي ايڇ يوز کي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ نجڪاري ناهي: صحت کاتو سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت کاتي صوبي جي بنيادي صحت مرڪزن (BHU´s)جي خانگائڻ بابت دعوائن کي رد

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ پاڪستان ۾ گورننس جي ناڪامي جي اعليٰ مثال آهي: شرجيل ميمڻ

حيسڪو، سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ ڪمپنيون صوبي ۾ بنيادي سهولتون ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويون آهن

ڪيترن ئي شهرن ۽ ٻهراڙين وارن علائقن ۾ ارڙهن ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ عوام لاءِ ناقابل برداشت آهي

گڏ پاڻي ۽ گئس جا مسئلا به پارليامينٽ ۾ اٿاري لاڳاپيل ادارن کي طلب ڪري پڇاڻو ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جي دوري وقت اسان کي پوليس ڪٽيو تشدد ڪيو: پي ٽي آءِ ميمبر

ڪراچي:پاڪستان تحريڪ انصاف جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا غلط ڪينولا لڳڻ سبب ٻار جو هٿ ضايع ٿيڻ واري معاملي ۾ ملوث ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي نه ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

محسن نقويءَ سان بيڪ ڊور رابطي ۾ آهيون، تفصيل ميڊيا تي نٿو ٻڌائي سگهان: پي ٽي آءِ چيئرمين

27 سيپٽمبر جو احتجاج ملتوي ڪرڻ بابت ڪا به تجويز غور هيٺ ناهي، احتجاج جي قيادت وزيراعليٰ سهيل آفريدي ڪندو

لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ لاءِ حڪومت سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي، سمورين جماعتن جي صلاح مشوري سان فيصلو ڪيو ويو

عمران خان هميشه ڳالهين کي ترجيح ڏني آهي، پي ٽي آءِ باني ڳالهين جو اختيار محمود اچڪزئي ۽ علامه ناصر عباس کي ڏنو آهي: بئرسٽر گوهر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو آهي ته 27 سيپٽمبر جو احتجاج ملتوي ڪرڻ بابت ڪا به تجويز غور هيٺ ناهي.پارليامينٽ هائوس ٻاهران

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ميجر راجا عزيز ڀٽي ملڪ خاطر جان جو نذرانو پيش ڪيو: صدر مملڪت

تاريخ ۾ پنهنجو نالو سدائين جي لاءِ امر ڪري ڇڏيو: صدر آصف علي زرداري

اسان جا شهيد آزادي، خودمختياري ۽ قومي سلامتي جو مضبوط بنياد آهن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد 1965ع جي جنگ ۾ ملڪ جو دفاع

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٻارن جي تحفظ لاءِ سياسي عزم ۽ مضبوط ادارا ضروري آهن: آصفه ڀٽو

سماجي اڳواڻ ۽ خاندان پنهنجي ٻارن جو تحفظ هڪ گڏيل قومي ذميواري بڻائين

گهٽ عمر جي شادي، استحصال ۽ آن لائين بدسلوڪي کي منهن ڏئي رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته ٻارن جي تحفظ جي لاءِ سياسي عزم، مضبوط ادارا ۽ مسلسل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سي ٽي ڊي پشاور پاران ڪارروائي، 5 دهشتگرد مارجي ويا

ايس پي سي ٽي ڊي پشاور ريجن کي تصديق ٿيل اطلاع مليو

دهشتگردن جي قبضي مان هڪ ايس ايم جي، چار پسٽل، ٻه هينڊ گرنيڊ ۽ هٿ

پشاور (اي پي پي) ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ(سي ٽي ڊي) پشاور ريجن شمشتو ڪيمپ ويجهي ارمڙ ٿاڻي جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان جي آئيني معاملن تي قومي اتفاق راءِ ضروري آهي: وزير قانون

گلگت بلتستان جي عوام جي حق جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: اعظم نذير تارڙ

ورڪنگ گروپ کي جامع غور ويچار کانپوءِ عارضي رپورٽ تيار ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي)قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته گلگت بلتستان جي آئيني ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نظير تارڙ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي سينٽرل پوليس آفيس ۾ ميلادِ مصطفيٰ صه جي پروقار محفل منعقد ڪئي وئي

محفل ۾ پوليس جي اعليٰ آفيسرن، عالمن ۽ اهلڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نعت خواني، سيرت النبي صه ۽ حضور اڪرم صه جي رحمت واري پيغام تي روشني وڌي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ماهِ ربيع الاول جي مناسبت سان ميلادِ مصطفيٰ ﷺ جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اوڀهي پاڻي جي تلاءَ ۾ وهنجندي 12 ورهين جو ٻارڙو ٻڏي فوت

سوڪ سينٽر جي ويجهو پلاٽ تي ٽي دوست وهنجڻ لاءِ تلاءَ تي ليٿا ته ٻڏڻ لڳا

ٻه ٻارڙا ٻاهر نڪري آيا، 12 ورهين جو ابيهه پٽ اينٿوني ٻڏي فوت، خوف سبب واقعي جو اطلاع دير ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سِوڪ سينٽر جي ويجهو پلاٽ تي موجود پاڻي جي تلاءَ ۾ 12 سالن جو ٻار ٻڏي فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شڪي قرار ڏنل ڪار هلائيندڙ ايس ايڇ او سوگهو معطل

سيف سٽي ڪيمرائن پاران شڪي قرار ڏنل ڪار هلائيندڙ انسپيڪٽر وقار اعوان کي حراست ۾ ورتو ويو

اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل گاڏي کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يوسف پلازا جي ايس ايڇ او ڪي آرٽلري ميدان وائي ايم سي اي (YMCA) گرائونڊ ويجهو ان وقت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪارروائي،مئل جانورن جو گوشت هٿ، ڪاسائي گرفتار

آگره تاج پرسان گهر تي ڇاپو هڻي جانور ذبح ڪندڙ قصائي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

عوام جي صحت سان ڪنهن به قسم جي سمجهوتي جي اجازت نه ڏني ويندي: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪلري ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي وڏي ڪارروائي، وڏي انگ ۾ مئل جانورن جو گوشت هٿ، صوبائي وزير

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي منظوريءَ کانسواءِ صوبي بابت ڪوبه فيصلو نٿو ٿي سگهي: سعيد غني

قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ بحث ٿي سگهي ٿو، پر سنڌ اسيمبلي ورهاست واري قرارداد رد ڪري چڪي آهي

پيٽروليم شين تي وفاقي ليوي ختم يا گهٽ ڪئي وڃي، سنڌ حڪومت اهڙي قرارداد جي حمايت ڪئي آهي

امن امان بحال ڪرڻ جي بنيادي ذميواري پوليس جي آهي ۽ رينجرز پوليس جي مدد لاءِ مقرر آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ جي حوالي سان قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ بحث به

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

تربيت يافته نوجوان سنڌ جي ڀاڳين جي به خدمت ڪندا: محمد علي ملڪاڻي

ڊپلوما ڪورس ۽ انٽرنشپ مڪمل ڪندڙ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ سائنسي اوزار ورهايا ويا

نوجوانن کي فني تربيت ڏئي لائيوسٽاڪ شعبي لاءِ ماهر افرادي قوت تيار ڪئي پئي وڃي

سنڌ جي تربيتي پروگرام ۽ ادارن جي ڪارڪردگي ٻين صوبن تائين پهچائڻ گهرجي: سيڪريٽري لائيواسٽاڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جو لائيواسٽاڪ کاتو پنهنجي نوجوانن کي تربيت ڏئي روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهيو آهي جڏهن ته اهي تربيت يافته نوجوان اسان جي سنڌ جي ڀاڳين جي به خدمت ڪري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

Honourable Mr. Muhammad Ali Malkani
Minister ... stock & Fisheries
under ADP Scheme
Poultry

ڪراچي: چوپائي مال ۽ ماهيگيري وارو صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

ملتان: هڪ چنگچي رڪشا تي وڏي مقدار ۾ بار رکي ماڻهو سفر ڪري رهيا آهن

سنڌ اسيمبلي رينجرز جي مقرري ۾ هڪ سال جي واڌ واري قرارداد منظور ڪري ورتي

20 جولاءِ کان 19 جولاءِ 2027ع تائين رينجرز جي مقرري ۽ اختيارن ۾ واڌ واري قرارداد گڏيل طور منظور ڪئي وئي

صوبي رينجرز جي ڪارروائين سان ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ گهٽتائي آئي آهي: قرارداد

اجلاس ۾ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ واري قرارداد پڻ منظور

شهر ۾ ماڻهن کي گاڏين مان ڪڍي وجهڻ جو ڪلچر افسوسناڪ آهي، ان جو فوري طور خاتمو ٿيڻ گهرجي: ميمبر

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) : سنڌ اسيمبلي جمعي ڏينهن اجلاس دوران سنڌ ۾ رينجرز جي مقرري ۽ اختيارن ۾ وڌيڪ هڪ سال جي واڌ ۽ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح کي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ عمر شريف انڊر پاس ۾ ٿيندڙ حادثن جو معاملو اٿاريو ويو

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ عمر شريف انڊر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽن سالن دوران 11 انڊر پاس تعمير ٿيا، 9 منصوبا هلندڙ آهن: قاسم سراج سومرو

ڪريم آباد ۽ مئو ڇورنگي انڊر پاس جو تعميراتي ڪم هلندڙ سال مڪمل ڪيو ويو

ڪورنگي ڪاز وي منصوبو ڇهه ارب کان وڌيڪ لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ پارلياماني سيڪريٽري بلديات قاسم سراج سومرو ٻڌايو آهي ته 2022ع کان 2025ع دوران

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪي ايم سي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي مخالفت واري قرارداد منظور ڪري ورتي

اجلاس ۾ مجموعي طور ڇويهه قراردادون پيش ڪيون ويون، ڏهه اتفاق راءِ ۽ ڏهه اڪثريتي ووٽن سان منظور ٿيون

ابراهيم حيدري ۾ هندو برادري جي سڌو گهرن جي ترقي، مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ چاليهه ڏهائي پنجاهه ملين رپيا منظور

ڊاڪٽرن جي وظيفن، روڊن ۽ فوٽ پاٿن جي مرمت سميت ڪيترن ئي ترقياتي ۽ انتظامي معاملن بابت فيصلا ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديه عظميٰ ڪراچي جي ڪائونسل جو عام اجلاس جمعي ڏينهن ڪائونسل هال صدر دفتر بلديه عظميٰ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو ميئر مرتضيٰ وهاب اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد پڻ موجود آهي

ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر کي ڌمڪين واري ڪيس ۾ جوابدار رمانڊ تي پوليس حوالي

پوليس پاران گرفتار جوابدار ڪوثين گوهر علي شاهه کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

وڪيل طرفان ڪيس کي ڪوڙو ۽ سياسي انتقام قرار، جوابدار کي آزاد ڪرڻ جي استدعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جامعه ڪراچي جي شعبي اسلامڪ لرننگ جي چيئرمين ڊاڪٽر پروفيسر عارف خان ساقي کي ٽيليفون تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ايران گهڻي دير آمريڪي تباهه برداشت نه ڪري سگهندو، نومبر کانپوءِ ويڙهه ختم ٿي ويندي: صدر ٽرمپ

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان جاري جنگ سندس موجوده صدارتي مدي جي پڇاڙي تائين جاري رهڻ جو ڪو امڪان ناهي. آمريڪي ميڊيا موجب، ٽرمپ ايران

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

قاسم آباد جي ڪيترن علائقن ۾ گٽر مليل پاڻي فراهم، هزارين رهواسي پريشان، احتجاج

المصطفيٰ ٽائون، پرنس ٽائون، باغ ارم ۽ 52 بنگلن ۾ بدبودار پاڻي سبب ٻار ۽ ماڻهو بيمارين ۾ مبتلا

ٽن سالن کان پيئڻ جي پاڻي وارين لائينن سان ڳنڍيل گٽر لائينون ڌار نه ٿي سگهيون، رهواسين جو انتظاميا خلاف احتجاج

رهواسين جو بلاول ڀٽو، مڪاني ادارن واري وزير، چونڊيل نمائندن ۽ ميئر کان صاف پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قاسم آباد جي علائقن المصطفيٰ ٽائون فيز ون پرنس ٽائون، باغ ارم ۽ 52 بنگلوز ۾ گٽر مليل پيئڻ واري پاڻي جو نيڪال بند نه ٿيڻ علائقي ۾ ٻار ۽ ماڻهو بيمارين ۾ مبتلا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

اجلاس ڏيو اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته خطي جي تازي صورتحال ۽ آبناءِ هرمز ۾ ڇڪتاڻ ۽ پهچ جي مشڪلاتن جي ڪري آر ايل اين جي، جي فراهمي متاثر ٿيڻ سان بجلي جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي آهي جنهن جي نتيجي ۾ طلب ۽ پهچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي لاءِ مجبوري ۾ لوڊ مئنيجمينٽ ڪرڻي پئجي رهي آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته هيلپ لائين نمبر 118 جي ذريعي بجلي صارفين پنهنجون شڪايتون داخل ڪرائي سگهن ٿا، شڪايت داخل ڪرائڻ تي صارف کي ٽوڪن نمبر ۽ شڪايت جي ازالي جو وقت پڻ ٻڌايو وڃي ٿو اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته هن وقت سواءِ ضلعي راجنپور جي 6 بجلي صارفين جي سڄي ملڪ جي ڪنهن صارف جي بجلي ساوڻي جي برسات جي ڪري متاثر نه آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته ڪنهن به علائقي ۾ ٻه ڪلاڪ کان وڌيڪ لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته خطي جي صورتحال ۽ مستقبل جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي آر ايل اين جي جي پهچ ۾ تعطل کي منهن ڏيڻ جي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. سمورن موجود وسيلن جو موثر استعمال ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن علائقي ۾ ٻه ڪلاڪ کان وڌيڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ نه ٿئي. هن سڄي ملڪ ۾ بجلي جي پهچ ۽ ٻين سمورن مسئلن بابت عوامي شڪايتن جي ازالي جي لاءِ ڊسڪوز جي سطح تي صارفين جي شڪايتن جي ازالي جي لاءِ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جا حڪم ڏنا ۽ هدايت ڪئي ته ازالا ڪميٽي ۾ عوامي نمائندگي پڻ هجڻ گهرجي. هڪ هفتي جي اندر انهن ڪميٽين کي فعال ڪيو وڃي. اجلاس ۾ منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس لغاري، وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله نائي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 2 روزاني عبرت

جي صدارت هيٺ اپوزيشن اڳواڻن جو اهم اجلاس سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس جي چيمبر ۾ ٿيو جنهن ۾ بئريسٽر گوهر خان بئريسٽر سلمان اڪرم راجا، اسد قيصر ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران 27 سيپٽمبر جي احتجاج بابت اپوزيشن اڳواڻن تفصيلي صلاح مشورو ڪيو ويو محمود خان اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس تحريڪ انصاف کي احتجاج لاءِ ڀرپور تياري ڪرڻ جي هدايت ڪئي اپوزيشن ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي سمورين سياسي جماعتن سان رابطا ڪرڻ ۽ جلد آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ۾ ملڪي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي تي غور ڪيو ويندو ان دوران تحريڪ تحفظ آئين جو اجلاس 15 سيپٽمبر تي طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس جي تيارين جو جائزو ورتو ويندو. ٻئي پاسي وزيراعظم جي خط ڪانپوءِ اپوزيشن ليڊر ۽ وزيراعظم جي آفيسن وچ ۾ رابطن جي شروعات ٿي وئي آهي جڏهن ته اپوزيشن ليڊر ۽ وزيراعظم وچ ۾ ملاقات طئي ڪرڻ لاءِ به مشاورت جاري آهي چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر علي اپوزيشن ليڊر محمود خان اڇڪزئي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس پڻ شريڪ ٿيو ملاقات دوران ملڪي سياسي صورتحال ۽ تحريڪ انصاف جي مارچ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ذريعن موجب، پاڪستان تحريڪ انصاف جو وفد اڄ منجهند 3 وڳي جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات لاءِ سندس رهائشگاهه پهچندو ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ جو وفد ملاقات دوران مولانا فضل الرحمان کي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندو

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪندي واضح ڪيو آهي ته انهن مرڪزن کي پيپلز پرائمري هيلٿ ڪيئر انيشيٽو (PPHI)حوالي ڪرڻ هڪ انتظامي قدم آهي جنهن جو مقصد بنيادي صحت جي سهولتن جي انتظام، ڪارڪردگي ۽ معيار کي بهتر بڻائڻ آهي صحت کاتي جي ترجمان موجب، پي پي ايڇ آءِ اڳ ئي سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 1400 صحت مرڪزن جو انتظام سنڀالي رهي هئي جڏهن ته باقي پرائمري هيلٿ ڪيئر مرڪز پڻ هاڻي ان جي حوالي ڪيا ويا آهن ته جيئن سڄي صوبي ۾ صحت جي خدمتن جي معيار ۽ انتظامي نظام ۾ هڪجهڙائي آڻي سگهجي ترجمان واضح ڪيو ته هن قدم کي خانگائڻ قرار ڏيڻ درست ناهي پي پي ايڇ آءِ ڪمپنيز ايڪٽ 2017 جي سيڪشن 42 تحت قائم ڪيل هڪ غير منافع بخش ادارو آهي، جيڪو مڪمل طور تي سنڌ حڪومت جي ملڪيت ۽ مالي سهڪار سان هلي ٿو اهو نه ته نجي شعبي جو ادارو آهي ۽ نه ئي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪم ڪري ٿو ترجمان موجب، پي پي ايڇ آءِ جي ميمبرن بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جي مقرري حڪومت ڪندي آهي جڏهن ته اداري جي پاليسين، انتظامي ڍانچي ۽ سرڪاري فنڊن جي استعمال تي لاڳاپيل قانوني، ريگيوليٽري، آڊٽ ۽ احتساب جا ضابطا لاڳو ٿين ٿا. صحت کاتي چيو ته سيڪشن 42 تحت ادارو هلائڻ سان انتظامي ۽ آپريشنل معاملن ۾ نسبتاً وڌيڪ سهولت حاصل ٿئي ٿي، جنهن تحت پي پي ايڇ آءِ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي عملي جي ڀرتي ڪري سگهي ٿي ۽ صحت مرڪزن جا انتظامي معاملا وڌيڪ اثرائتي نموني انجام ڏئي سگهي ٿي حڪومت طرفان فنڊز سنگل لائن گرانٽس ذريعي فراهم ڪيا وڃن ٿا ته جيئن فيصلن ۾ غيرضروري دير گهٽجي، ادارتي انتظام مضبوط ٿئي ۽ سرڪاري وسيلن جو بهتر استعمال ممڪن بڻائي سگهجي ترجمان چيو ته پي پي ايڇ آءِ ڪمپنيز ايڪٽ 2017 تحت گورننس ۽ احتساب جي سمورن گهرجن جي پابند آهي اداري جي نظام ۾ انتظامي نگراني، مالي شفافيت ۽ ڪارڪردگي جي مانيٽرنگ شامل آهي ته جيئن بنيادي صحت لاءِ مختص سرڪاري فنڊ اثرائتي نموني استعمال ٿين ۽ انهن جا نتيجا صحت مرڪزن جي خدمتن ۾ بهتري جي صورت ۾ سڌيءَ ريت سامهون اچن صحت کاتي اهو پڻ واضح ڪيو ته بي ايڇ يوز جي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ سان اتي ڪم ڪندڙ ملازمن جي نوڪري، پگهارن يا موجوده سروس رائٽس تي ڪو به ناڪاري اثر نه پوندو هن انتظامي قدم جو مقصد ملازمن جي جائز حقن يا مراعتن ۾ تبديلي آڻڻ نه پر صحت مرڪزن جي ڪارڪردگي ۽ عوام کي فراهم ٿيندڙ خدمتن کي بهتر بڻائڻ آهي ترجمان موجب، سنڌ حڪومت هن انتظامي ماڊل ذريعي بنيادي صحت جي نظام کي مضبوط، بي ايڇ يوز کي وڌيڪ فعال ۽ ضروري طبي سهولتن جي فراهمي کي وڌيڪ منظم شفاف ۽ اثرائتو بڻائڻ چاهي ٿي صحت کاتي بي ايڇ يوز جي نجڪاري بابت دعوائن کي بي بنياد ۽ گمراهه ڪندڙ قرار ڏيندي چيو ته اهڙي قسم جي معلومات ملازمن ۽ عوام ۾ غيرضروري ڳڻتي ۽ مونجهارو پيدا ڪري ٿي ۽ پي پي ايڇ آءِ جي قانوني ۽ انتظامي حيثيت جي صحيح عڪاسي نٿي ڪري. ترجمان يونين، ملازمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو ته هو ڪنهن به معاملي بابت حقيقتن جي تصديق سرڪاري ذريعن کان ڪن ۽ غيرمصدقه معلومات ڦهلائڻ کان پاسو ڪن صحت کاتي خبردار ڪيو ته ملازمن يا عوام کي ڄاڻي واڻي گمراهه ڪرڻ ۽ صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش خلاف لاڳاپيل قانون تحت ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي

بقايا 4 روزاني عبرت

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته لوڊشيڊنگ سنڌ ۾ هڪ تمام سنگين مسئلو آهي پاڻي ۽ بجلي واري وزارت جي نااهلي ۽ بدانتظامي عوام کي تڪليف ۾ وجهي رهي آهي. جڏهن ته لوڊشيڊنگ پاڪستان ۾ گورننس جي ناڪامي جي اعليٰ ترين مثال آهي هن چيو ته حيسڪو سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ جهڙيون ڪمپنيون ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيون آهن سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪي اليڪٽرڪ کي خانگي شعبي کي ڏنو ويو هو پر ڪراچي ۾ اڃا تائين لوڊشيڊنگ جاري آهي اهو مسئلو اسيمبلي ۾ بار بار اٿاريو ويو آهي ۽ اسيمبلي ۾ موجود سڀئي سياسي پارٽيون متفق آهن ته ڪي اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو ماڻهن کي گهربل سهولت فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيون آهن هن چيو ته بجلي فراهم ڪندڙ ڪمپنيون به منافعو ڪمائي رهيون آهن. پوءِ حڪومت هن مسئلي کي مستقل طور تي حل ڪرڻ لاءِ هڪ مؤثر ميڪنزم ڇو نٿي جوڙي؟ رڳو هڪ ميڪنزم ٺاهڻ يا بجلي جي بلن جي وصولي بابت ڳالهائڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو اصل ضرورت اها آهي ته بنيادي سطح تي هڪ اثرائتو نظام جوڙيو ڪيو وڃي. هن چيو ته اهو پڻ ڏسڻ گهرجي ته بجلي جو بل ڪير ادا ڪري رهيو آهي ۽ ڪير نه جيڪڏهن ڪو صارف بل ادا نٿو ڪري ته ان جي خلاف ڪارروائي جو هڪ جوڳو نظام هجڻ گهرجي پر اهو پڻ يقيني بڻائڻ گهرجي ته جيڪي ماڻهو بجلي جو بل باقاعدگي سان ادا ڪري رهيا آهن انهن کي بنيادي بجلي جون سهولتون ڏنيون وڃن. هن چيو ته گرمين ۾ گرمي پد 50 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن بجلي نه هوندي ته ماڻهن کي تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ٿيندي آهي اهو ڪيئن قبولڻ جوڳو هوندو ته سخت گرمي ۾ ماڻهن کي اهڙي ريت تڪليف ۾ رکيو وڃي؟ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهو مسئلو قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ به اٿارڻ گهرجي ۽ اسان جي پارٽي جا ميمبر پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۾ هن مسئلي تي آواز اٿاري رهيا آهن هن چيو ته مسئلو صرف بجلي تائين محدود ناهي، پاڻي ۽ گئس جي معاملي ۾ به ساڳيا مسئلا درپيش آهن ڪراچي لاءِ پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو پڻ تمام اهم آهي اهو شهر کي فراهم ٿيندڙ پاڻي جو مکيه ذريعو آهي ۽ ڪراچي لاءِ ڪو ٻيو متبادل ذريعو ناهي هن چيو ته پنجاب جي ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي تي سبسڊي ڏني ويندي آهي جڏهن ته سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جي حوالي سان سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن چيو ته هتي رڳو بجلي جو مسئلو ناهي پر پاڻي، گئس، بجلي ۽ هاءِ وي سميت بنيادي سهولتن جي فراهمي سان لاڳاپيل مسئلا آهن. اسان سڀني کي ان متفق ٿيڻ گهرجي ۽ اختلاف جي ڪا به گنجائش نه هجڻ گهرجي. اسان کي انهن سڀني مسئلن کي پارليامينٽ ۾ اٿارڻ گهرجي ۽ هڪ اهڙو اثرائتو طريقو ڳولهڻ گهرجي جنهن ذريعي لاڳاپيل ادارن کي جوابده قرار ڏئي سگهجي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هڪ پارلياماني ڪميٽي جوڙي وئي هئي جنهن حيسڪو سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ جي نمائندن کي طلب ڪيو پر پوءِ به مسئلو حل نه ٿيو جيڪڏهن سڀئي سياسي پارٽيون هن معاملي تي متفق آهن ته پوءِ انهن کي پنهنجا آئيني ۽ قانوني اختيار استعمال ڪرڻ گهرجن جيڪڏهن حيسڪو سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ پارلياماني ڪميٽي کي مطمئن نه ٿا ڪن ته انهن کي واپس گهرائڻ گهرجي ساڳي ريت، گئس سان لاڳاپيل ادارن، پاڻي جي ذميوار ادارن ۽ لاڳاپيل وزارتن جي نمائندن کي به پارلياماني ڪميٽي آڏو سڏائڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهي ادارا پارلياماني ڪميٽي آڏو جوابده نه آهن ۽ قانون جي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون نٿا ڪن ته انهن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي هن مسئلي جو اهو ئي واحد مؤثر حل آهي ان کان اڳ، قائداعظم محمد علي جناح جي ورسي جي موقعي تي دعا جي درخواست ڪندي، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي انتهڪ محنت، جدوجهد ۽ قربانين ذريعي پاڪستان جي قيام ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو اسان سندس لاءِ دعا گهرون ٿا ۽ سندس خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا. هن چيو ته اڄ اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته اسان پنهنجي قومي زندگي ۾ قائداعظم جي ڏنل "ايمان، اتحاد ۽ تنظيم" جي اصولن کي اختيار ڪنداسين قائداعظم جو خواب هڪ مضبوط، متحد ۽ عظيم پاڪستان هو ۽ اڄ به سندس پيغام اسان لاءِ مشعل راهه آهي. بدقسمتي سان اڄ اسان ورهايل آهيون. ڪڏهن اسان سياسي اختلافن جي بنياد تي، ڪڏهن مذهب جي بنياد تي ۽ ڪڏهن ٻولي جي بنياد تي ورهايل آهيون اسان کي انهن سڀني اختلافن ۽ نفرتن کي ختم ڪرڻ ۽ هڪ قوم بڻجڻو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ اسان کي اهو عهد ڪرڻ گهرجي ته اسان پنهنجي سياسي ۽ باهمي اختلافن کي سطح کان مٿي رکندي پاڪستان جي مضبوطي ۽ استحڪام لاءِ متحد ٿينداسين پاڪستان اندروني چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي يا ٻاهرين مشڪلاتن کي، اسان کي انهن کي هڪ مضبوط ۽ متحد قوم جي حيثيت سان منهن ڏيڻو پوندو پاڪستان هڪ فيڊريشن آهي ۽ ان جون سڀئي يونٽ وفاق جو حصو آهن چئني صوبن کي گڏجي پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ گهرجي هن چيو ته هي قائداعظم جي پاڪستان جو خيال هو ۽ اڄ جي ضرورت آهي نفرت، تعصب ۽ تفرقه انگيز سياست کي ختم ڪندي، اسان کي ايمان اتحاد ۽ تنظيم جي اصولن تي قائم رهڻو پوندو جيڪڏهن اسان متحد آهيون ته پاڪستان مضبوط ٿيندو ۽ اها ئي قائداعظم کي سچي ڀيٽا هوندي

بقايا 5 روزاني عبرت

پارلياماني اڳواڻ شبير احمد شڪايت ڪندي چيو ته گذريل ڏينهن خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سنڌ جو دورو ڪيو ته اسان کي پوليس پاران ڪٽيو ويو ۽ اسان جي قومي اسيمبلي جي ميمبر سان تشدد ڪيو ويو هن چيو ته ضلعي سينٽرل سان تعلق رکندڙ سندن هڪ ساٿي جي ٽنگ ٽوڙي وئي شبير احمد الزام لڳايو ته سنڌ حڪومت پاران مٿن تشدد ڪرايو ويو جڏهن ته حڪومت پاڻ کي شهيدن جي پارٽي قرار ڏئي ٿي

بقايا 6 روزاني عبرت

خانگي اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف ٻار جو هٿ ضايع ٿيڻ واري ڪيس ۾ اڃا تائين ڪا گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي پوليس موجب مبينا طور غلط ڪينولا لڳڻ سبب ٻار جو هٿ ضايع ٿيڻ واري ڪيس ۾ نامزد ڊاڪٽرن ۽ اسپتال جي عملي کي في الحال گرفتار ناهي ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي جاچ لاءِ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي خط لکيو ويو آهي پوليس موجب فلاحي اسپتال جي انتظاميا پاران ٻار کي شروعاتي طور ڪينولا لڳايو ويو هو چئن ڏينهن کانپوءِ ٻار جا والدين ڪينولا ڪڍرائڻ لاءِ اسپتال پهتا ته ٻار جي هٿ ۾ انفيڪشن موجود هو پوليس اختيارين موجب والدين پنهنجي مرضي سان ٻار کي جناح اسپتال وٺي ويا، جتي والدين جي دعوي آهي ته جناح اسپتال جي عملي کين ٻڌايو ته ڪينولا لڳڻ سبب انفيڪشن پکڙيو آهي پوليس موجب ان کانپوءِ ٻار کي اورنگي ٽائون جي خانگي اسپتال آندو ويو جتي ٻار جو متاثر هٿ ڪٽيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته اسپتال جون سي سي ٽي وي وڊيوز پڻ حاصل ڪيون پيون وڃن سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي جاچ رپورٽ اچڻ کانپوءِ وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 7 روزاني عبرت

ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته 27 سيپٽمبر جي احتجاج جي قيادت خيبرپختونخوا جو وڏو وزير سهيل آفريدي ڪندو جڏهن ته لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ لاءِ حڪومت سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي بئريسٽر گوهر چيو ته احتجاج رڳو پي ٽي آءِ جو اڪيلو فيصلو ناهي، پر اهو سمورين جماعتن جي صلاح مشوري سان ڪيو ويو آهي 27 سيپٽمبر واري احتجاج ۾ سموريون سياسي جماعتون شرڪت ڪنديون هن چيو ته گهرو وزير محسن نقوي سان بيڪ ڊور چينلز ذريعي رابطو رهندو آهي، جنهن جا تفصيل ميڊيا تي نٿا ٻڌائي سگهجن، حڪومت سان اسان جو رابطو رهندو آهي جنهن کي ڪڏهن به لڪايو ناهي .پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته عمران خان هميشه ڳالهين کي ترجيح ڏني آهي پي ٽي آءِ باني ڳالهين جو اختيار محمود اڇڪزئي ۽ علامه ناصر عباس کي ڏنو آهي اسان جي ڳالهين واري آڇ کي ڪمزوري سمجهيو ويو في الحال حڪومت سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه پيون ٿين. هن چيو ته وزيراعظم جو خط ملڻ سٺي ڳالهه آهي اپوزيشن ليڊر طرفان خط تي ڪوآرڊينيشن ڪئي پئي وڃي عدالتي حڪمن باوجود 10 مهينن کان پي ٽي آءِ باني سان اسان جي ملاقات ناهي ٿي

بقايا 8 روزاني عبرت

سندس ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪرڻ واريون قراردادون متفق طور منظور ڪري ورتيون سنڌ ۾ رينجرز جي مقرري ۾ 20 جولاءِ 2026ع کان 19 جولاءِ 2027ع تائين هڪ سال جي واڌ بابت قرارداد پيش ڪئي وئي جنهن ۾ چيو ويو ته سول انتظاميا جي سهڪار لاءِ سنڌ ۾ رينجرز جي مقرري وڌيڪ هڪ سال جاري رکڻ ضروري آهي رينجرز جي مقرري ۾ واڌ آئين جي آرٽيڪل 147 تحت ڪئي وئي آهي. قرارداد جي متن ۾ چيو ويو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي رينجرز جي موجودگي جاري رکڻ ضروري آهي ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ گهٽتائي رينجرز جي ڪارروائين جو نتيجو آهي. جڏهن ته پابندي مڙهيل تنظيمن جون سرگرميون ۽ روپوش جوابدار اڃا تائين سيڪيورٽي لاءِ خطرو آهن تنهنڪري عوام جي امن ۽ جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ رينجرز جي موجودگي ضروري آهي قرارداد ۾ وڌيڪ چيو ويو ته رينجرز سنڌ پوليس سان گڏجي انٽيليجنس بنيادن تي ٿيندڙ آپريشنز ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ايوان رينجرز جي مقرري ۾ واڌ بابت قرارداد متفق طور منظور ڪري ورتي سنڌ اسيمبلي ۾ باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ واري قرارداد پڻ متفق طور منظور ڪئي وئي قرارداد پاڪستان پيپلز پارٽي، ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ميمبرن گڏيل طور پيش ڪئي قرارداد ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت هيٺ پاڪستان جي قيام لاءِ ڪيل عظيم جدوجهد کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو ڪارروائي دوران جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق نقطي اعتراض تي پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته هو پوليس کي داد ڏيندو ته هن ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر تي حملو ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي هن چيو ته گذريل ڏينهن گهرو کاتي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي به هدايت ڪئي هئي ته 24 ڪلاڪن اندر جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي محمد فاروق چيو ته شهر ۾ ماڻهن کي گاڏين مان ڪڍي وڃڻ جو ڪلچر افسوسناڪ آهي ان جو فوري طور خاتمو ٿيڻ گهرجي بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سومر ڏينهن منجهند ٽين وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 9 روزاني عبرت

پاس ۾ ٿيندڙ حادثن جو معاملو اٿاريو ويو. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اسيمبلي ميمبر عامر صديقي چيو ته عمر شريف انڊر پاس ۾ مناسب انتظام نه هجڻ سبب حادثا پيش اچن ٿا هن چيو ته عمر شريف انڊر پاس ۾ پاڻي ڪمندو رهي ٿو جيڪو انڊر پاس ۾ ڪري ٿو ۽ ان سبب مسئلا پيدا ٿين ٿا ان معاملي تي پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو چيو ته پاڻي جي نيڪال جو مناسب بندوبست ٿيڻ گهرجي ها. هن چيو ته ٻنهي پاسن کان روڊ هجڻ سبب پمپ ذريعي به پاڻي نيڪال نٿو ڪري سگهجي ان ڪري معاملي جو فني بنيادن تي جائزو وٺي ڏسڻو پوندو ته ان جو ڪهڙو حل ڪڍي سگهجي ٿو سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي دوران ڪراچي ۾ فاطميه يونيورسٽي قائم ڪرڻ بابت بل ۽ بينظير ڀٽو شهيد هيومن ريسورس ڊولپمينٽ بورڊ جي ترميمي بل کي متفق طور منظور ڪيو ويو ٻئي بل سنڌ جي قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار ايوان ۾ پيش ڪيا هئا

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪراچي ۾ 11 انڊر پاس تعمير ڪيا ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ ٻه انڊر پاس تعمير هيٺ آهن سب ميرين چورنگي ۽ جوهر چورنگي انڊر پاس مڪمل ٿي چڪا آهن جڏهن ته ڪريم آباد ۽ منور چورنگي انڊر پاس هلندڙ سال مڪمل ڪيا ويندا. جمعي ڏينهن سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن دوران بلديات کاتي بابت سوالن جي وقفي ۾ ميمبرن پاران پڇيل مختلف لکت ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏيندي قاسم سراج سومرو چيو ته ڪيترن ئي منصوبن جي ٺيڪن لاءِ ٿيندڙ بولين ۾ چيني ڪمپنيون حصو وٺنديون آهن تنهن هوندي به حڪومت جي ترجيح هوندي آهي ته مقامي ڪمپنين کي ٺيڪا ڏنا وڃن هن ٻڌايو ته ڪورنگي ڪاز وي جو منصوبو جنوري 2026ع ۾ 6 ارب 13 ڪروڙ 51 لک رپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو. هن چيو ته منصوبي ۾ ستونن جي تعداد ۾ واڌ سبب ان جي لاڳت ۾ اضافو ٿيو قاسم سراج سومرو چيو ته ڪي فور منصوبو 2027ع ۾ مڪمل ٿيندو ڪراچي واٽر ڪارپوريشن پاران حب ڊيم جي مختلف وقتن تي صفائي ڪئي ويندي آهي جيئن شهرين کي صاف پاڻي فراهم ڪري سگهجي عمر شريف انڊر پاس بابت سوال جي جواب ۾ هن چيو ته انڊر پاس مان پاڻي جي نيڪال لاءِ مناسب نظام هجڻ گهرجي ها، پر ڊزائن تيار ڪرڻ وقت اهو انتظام نه ٿي سگهيو هن ٻڌايو ته دفاع واري علائقي ۾ به ٻه انڊر پاس تجويز هيٺ آهن جن مان هڪ سعودي قونصل خاني جي ويجهو تعمير ڪرڻ جي تجويز آهي پر صلاحڪار انهن ٻنهي انڊر پاسن جي تجويز سان متفق ناهن سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مسرت جبين پاڻي جي فراهمي جو مسئلو اٿاريو جنهن تي صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کي معاملي تي رابطو ڪري مسئلو حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ايم ڪيو ايم جي ميمبر فوزيه حميد گاڏين ۾ تيز روشني وارن ايل اي ڊي بلبن جي استعمال بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس پيش ڪيو ان موقعي تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار تسليم ڪيو ته اهو مسئلو سڄي سنڌ ۾ موجود آهي ۽ ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي ڪراچي ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ جي واقعن ۾ واڌ بابت التوا واري رٿ پيش ڪرڻ چاهي سندس چوڻ هو ته اهو انتهائي سنگين معاملو آهي ۽ ان جو حل ڪڍڻ ضروري آهي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جي ان خاطري تي ته معاملي جو جلد حل ڪڍيو ويندو عامر صديقي پنهنجي التوا واري رٿ پيش نه ڪئي اسيمبلي جي ڪارروائي دوران ميمبر اسلم سمون چيو ته سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، زبان جي بنياد تي نفرتن کي هٿي نه ڏني ويندي هن چيو ته جيڪي ماڻهو ڪراچي کي الڳ صوبو بڻائڻ يا نون انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪري رهيا آهن انهن جو ماضي لساني بنيادن تي ٻڌل رهيو آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

جي صدارت ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪئي اجلاس ۾ ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد ۽ ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ابرار جعفر پڻ موجود هئا. اجلاس جي شروعات تي باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي 78هين ورسي جي مناسبت سان کيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اتفاق راءِ سان قرارداد منظور ڪئي وئي جڏهن ته سٽي ڪائونسل پنهنجي ڪارروائي دوران سنڌ ۾ نون انتظامي يونٽن ۽ نون صوبن جي قيام جي مخالفت تي ٻڌل قرارداد پڻ منظور ڪئي. اجلاس دوران مجموعي طور 24 قراردادون پيش ڪيون ويون جن مان 10 قراردادون اتفاق راءِ سان ۽ 10 قراردادون اڪثريتي راءِ سان منظور ڪيون ويون. جڏهن ته 3 قراردادون وڌيڪ جائزي لاءِ ڪميٽي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ هڪ قرارداد اتفاق راءِ سان رد ڪئي وئي اتفاق راءِ سان منظور ڪيل قراردادن ۾ بجيٽ سيڪشن، فنانس اينڊ اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ، بلديه عظميٰ ڪراچي جي روزمره جي خرچن لاءِ هر مهيني ٻه پيرا 10,000 رپين جي ايمپريسٽ اڪائونٽ مختص ڪرڻ جي منظوري، يو سي-1 چوڪنڊي ابراهيم حيدري ملير ۾ واقع هندو برادري جي 100 گهرن جي ترقي، مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 40.50 ملين رپين جي پوسٽ فيڪٽو منظوري، گارڊن انٽرسيڪشن نشتر روڊ تي فلاءِ اوور جي تعمير لاءِ 94 ڪروڙ 81 لک 57 هزار 999 رپين جي پي سي-1 تحت منظوري، اورنگي ٽائون شپ جي منظور ٿيل لي آئوٽ پلان مطابق پلاٽ نمبر ST-1، سيڪٽر 5، 86 ايڪڙ (10,400 چورس گز) ايراضي جي واپسي فائر برگيڊ ڊپارٽمينٽ، بلديه عظميٰ ڪراچي لاءِ معياري عملي طريقيڪار (SOPs)جاري ڪرڻ جي منظوري، بلديه عظميٰ ڪراچي جي سمورن اسپتالن ۾ FCPS-II/MCPSجي تربيت هيٺ ڊاڪٽرن جي وظيفي ۾ واڌ ۽ ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورسز انڊور اسپورٽس ڪمپليڪس جي تعمير بابت منظوري شامل هئي جڏهن ته اڪثريتي راءِ سان منظور ڪيل قراردادن ۾ نرسنگ ڪاليج عباسي شهيد اسپتال بلديه عظميٰ ڪراچي جي بحالي لاءِ وزن ڪاليج آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز سان مفاهمتي ياداشت تي عملدرآمد جي منظوري، اسپنسر آءِ اسپتال ۾ فيز-1 جي تڪميل لاءِ 36 ملين رپين جي گرانٽ آن ايڊ، ايم او يو تحت فلاحي ٽرسٽ جي حق ۾ ڏيڻ جي منظوري، E-KMCمربوط چالان ۽ محصولات وصولي نظام جي منظوري، ڊائريڪٽر جنرل (ٽيڪنيڪل سروسز) جي پراڻي عمارت، پراڻي ايڪسي پرياسي جي روڊن ۽ فوٽ پاٿن جي مرمت ۽ سار سنڀال بابت ڪيل خاص قدمن لاءِ پي سي-1 تحت 49.89 ملين رپين جي منظوري، سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع جي سيڪشن 1)80(d)تحت ارجنسي ۾ ڪيل انتظامي ۽ مالي ڪمن جي منظوري شامل هئي ان کان علاوه مالي سال 26-2025 دوران بلديه عظميٰ ڪراچي جي فنڊ مان مختلف جاري مرمت، سار سنڀال ۽ ترقياتي 19 اسڪيمن جي پوسٽ فيڪٽو منظوري، مالي سال 27-2026 دوران بلديه عظميٰ ڪراچي جي فنڊ مان ضلع ملير، ضلع سينٽرل، ضلع ويسٽ، ضلع سائوٿ، ضلع ايسٽ ۽ ضلع ڪورنگي ۾ روڊن ۽ فوٽ پاٿن جي مرمت ۽ سار سنڀال جي 10 اسڪيمن جي پوسٽ فيڪٽو منظوري پڻ شامل هئي بلديه عظميٰ ڪراچي پاران 12 ربيع الاول جي حوالي سان مختلف علائقن ۾ قائم مسجدن جي چوڪاري ۽ انهن ڏانهن ويندڙ رستن جي بهتري، بحالي ۽ ترقياتي ڪمن تي ٿيندڙ 200 ملين رپين جي خرچ جي پوسٽ فيڪٽو منظوري پڻ ڏني وئي اجلاس دوران جن قراردادن کي اتفاق راءِ سان وڌيڪ جائزي لاءِ ڪميٽي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو انهن ۾ سنڌ پيپلز آف ويلي-1 ويلفيئر آرگنائيزيشن جي حق ۾ ايمينيٽي پلاٽ نمبرST-1 ، سيڪٽر 4، اورنگي ٽائون شپ، 9381.33 چورس گز ايراضي ڪميونٽي سينٽر جي تعمير لاءِ الاٽ ڪرڻ جي منظوري شامل هئي ان کان علاوه جنرل ايڊمنسٽريشن سيڪشن فنانس اينڊ اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ، بلديه عظميٰ ڪراچي جي روزمره جي خرچن لاءِ 10,000 رپيا هر هفتي ۽ مهيني ۾ چار پيرا ايمپريسٽ اڪائونٽ ۽ ميونسپل ڪمشنر سيڪريٽريٽ لاءِ 70,000 رپيا هر هفتي ۽ مهيني ۾ چار پيرا ڏيڻ جي منظوري پڻ ڪميٽي حوالي ڪئي وئي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ گرفتار جوابدار ڪونين گوهر علي شاهه کي جوڊيشل مئجسٽريٽ ملير جي عدالت ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو سچل پوليس جوابدار ڪونين گوهر علي شاهه کي عدالت ۾ پيش ڪيو جوابدار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته جوابدار خلاف لڳايل قلمن جو اطلاق نٿو ٿئي، ڪيس ڪوڙو ۽ سياسي انتقام تحت داخل ڪيو ويو آهي تنهنڪري جوابدار کي ڪيس مان ڊسچارج ڪيو وڃي وڪيل موجب رات جو 10 وڳي 10 کان 15 گاڏين ۾ پوليس اهلڪار جوابدار جي گهر پهتا ۽ ڪيس حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو جڏهن ته جوابدار جي اڳ ۾ ضمانت ڪرائي وئي هئي وڪيل دعويٰ ڪئي ته سوشل ميڊيا تي رڳو معاملي کي وڌائي پيش ڪيو پيو وڃي. جوابدار جي وڪيل وڌيڪ چيو ته ڪونين شاهه مدعي تي تشدد ناهي ڪيو واقعي جي ڪا اصل وڊيو موجود ناهي، جڏهن ته مبينا جعلي وڊيو هلائي پئي وڃي وڪيل موجب واقعي بابت ڪا فرانزڪ جاچ پڻ ناهي ٿي وڪيل عدالت ۾ جوابدار کي گهر مان حراست ۾ وٺڻ جي وڊيو پڻ پيش ڪئي عدالت پڇائو ڪيو ته ڪيس جو جاچ آفيسر ڪٿي آهي جنهن تي وڪيل ٻڌايو ته جاچ آفيسر سرڪاري وڪيل جي آفيس ۾ موجود آهي بعد ۾ ڪيس جو جاچ آفيسر ۽ مدعي عدالت ۾ پيش ٿيا. مدعي جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته جوابدار عبوري ضمانت ڪانپوءِ مدعي کي ڌمڪيون ڏنيون جڏهن ته ڪيس ۾ جوابدار جا وڌيڪ ساٿي گرفتار ڪرڻا آهن ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪرڻو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

جنگ جي مستقبل بابت پنهنجي موقف ۾ چيو ته اهو تڪرار ايترو ڊگهو نه هلندو جو سندس صدارتي مدت جي پڇاڙي تائين جاري رهي ٽرمپ ان کان اڳ به چئي چڪو آهي ته جنگ نومبر ۾ ٿيندڙ آمريڪي مڊٽرم چونڊن کان ترت پوءِ ختم ٿي ويندي ٽرمپ جي ان پراعتماد موقف جي ابتڙ وائيٽ هائوس جي ڪجهه اعليٰ اختيارين ذاتي طور تي جنگ ڊگهي ٿيڻ جا خدشا ظاهر ڪيا آهن. وال اسٽريٽ جرنل جي رپورٽ موجب، نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو سميت اعليٰ اختيارين ٽرمپ کي خبردار ڪيو آهي ته ايران آمريڪي دٻاءُ خلاف مزاحمت جاري رکي سگهي ٿو ۽ تڪرار سندس صدارتي مدت جي پڇاڙي تائين به ڊگهو ٿي سگهي ٿو ٻئي پاسي ٽرمپ چيو آهي ته ايران گهڻي دير تائين آمريڪي دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهندو سندس چوڻ موجب جنگ جو بنيادي مقصد ايران کي جوهري هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ آهي ايران جنگ سبب وچ اوڀر ۾ فوجي ڇڪتاڻ سان گڏ عالمي توانائي مارڪيٽ به شديد دٻاءُ هيٺ آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

ٿي ويا. ماڻهو ٻين علائقن مان پيئڻ جو پاڻي ڀري اچڻ تي مجبور ٿي ويا. علائقي جي يو سي چيئرمين سميت واسا انتظاميا ڪن سالن کان پيئڻ جي پاڻي وارين لائينن سان گندي گٽر لائينن کي ڌار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا. جڏهن ته پراڻي لائين ۾ علائقي جي هزارين ماڻهن جي احتجاج باوجود پاڻي سپلاءِ بحال نه ڪئي ٽينڪر مافيا جا جاڙا ٿي ويا. نواز ليگ ۽ سماجي اڳواڻ مير ياسر ٽالپر پي پي اڳواڻ سيد تنوير علي شاهه سيد ڪامران شاهه، باغ ارم جي اڳواڻ طاهر جبار ميمڻ ٽنهي ڪالونين جي سماجي اڳواڻ صنم لاکو لمس ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شگفته قريشي ڊي ايس پي جميل قريشي، رستم شيخ سيد شهزور شاهه اشرف ڪيريو آفتاب ڪيريو شاهه زيب شيخ بلال شيخ مصطفيٰ ٽائون جامع مسجد جي پيش امام مولوي اقبال ميمڻ منصور احمد، رياض احمد، آفتاب انصاري، محسن قريشي، شهزاد ميمڻ شاهين پبلڪ اسڪول جي پرنسپال منظور احمد شيخ، فياض احمد، اشفاق احمد جمالي، عادل حسين خبيب مظهر علي جمالي، غلام نبي مري، سونو چانگ، سيد بختيار شاهه، سميع الله وسطڙو، وقار ميمڻ، فياض ميمڻ، عمر الدين چانگ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي ڪالونين ۾ ٻه لائينون آهن پراڻي لائين ۾ ڏينهن ۾ ٻه دفعو هڪ هڪ ڪلاڪ لاءِ بنا ٽائيم جي پاڻي ايندو آهي جڏهن ته نئين لائين ۾ ڪن سالن کان گٽر لائينون ملڻ ڪري ڌپ وارو پاڻي اچي رهيو آهي جنهن سان هر گهر ۾ ماڻهو بيمار ٿي رهيا آهن هنن چيو ته واسا جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر طفيل ابڙو، مير ياسر ٽالپر ۽ ٻين ڪالونين وارن سان ملي قسم کنيو هو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا پاڻي ته نه مليو پر هو فون کڻڻ لاءِ تيار ئي ناهي ڪجهه ڏينهن اڳ احتجاج ڪيس ڪجهه ڏينهن پاڻي مليو جيڪو وري بند ڪيو ويو آهي هنن چيو ته انتظاميا اسان جي ڪالونين جي لائينن کي بلڊر مافيا کان ڪروڙين رپيا وٺي ڳنڍي ڏنيون آهن جنهن سان گهرن جو پاڻي بند ٿي ويو آهي جڏهن ته نئين لائين کي گٽرن کان ڌار ناهي ڪيو ويو يو سي چيئرمين علي مراد ڏاهري واسا چيئرمين ميئر ڪاشف شورو کي درخواستون ڏنيون روبرو احتجاج ڪيو پر ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو يو سي چيئرمين جو چوڻ آهي ته واسا انجنيئر ۽ انتظاميا منهنجي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهن جڏهن ته يوسي چيئرمين جي علائقي ۾ صاف شفاف پاڻي ساڳي لائينن سان جاري آهي پر شايد هو اسان جي ڪالونين وارن کي مارڻ چاهن ٿا. هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ مڪاني ادارن واري وزير ناصر شاهه ۽ اسان جي علائقي جي قومي اسيمبلي ميمبر طارق شاهه جاموٽ، صوبائي وزير جام خان شورو ميئر ڪاشف شورو کان گهر ڪئي ته گٽر مليل لائينن کي صاف ڪري اسان هزارين ووٽرن کي پيئڻ جو پاڻي ڏئي انساني زندگيون بچايون وڃن ۽ جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ واڌو واهه کي بند ڪري احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 15 روزاني عبرت

سگهندا. اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي وزير لائيوسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي جمعي جي ڏينهن ڪراچي، ڪورنگي ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ جي ٽريننگ سينٽر ۾ 6 مهينن جو ڊپلوما ڪورس ۽ انٽرنشپ ڪندڙ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڪورس ۾ ڪم ايندڙ سائنسي اوزار (انسٽرومينٽس) ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان کان اڳ، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙي صوبائي وزير ۽ آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪندي هن تربيتي پروگرام بابت ڄاڻ ڏني ان موقعي تي سيڪريٽري لائيوسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊي جي پولٽري سنڌ ڊاڪٽر صلاح الدين شاهه ۽ ڊي ايس لائيوسٽاڪ محمد عمران به موجود هئا

بقايا 16 روزاني عبرت

ٿي سگهي ٿو ۽ قرارداد به منظور ڪري سگهجي ٿي پر ان باوجود سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي منظوري ڪانسواءِ صوبي بابت ڪو به فيصلو نٿو ٿي سگهي. سنڌ اسيمبلي اڳ ئي سنڌ جي ورهاڱي واري قرارداد رد ڪري چڪي آهي، تنهن ڪري هاڻي قومي اسيمبلي ۾ اهڙي قرارداد پيش ڪرڻ جي ڪا ضرورت باقي نه رهي آهي البت ان معاملي تي ڳالهائڻ تي ڪا پابندي ناهي سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته جيڪڏهن سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي هوٽلن ۽ يونيورسٽين ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي ته اسيمبلين ۾ ڇو نٿي ٿي سگهي، پر صوبائي اسيمبلي جي منظوري ڪانسواءِ اهڙي قرارداد تي عمل نٿو ٿي سگهي. هن چيو ته پيٽروليم شين تي وفاقي حڪومت پاران لاڳو ڪيل ليوي ٽيڪس ختم يا گهٽ ٿيڻ گهرجي جماعت اسلامي جي ميمبر طرفان پيٽرول جي قيمتن ۽ ليوي بابت ٻه ڏينهن اڳ سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل قرارداد جي سنڌ حڪومت مڪمل حمايت ڪئي ۽ اها قرارداد منظور پڻ ٿي، جنهن ۾ وفاقي حڪومت کان ليوي گهٽائڻ يا ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب دنيا جي مختلف ملڪن ۾ به قيمتون وڌي رهيون آهن

بقايا 17 روزاني عبرت

خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن تي سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران ڪراچي ۾ غير معياري ۽ انساني صحت لاءِ نقصانڪار گوشت وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروايون جاري آهن سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪلري واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي وڏي انگ ۾ مئل جانورن جو گوشت هٿ ڪري ورتو. ضلعي سائوٿ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ اٿارٽي جي هدايتن تي ٽيم آگره تاج جي ويجهو هڪ گهر تي ڇاپو هنيو جتي جانورن کي ذبح ڪيو پئي ويو ڪارروائي دوران جانور ذبح ڪندڙ قصائي کي گرفتار ڪيو ويو

بقايا 18 روزاني عبرت

حراست ۾ ورتو ويو - جڏهن هو گاڏي هلائي رهيو هو - جڏهن "سيف سٽي" ڪيمرائن ان ڪار جي نشاندهي شڪي طور تي ڪئي اعليٰ اختيارين جي حڪم تي انسپيڪٽر وقار اعوان (ايس ايڇ او يوسف پلازا) کي معطل ڪيو ويو آهي ۽ سندس خلاف محڪماتي ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي آرٽلري ميدان جي ايس ايڇ او ڪامران اشعر ٻڌايو ته سيف سٽي عملي کي وائي ايم سي اي گرائونڊ ويجهو هڪ شڪي ڪار بابت اطلاع مليو جنهن کانپوءِ ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي آرٽلري ميدان ٿاڻي تي آندو ويو. هن انڪشاف ڪيو ته ڊرائيور انسپيڪٽر وقار اعوان (ايس ايڇ او يوسف پلازا) هو

بقايا 19 روزاني عبرت

ريسڪيو عملدارن موجب غوطا خورن ٻار جو لاش ٻاهر ڪڍي ورتو آهي. ان وڏي رقبي واري پلاٽ تي موجود پاڻي جي اونهائي 30 فوٽن کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي ريسڪيو اختيارين ٻڌايو ته ٻئي دوست شام جو اتي پاڻي ۾ وهنجڻ لاءِ آيا هئا، ٻه ڄڻا ته ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا،

بقايا 20 روزاني عبرت

محفل جو اهتمام ڪيو ويو. پُروقار تقريب ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي، فنانس ويلفيئر ۽ لاجسٽڪس ڊي آءِ جيز هيڊڪوارٽرز اسٽيبلشمينٽ، ٽريننگ، ڪي اينڊ اي آءِ جيز هيومن رائٽس ايڊمن ڪي اينڊ ٽي ايس ايس پي ميڊيا اينڊ پبلڪ رليشنز ايس ايس پي سينٽرل پير طريقت الحاج الحافظ غلام محمد سهواڻي قادري، فضيلة الشيخ محدث محمد يحييٰ الڪتاني الازهري جامع الازهر الشريف (مصر)، محقق اسلام مفتي ڊاڪٽر محمد ابراهيم الازهري (اسلامي اسڪالر)، ڊاڪٽر محمد وسيم الازهري، ڊاڪٽر عزيز الازهري (ميمبر اسلامي نظرياتي ڪائونسل) سميت سي پي او جي سينيئر پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ نعت خوان دانيال شاهه پنهنجي خوبصورت آواز ۾ سرڪار دو عالم ﷺ جي شان ۾ نعت رسول مقبول ﷺ پيش ڪئي. تقريب ۾ فضيلة الشيخ محدث محمد يحييٰ الڪتاني الازهري جامع الازهر الشريف (مصر) ۽ پير طريقت الحاج الحافظ غلام محمد سهواڻي قادري سيرت النبي ﷺ تي روشني وڌي. سرڪار دو عالم ﷺ جي ولادت باسعادت کان پوءِ قيصر ۽ ڪسريٰ جي محلن جا بنياد لرزي ويا، فارس ۾ گذريل هڪ هزار سالن کان روشن باهه وسامي وئي ۽ خانه ڪعبه ۾ موجود سڀئي بت ڪري پيا. — الحاج الحافظ غلام محمد سهواڻي قادري گذريل سال به سينٽرل پوليس آفيس ۾ هن تقريب جو اهتمام ڪيو ويو هو جيڪو انتهائي خوش آئند عمل آهي. — الحاج الحافظ غلام محمد سهواڻي قادري سرڪار دو عالم ﷺ کي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ويو آهي. — محمد يحييٰ الڪتاني الازهري جامع الازهر الشريف (مصر) ايڊيشنل آءِ جي ويلفيئر فنانس ۽ لاجسٽڪس مظفر علي شيخ محفل کي خطاب ڪندي سمورن شرڪت ڪندڙن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيا. ايڊيشنل آءِ جي ويلفيئر فنانس ۽ لاجسٽڪس پنهنجي مختصر خطاب ۾ پياري محبوب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي شان اقدس بيان ڪئي. تقريب جي پڇاڙيءَ تي پير طريقت الحاج الحافظ غلام محمد سهواڻي قادري سنڌ پوليس جي شهيدن لاءِ خصوصي دعا ڪئي.

بقايا 21 روزاني عبرت

قانوني معاملن تي مشاورت جو عمل جاري آهي انهن معاملن تي جامع ۽ تفصيلي غور ڪيو ويندو جڏهن ته سمورن لاڳاپيل ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو ويندو گلگت بلتستان جي عوام جي حق جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ترجمان موجب وفاقي وزير جي صدارت هيٺ جمعي ڏينهن جي بي اشوز ورڪنگ گروپ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ گلگت بلتستان دفاع واري وزارت، پرڏيهي وزارت، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وزارت ۽ گلگت بلتستان ڪائونسل جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ گلگت بلتستان جي آئيني، قانوني، مالي ۽ انتظامي معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو

بقايا 22 روزاني عبرت

علائقي جي هڪ ڪمپائونڊ ۾ اهم ڪامياب ڪارروائي ڪئي جنهن ۾ 5 دهشتگرد مارجي ويا سي ٽي ڊي خيبرپختونخواهه مطابق ايس پي سي ٽي ڊي پشاور ريجن کي تصديق ٿيل اطلاع مليو ته ڪالعدم تنظيم آءِ ايس ڪي پي جا دهشتگرد شمشتو ڪيمپ ويجهو ڪابل انگلش لينگويج سينٽر ارمڙ ٿاڻي واري علائقي ۾ هڪ ڪمپائونڊ ۾ موجود آهن جتي هو حساس ادارن، امام بارگاهن ۽ گرجاگهرن تي بم ڌماڪن سميت ٻين وڏين دهشتگرد ڪارروائين جي منصوبه بندي ڪري رهيا آهن

بقايا 23 روزاني عبرت

قدم ضروري آهن حڪومتي ادارن صوبائي عملدارن اسڪول سول سوسائٽي مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ خاندان پنهنجي ٻارن جو تحفظ هڪ گڏيل قومي ذميواري بڻائين جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب آصفه ڀٽو زرداري ٻارن جي تحفظ جي حوالي سان پنهنجي بيان ۾ چيو ته هر ٻار کي گهر، اسڪول، معاشري ۽ هاڻي وڌندڙ حد تائين ڊجيٽل جي دنيا ۾ به محفوظ ماحول ۾ پرورش ماڻڻ جو مڪمل حق حاصل آهي. ٻارن جي خلاف تشدد، بدسلوڪي، استحصال يا غفلت کي ڪڏهن به نجي معاملو معاشرتي روايت يا ڪنهن بدقسمت صورتحال جي طور تي نظرانداز نه ڪري سگهجي. جڏهن ڪنهن ٻار کي نقصان پهچي ٿو ته معاشرو پنهنجي بنيادي ذميواري، يعني نگهداشت ۽ تحفظ جي ذميواري، پوري ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿو هن چيو ته سڄي دنيا ۾ ٻار بدستور جسماني تشدد، انساني اسمگلنگ، جبري پورهئي، گهٽ عمر جي شادي، استحصال ۽ آن لائين بدسلوڪي کي منهن ڏئي رهيا آهن گڏيل قومون ڪيترائي ڀيرا خبردار ڪري چڪيون آهن ته ٻارن جي خلاف تشدد وسيع پيماني تي موجود آهي تنهن هوندي به ان کي روڪي سگهجي ٿو ٻارن جي تحفظ جي لاءِ سياسي عزم، مضبوط ادارا ۽ مسلسل قدم ضروري آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ اها ذميواري خاص طور تي وڌيڪ گهرجائو آهي. ٻارن جي آن لائين استحصال بابت تازا ثبوت اسان کي ياد ڏيارين ٿا ته ٻارڙن کي درپيش خطرا تيزي سان تبديل ٿي رهيا آهن ٽيڪنالاجي کي ٻارن جي لاءِ موقعن تعليم ۽ علم ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي، ان کي ڪڏهن اهڙو دروازو نه بڻجڻ گهرجي جنهن جي ذريعي ڏوهاري پيشي عنصر ۽ شڪاري ذهنيت رکندڙ ماڻهو ٻارن جي زندگين تائين پهچ حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته ٻارن جو تحفظ ڪنهن سانحي جي ٿيڻ کانپوءِ شروع نه ٿيڻ گهرجي پر ان کان شروع ۾ ئي روڪٿام سان ٿيڻ گهرجي باخبر والدين، محفوظ اسڪولن، تربيت يافته استادن، فوري ردعمل ڏيندڙ پوليس ۽ سماجي خدمتن، مضبوط حفاظتي نظام، ذميوار ڊجيٽل پليٽ فارمز ۽ اهڙي ڪميونٽيز سان جيڪي ڪنهن ٻار کي خطري ۾ ڏسي آواز اٿارڻ جي لاءِ تيار هجن ۽ جتي ڪنهن ٻار جي خلاف ڏوهه ٿي چڪو هجي، اتي نه خاموشي هجڻ گهرجي، نه بدنامي جو خوف ۽ نه ئي ڏوهاري کي تحفظ ملڻ گهرجي

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪندي جان جو نذرانو پيش ڪري تاريخ ۾ پنهنجو نالو سدائين جي لاءِ امر ڪري ڇڏيو. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد (نشانِ حيدر) جي 61هين ورسيءَ تي پنهنجي پيغام ۾ شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪندي صدر چيو ته ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد جي عظيم قرباني ملڪ وطن جي مٽيءَ جي تقدس ۽ ملڪي دفاع جي لاءِ اٽل عزم جو روشن مثال آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪورٽ، پشاور هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، جڏهن ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار شرڪت ڪئي. قانون ۽ انصاف وارو سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري، آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن ۽ ڊائريڪٽر جنرل نيشنل سائبر ايمرجنسي ريسپانس ٽيم خاص دعوت تي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ قومي عدالتي سڌاراجاتي فريم ورڪ کي عالمي قانون جي حڪمراني جي اهڃاڻن سان هم آهنگ ڪرڻ، قانون جي حڪمراني ۽ عدالتي سڌارا ٽريڪنگ پورٽل کي 15 مارچ 2027 ع تائين سمورن عدالتي سطحن تائين مڪمل فعال ڪرڻ ۽ عدالتي انگن اکرن جي وقت سر درستي ۽ مضبوط رسد لاءِ ميڊيا ۽ اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن سيل کي فوري طور تي فعال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪميٽي جبري گمشدگين جي ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ ازالي جو طريقيڪار ۽ تجويز ڪيل ڪميشن جوڙڻ جي معاملي قانون ۽ انصاف واري وزارت کي ڪارروائي جلد مڪمل ڪري ايندڙ اجلاس ۾ جامع رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي چيف جسٽس آف پاڪستان جي صدارت هيٺ ڪميٽي قومي متحده اي فائلنگ ۽ اليڪٽرانڪ عدالتي رڪارڊ نظام کي عدالتي شعبي جي ڊجيٽل تبديلي، شفافيت، رسد ۽ عدالتي ڪارروائي کي وڌيڪ آسان بڻائڻ طرف اهم قدم قرار ڏنو

بقايا 26 روزاني عبرت

ته ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي غلامي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد ۽ باوقار رياست قائم ڪئي سندس بي مثال قيادت قومي تاريخ جو روشن ترين باب آهي پنهنجي پيغام ۾ محسن نقوي چيو ته قائد اعظم جي شخصيت ۾ ڪردار جي بلندي، سچائي ۽ عمل جي هڪجهڙائي نمايان هئي

بقايا 27 روزاني عبرت

قوم لاءِ مشعل راهه آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قائداعظم محمد علي جناح رڳو هڪ ملڪ قائم نه ڪيو پر قوم کي هڪ اهڙو ويزن ڏنو جيڪو برابري جي حقن، قانون جي حڪمراني، ضمير ۽ عقيدي جي آزادي ۽ سڀني لاءِ برابر موقعن تي ٻڌل هو هن چيو ته قائداعظم کي حقيقي خراج عقيدت اهو ئي آهي ته انهن اصولن کي مضبوطي سان اختيار ڪيو وڃي جن لاءِ قائداعظم جدوجهد ڪئي پيپلزپارٽي چيئرمين چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو قائداعظم جي جمهوري ويزن کي اڳتي وڌايو ۽ اهڙي پاڪستان لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون

بقايا 28 روزاني عبرت

احترام سان ملهائي وئي باباءِ قوم جي يوم وفات تي مزار قائد تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو جڏهن ته اهم سياسي ۽ سماجي شخصيتن اعليٰ سرڪاري عملدارن به مزار تي حاضري ڀري، قائداعظم جي اڳواڻي ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن ڌار وطن پاڪستان جي قيام سان انگريزن جي هڪ هٿي کان نجات ڏياري، قائداعظم محمد علي جناح 25 ڊسمبر 1876ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو هن شروعاتي تعليم 1882ع ۾ پنهنجي اباڻي شهر ۾ حاصل ڪئي ۽ 1893ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ برطانيه هليا ويو قائداعظم 1896ع ۾ بئريسٽر جو امتحان پاس ڪيو ۽ واپس وطن آيو پنهنجي قانوني قابليت ۽ اصول پسندي سبب جلد ئي ان جو شمار ننڍي کنڊ جي ناليوارن قانوندانن ۾ ٿيڻ لڳو قائداعظم وطن واپسي کانپوءِ عملي سياست جي شروعات ۽ 1906ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ شامل ٿيو وقت گذرڻ سان گڏ کيس ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي سياسي حقن ۽ مفادن جي حوالي سان ڪانگريس جي پاليسين تي خدشا پيدا ٿيا، قائداعظم محمد علي جناح 1913ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي

بقايا 29 روزاني عبرت

علي جناح جا اصول اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط اسان لاءِ مشعل راهه آهن موجوده وقت ۾ اتحاد تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه قائداعظم محمد علي جناح جي 78هين ورسي جي موقعي تي مزار قائد تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي صوبائي ڪابينا جا ميمبر ۽ اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي جي مزار قائد آمد تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سندس آجيان ڪئي، جنهن کانپوءِ وڏي وزير ۽ گورنر کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو وڏي وزير مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ درج ڪيا بعد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته اڄ هو پنهنجي ڪابينا سان گڏ باني پاڪستان محمد علي جناح جي 78هين ورسي جي موقعي تي مزار قائد تي حاضري ڀري رهيا آهن ۽ قائداعظم کي خراج عقيدت پيش ڪن ٿا

بقايا 30 روزاني عبرت

پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن پاران سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ ۾ جامع سڌارن بابت تجويز ڪيل ترميمي بل سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو آهي ايم ڪيو ايم پاڪستان موجب تجويز ڪيل ترميمون سپريم ڪورٽ جي فيصلن ۽ آئين جي آرٽيڪل 140-اي جي روشني ۾ تيار ڪيون ويون آهن جن جو مقصد مڪاني حڪومتن کي حقيقي طور بااختيار بڻائڻ آهي ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران تجويز ڪيل بل ۾ ميئر ۽ چيئرمين کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي وئي آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

هڙتال دوران هنگاما ۽ ڀڃ ڊاهه واري ڪيس ۾ 6 جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي عدالت سمورن جوابدارن کي 50، 50 هزار رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو عدالت فيصلي ۾ چيو ته ڪيس موجب جوابدار صبح ساڍي 6 وڳي زبردستي دڪان بند ڪرائي رهيا هئا، جڏهن ته ڪاروباري مرڪزن ۾ دڪان عام طور صبح 9 وڳي کانپوءِ کلندا آهن عدالت قرار ڏنو ته جاچ آفيسر دڪاندارن جا بيان رڪارڊ نه ڪيا،

بقايا 32 روزاني عبرت

ڪرائڻ لاءِ بيڪ ڊور رابطا ڪامياب ٿي ويا. ذريعن موجب، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ٻنهي سياسي پارٽين وچ ۾ ڊيڊ لاڪ ختم ڪرائي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت پيپلز پارٽي سان ڳالهين ۽ رابطن لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي مڪمل مينڊيٽ ڏنو هو جنهن کانپوءِ پيپلز پارٽي قانونسازي جي معاملي تي نرمي ڏيکارڻ لاءِ راضي ٿي وئي آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

ڪانپوءِ شهر جو ماسٽر پلان نه ٺهيو جڏهن ته لڳ ڀڳ 15 سال اڳ زمينن جي الاٽمينٽ تي پابندي لڳائي وئي جنهن سبب مختلف مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پٽواري، مختيارڪار ۽ تپيدار جو موجوده نظام به عملي طور تي ٺپ ٿي چڪو آهي، جنهن کي جديد گهرجن موجب اپ گريڊ ڪرڻ جي ضرورت آهي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان چيو ته آباد جي شڪايتن تي 5 ڀتاخورن جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرايا ويا آهن، جڏهن ته ڪراچي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ پوليس جي پهرين ترجيح آهي هن چيو ته ڀتاخوري ۾ ملوث 40 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. اهي ڳالهيون هنن آباد هائوس ۾ منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون. تقريب ۾ آباد جي اڳوڻي چيئرمين محسن شيخاڻي سينيئر وائيس چيئرمين سيد افضل حمدي، وائيس چيئرمين طارق عزيز، چيئرمين ڏاکڻي خطي احمد اويس ٿانوي، مختلف ضلعن جا ڊپٽي ڪمشنر ايس ايس پيز ۽ آباد جي ميمبرن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا 34 روزاني عبرت

صوبي ۾ راندين جي سرگرمين جي مؤثر نگراني ۽ راندين جي ميدانن، اسپورٽس تنظيمن ۽ راندين جي سهولتن بابت جامع ڊيٽا مرتب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان حوالي سان سيڪريٽري راندين کاتي سنڌ منور علي مهيسر جي صدارت هيٺ راندين کاتي جي ضلعي اسپورٽس آفيسرن جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سڄي سنڌ ۾ راندين جي سرگرمين، اسپورٽس تنظيمن ۽ راندين جي ميدانن بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڊائريڪٽر راندين اسد اسحاق، ڊپٽي سيڪريٽري سراج احمد، ڪراچي ڊويزن جي ضلعي اسپورٽس آفيسرن اسماعيل شاهه، فريد علي شڪيل احمد، محمد عثمان سني پروين خاجرا نواب ڪائنات، ايس او علي ڏنو گوپانگ سميت ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن کان سڄي صوبي ۾ منعقد ٿيندڙ سمورن راندين جي سرگرمين ۽ اسپورٽس تنظيمن جي تفصيلي فهرست طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته جيئن راندين جي سرگرمين جو رڪارڊ مرتب ڪرڻ سان گڏ لاڳاپيل اسپورٽس تنظيمن جي حيثيت جو پڻ جائزو وٺي سگهجي

بقايا 35 روزاني عبرت

جوابدارن سان گڏجي فوڊ اٿارٽي جي ملازمن تي حملو ڪيو جڏهن ته جوابدارن جي قبضي مان پستول پڻ هٿ آيو. جسٽس جمال مندوخيل سوال ڪيو ته ڇا فوڊ اٿارٽي بنا وارنٽ ڪنهن جي حدن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؟ ڇا ڪنهن جي حدن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فوڊ اٿارٽي بااختيار آهي؟ سرڪاري وڪيل جواب ڏنو ته اسان وٽ جعلي کير بابت پڪي انٽيليجنس هئي. جسٽس مندوخيل سوال ڪيو ته ڇا اطلاع ملڻ ڪانپوءِ ڪنهن جي حدن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملي وڃي ٿي؟ جوابدار جي وڪيل چيو ته سمورا الزام ڪوڙا آهن. 8 جوابدارن جي ضمانت ٿي چڪي آهي جوابدار کير جو ڪاروبار ڪندو آهي ۽ 6 مهينن کان جيل ۾ آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

شهر جي مختلف ٿاڻن جا اوچتا دورا ڪري پوليس جي ڪارڪردگي، آفيسرن ۽ اهلڪارن جي حاضري، وردي ۽ ڊيوٽي ۽ شهرين کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو جائزو ورتو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب پڻ صوبائي گهرو وزير سان گڏ ٿاڻن جي دوري ۾ موجود رهيو.صوبائي گهرو وزير اوچتن دورن جي شروعات فيروز آباد ٿاڻي کان ڪئي، جتي هن ٿاڻي جي مختلف شعبن حوالات ۽ ٻين انتظامن جو معائنو ڪيو هن ٿاڻي تي موجود شهرين کان سندن مسئلن ۽ پوليس بابت شڪايتن بابت پڇائو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي شهرين جون شڪايتون فوري طور حل ڪرڻ ۽ کين هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ضياءالحسن لنجار حوالات ۾ قيد ماڻهن کان پڻ پوليس جي رويي ۽ کين فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت معلومات ورتي هن ٿاڻن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي حاضري ۽ وردي ۾ ڊيوٽي يقيني بڻائڻ تي سختي سان زور ڏيندي چيو ته پوليس اهلڪارن کي لازمي طور وردي ۾ ڊيوٽي انجام ڏيڻي پوندي،

بقايا 37 روزاني عبرت

انفارميشن حيدرآباد ۾ اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ اطلاعات کاتي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ، مرحليوار ڊجيٽل بڻائڻ آفيسرن جي پيشورانه صلاحيتن ۾ واڌارو ڪرڻ صحافتي ادارن سان رابطن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ کاتي جي مجموعي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ بابت مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو ان کان اڳ، ڊائريڪٽر اطلاعات حيدرآباد شهزاد احمد شيخ ۽ ڊائريڪٽوريٽ جي ٻين آفيسرن صوبائي سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر اشتهارات محمد يوسف ڪابورو ۽ اطلاعات آفيسر اشتهارات ذوالفقار علي ڪوسو جو استقبال ڪيو. گڏجاڻي دوران ڊويزن ۽ ضلعي اطلاعات کاتي جي آفيسرن پنهنجي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني ۽ کاتي کي درپيش مسئلن کان صوبائي سيڪريٽري اطلاعات کي واقف ڪرايو

بقايا 38 روزاني عبرت

قاسم گل جو لاش مليو آهي پوليس موجب بظاهر اها طبعي موت لڳي ٿي، لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

جي بلاڪ ايل (Block L)۾ واقع بلديه اسڪول جي فٽبال گرائونڊ ويجهو پيش آيو فوت ٿيلن جا لاش ۽ زخمين کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واقعي ڪانپوءِ امدادي ڪارروائين لاءِ رضاڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. ايس پي ويسٽ جي ترجمان تصديق ڪئي ته مومن آباد ۾ اسڪول جي خستہ حال ديوار ڪرڻ سبب پنج ماڻهو فوت ۽ ٻه زخمي ٿيا بيان ۾ ٻڌايو ويو ته ست ماڻهو ملبي هيٺ دٻجي ويا هئا،

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4448-334152958-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR THE DESIGN AND IMPROVEMENT OF NASHPA AND SINJHORO CAMPS	28.09.2026 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334468931-2026	PROVISION OF HEAVY OIL PROCESSING FACILITIES FOR RAJIAN FIELD, CHAKWAL	28.09.2026 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-4452-334259424-2026	SERVICES FOR OVERHAULING AND REWINDING OF ELECTRICAL MOTORS	30.09.2026 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-60-4403-333353346-2026	HIRING OF FUMIGATION SERVICES	30.09.2026 1430 Hrs
5.	OGDC-SCM-FB-CB-PEFD- PEFD-333555568-2026	SPARE PARTS OF DANIEL GC 500 AND 700 SERIES	15.10.2026 1430 Hrs
6.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-333801403-2026	SUPPLY OF 9 – 5 / 8" & 7" CASING	15.10.2026 1430 Hrs
7.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-DKN-333754117-2026	SUPPLY OF LUBE OIL FILTERS FOR GAS TURBINES	15.10.2026 1430 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **22.08.2026** and **29.08.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-LCB-CSR-DAANISH-332927469-2026	ESTABLISHMENT OF DAANISH SCHOOL AT TURBAT, DISTRICT KECH, BALOCHISTAN	21.09.2026 1430 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331072422-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK SERVICES FOR KOHLU EXPLORATION LEASE (E.L)	28.09.2026 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.148/11

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پيٽرول مهانگو، عوام تي وڌندڙ بار ۽ حڪومتي ذميواري

صفحو 4

راجا زاهد اختر

ڇا ڏهن سالن بعد مصنوعي ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟

صفحو 4

ڪُليل ذهن ئي سجاڳپ ۽ ترقيءَ جو آغاز آهي!

مير قائم خان ٽالپر

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن — 12 سيپٽمبر

صفحو 4

شهدادڪوٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پلاٽ تي قبضي ۽ پرنسپال جي جبري بدلي خلاف احتجاج

پلاٽ تي قبضي ۽ پرنسپال جي جبري بدلي خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا، احتجاجي مارچ ۽ ڌرڻو

قبضہ مافيا ڀلي زيادتي پئي ڪري هڪ طرف قبضو تہ ٻئي طرف پرنسيپال کي جبري بدلي ڪيو ويو آهي: شهري

گسٽا جي ڏنل سڏ تي سيڪنڊري جي استادن اسڪولن اندر ڪاريون پٽيون ٻڌي واقعي تي احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو

شهدادڪوٽ ڪلي جي پلاٽ تي قبضي ۽ پرنسپل جي جبري بدلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) ڊگري بوائز ڪاليج شهدادڪوٽ جي پلاٽ تي قبضي ۽ پرنسپال جي جبري بدلي نا منظور شهري روڊن تي نڪري آيا مارچ ۽ ڌرڻو تعليمي ادارن اندر احتجاج رپورٽ موجب بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ جي قيمتي پلاٽ تي مبينہ قبضي ۽ اهڙي عمل خلاف شهرين سان گڏ سراپا احتجاج ۾ رهندڙ پرنسپال پروفيسر خالد ڪتياڻ جي جبري بدلي تي شهري ڪاوڙجي پيا ۽ شهر جي سياسي سماجي ڌرين احتجاجي مارچ ڪندي مظاهرو ڪيو ۽ شهر جي مکيہ چوڪ ڪوٽو موٽو چوڪ تي شاميانا اڏي ۽ رڪاوٽون وجهي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي پ پ ش پ جي منير احمد بروهي وڏير ڪوسو قوم پرست اڳواڻ حبدار مير جت ۽ ٻين چيو تہ قبضہ مافيا ڀلي زيادتي پئي ڪري هڪ طرف قبضو تہ ٻئي طرف پرنسيپال کي جبري بدلي ڪيو ويو آهي شهري اهڙي زيادتي برداشت نہ ڪندا هوڏانهن گسٽا جي ڏنل سڏ تي سيڪنڊري جي استادن اسڪولن اندر ڪاريون پٽيون ٻڌي واقعي تي احتجاج رڪارڊ ڪيو ويوان موقعي تي گسٽا جي اڳواڻن شڪيل ستار ڀٽي ۽ وحيد مراد ڀٽي گهر ڪئي آهي تہ تعليمي ادارن جي قيمتي پلاٽن تي قبضہ ۽ ادارن جي سربراهن کي جبري طور بدلي ڪرڻ واري روايت جا نتيجا خطرناڪ نڪرندا ۽ تعليمي ماحول تي خراب اثر پوندا

سنڌ جو عوام اڄ بہ تعليم، صحت، روزگار ۽ امن امان کان محروم آهي: راشد محمود سومرو

حڪمران عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ بدران پنهنجي اقتدار ۽ مفادن جي تحفظ ۾ مصروف آهن

لکين ٻار تعليم کان محروم آهن، ڪيترن ئي علائقن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج موجود ناهن، نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ناهن

مٽياري سميت سنڌ جي ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ سرڪاري اسپتالن جي حالت انتهائي خراب آهي: ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب

مٽياري (ڊ ر) جمعيت علماء اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامہ راشد محمود سومرو مٽياري ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ سنڌ جو عوام اڄ بہ تعليم، صحت، روزگار ۽ امن امان جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهي، جڏهن تہ حڪمران عوامي مسئلا حل ڪرڻ بدران پنهنجي اقتدار ۽ مفادن جي تحفظ ۾ مصروف آهن علامہ راشد محمود سومرو چيو تہ مٽياري سميت سنڌ جي ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ سرڪاري اسپتالن جي حالت انتهائي خراب آهي. مريض علاج جون سهولتون نہ ملڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن تہ حڪومت پاران اربين رپيا مختص ڪرڻ باوجود عوام کي بنيادي طبي سهولتون ميسر ناهن هن چيو تہ سنڌ ۾ لکين ٻار تعليم کان محروم آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج موجود ناهن. نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ناهن جڏهن تہ ٻئي طرف منشيات جو زهر نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي هن چيو تہ سنڌ ۾ قبائلي جهيڙن، ڦرلٽ ۽ ڏوهن جي ڪلچر عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. پوليس پڻ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهي آهي حڪومت کي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ رڳو اعلانن بدران عملي قدم کڻڻا پوندا. علامہ راشد محمود سومرو چيو تہ سنڌ جي زمين، وسيلن ۽ ٻيٽن تي سنڌ جي عوام جو حق آهي. سنڌ جي وسيلن تي ڪنهن کي بہ سوديبازي ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي سنڌ جي تقدير جا فيصلا سنڌ جا عوام پاڻ ڪندا. هن چيو تہ سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سياسي مصلحتن کان مٿانهون ٿي ڪارروائي ڪرڻي پوندي، منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف بنا فرق جي آپريشن ڪيو وڃي ۽ نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي. جمعيت علماء اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل چيو تہ جمعيت علماء اسلام عوام جي حقن لاءِ ميدان ۾ موجود آهي اسان چاهيون ٿا تہ سنڌ ۾ تعليمي نظام بهتر ٿئي، اسپتال فعال ٿين، نوجوانن کي روزگار ملي، امن قائم ٿئي ۽ منشيات جو خاتمو آندو وڃي هن چيو تہ عوام کي هاڻي رڳو دعوتن ۽ واعدن جي نہ پر ذميواري ۽ عملي ڪردار جي ضرورت آهي سنڌ جا عوام پنهنجي حقن لاءِ متحد ٿين ۽ ظلم، ناانصافي، ڪرپشن، بدامني ۽ منشيات خلاف پنهنجي آواز بلند ڪن علامہ راشد محمود سومرو چيو تہ الله جي مدد، عالمن جي دعائن ۽ سنڌ جي عوام جي طاقت سان ان شاءَ الله اهڙي سنڌ جي تعمير لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي، جتي قرآن ۽ سنت، قانون جي بالادستي، امن، تعليم ۽ عوام جي بنيادي حقن جو تحفظ هجي ورڪرز ڪنوينشن کي صوبائي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي، حاجي عبدالمالڪ ٽالپر سميت صوبائي ۽ ضلعي اڳواڻن خطاب ڪيو

ميهڙ ۾ عوامي تحريڪ جي عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ ريلي

سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش خلاف ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي

پيپلز پارٽي اقتدار جي لالچ ۾ سنڌ جو سودو ڪيو آهي پر اسان کي قبول ناهي: مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش، سنڌ جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن تي قبضن، ڪارپوريٽ فارمنگ، جلالپور ڪئنال سميت سمورن نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي منصوبن خلاف عوامي تحريڪ جي عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ ميهڙ ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي راڌڻ اسٽاپ کان شروع ٿي گهنٽا گهر چوڪ تائين پهتي جنهن جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر مرڪزي ليگل ايڊوائيزر ايڊووڪيٽ نجيب مهيسر سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ اعتزاز گائينچو ايڊووڪيٽ ذوالفقار چانڊيو ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي ايڊووڪيٽ امتياز مهيسر ايڊووڪيٽ غلام شبير ڪوسو رستم علي سرگاني ايڊووڪيٽ علي محمد رڪي ايڊووڪيٽ حسيب مهيسر ۽ گلزار چانڊيو ڪئي ريلي ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن، نوجوانن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ پيپلز پارٽي اقتدار جي لالچ ۾ سنڌ جو سودو ڪيو آهي. محسن نقوي صدر زرداري جو ريجهو ساٿي آهي وفاقي حڪومت جيڪا سنڌ ورهائڻ جي سازش پئي ڪري سا حڪومت پيپلز پارٽي جي سهڪار سان قائم آهي. پيپلز پارٽي جيڪڏهن حڪومت ڇڏي ڏي تہ سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪندڙ حڪومت ئي ختم ٿي ويندي پر پيپلز پارٽي حڪومت کان ڌار ٿيڻ بدران بلاول کي وزيراعظم بڻائڻ جي لالچ ۾ سنڌ جي وحدت جو سودو ڪيو آهي. سنڌ ورهائڻ جي سازش ۾ پيپلز پارٽي ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڪرائيم پارٽنر آهي اڳواڻن چيو تہ سنڌ ورهائڻ جي مهم هلائيندڙ لاهور جي خانگي يونيورسٽين جا لائسنس رد ڪيا وڃن. سنڌ ورهائڻ جي مهم هلائيندڙ ملڪ ڪوڙڻ جي سازش ڪري رهيا آهن سنڌ ورهائڻ جي مهم هلائيندڙ آمريڪي ايجنٽ آهن اڳواڻن چيو تہ سنڌ جي زمين پاڻي، قدرتي وسيلن ۽ وحدت خلاف ٿيندڙ هر سازش کي سنڌ جو عوام رد ڪندو، سنڌ کي انتظامي يونٽ جي نالن تي ورهائڻ يا سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو

سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، زمينن ۽ معدني وسيلن تي
قبضن، جلالپور سميت سمورن ڪئنالن، ڊيمن ۽
ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف
عوامي سجاڳي مهم

ميهڙ عوامي تحريڪ جي عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏگهڙي ۾ منشيات جي وڪري ۽ واهپي خلاف آگاهي واڪ

پوليس، سول سوسائٽي، استادن ۽ شاگردن پاران آگاهي واڪ ڪيو ويو

منشيات معاشري لاءِ هڪ سنگين ناسور آهي، نوجوان نسل تباهہ پيو ٿئي: مظاهرين

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ منشيات خلاف ڏگهڙي پوليس سول سوسائٽي، استادن ۽ شاگردن جي ڀرپور آگاهي واڪ، پوليس، شاگردن استادن ۽ سول سوسائٽي جي وڏي انگ ۾ شرڪت، منشيات جي مڪمل خاتمي تائين ڪار وايون جاري رکڻ جو عزم، منشيات خلاف جاري مهم جي سلسلي ۾ ڏگهڙي پوليس پاران شهرين ۾ شعور ۽ آگاهي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ ڀرپور عوامي آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو. واڪ جي شروعات ڏگهڙي ٿاڻي کان ٿي جيڪا ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي (رجسٽرڊ) وٽان ٿيندي محمدي چوڪ تي پڄاڻي تي پهتي آگاهي واڪ ۾ پوليس اهلڪارن شاگردن استادن سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي واڪ جي شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ منشيات خلاف مختلف نعرا ۽ پيغام لکيل پلي ڪارڊ موجود هئا جڏهن تہ ان موقعي تي معاشري کي منشيات جي لعنت کان پاڪ ڪرڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو آگاهي واڪ جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر علي لاشاري، ڊي ايس پي ڏگهڙي خدا بخش ٿيٻو ايس ايڇ او ڏگهڙي سنجي ڪمار ڪي اي او پرائمري ميل در محمد شالماڻي ٽي اي او سيڪنڊري تيجا رام، پرنسپال هائر سيڪنڊري اسڪول عبدالستار نوحاڻي، ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي (رجسٽرڊ) جي صدر آغا روڙ امان مرغزاني ۽ ٻين گڏيل طور ڪئي واڪ دوران شرڪت ڪندڙ شهر جي مختلف رستن تان گذرندي شهرين کي منشيات جي خطرناڪ اثرن ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ معاشرتي مسئلن بابت آگاهي ڏني.ان موقعي تي ريلي کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر علي لاشاري چيو تہ منشيات معاشري لاءِ هڪ سنگين ناسور آهي، جنهن سبب نوجوان نسل جو مستقبل تباهہ ٿي رهيو آهي منشيات خلاف جاري ڪارروائين کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪمزور نہ ڪيو ويندو بلڪ علائقي کي منشيات کان مڪمل طور پاڪ ڪرڻ تائين اها مهم ۽ ڪارروايون جاري رهنديون هن چيو تہ منشيات جي خاتمي لاءِ رڳو پوليس انتظاميا جون ڪوششون ڪافي ناهن، پر والدين، استاد، شاگرد، سول سو سائٽي ۽ عام شهرين کي پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو شهرين کي گهرجي تہ منشيات فروشن ۽ منشيات جي استعمال بابت پوليس کي بروقت اطلاع ڏين جيئن معاشري مان هن لعنت جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ڊي ايس پي ڏگهڙي خدا بخش ٿيٻو ۽ ايس ايڇ او ڏگهڙي سنجي ڪمار پڻ ان عزم جو اظهار ڪيو تہ منشيات فروشن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ نوجوان نسل کي منشيات جي لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ پوليس پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني نڀائيندي رهندي واڪ ۾ شريڪ استادن شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن منشيات خلاف پوليس ۽ انتظاميا جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو تہ معاشري کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ لاءِ اهڙين آگاهي مهمن جو تسلسل سان انعقاد ضروري آهي شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ هو پنهنجي چوڌاري منشيات جي استعمال ۽ وڪري جي روڪٿام لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

ڏگهڙي منشيات جي وڪري ۽ واهپي خلاف آگاهي واڪ ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي تعلقا اسپتال جي عملي پاران احتجاجي ريلي

ڊاڪٽر مريم رخسانا کي ڊپٽي ڪمشنر پاران مبينا طور هراسان ڪرڻ جي مذمت

طبي عملي کي مبينا هراسان ڪرڻ وارن واقعن جو سنجيدگي سان نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي تعلقا اسپتال جي ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) پاران ٽنڊو الهيار ڊسٽرڪٽ هيلٿ هيڊڪوارٽر اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر مريم رخسانا کي ڊپٽي ڪمشنر پاران مبينا طور هراسان ڪرڻ واري معاملي خلاف ڏگهڙي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن مبينا واقعي خلاف نعريبازي ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا.ان موقعي تي پي ايم اي اڳواڻن ڊاڪٽر الياس جت، ڊاڪٽر رئوف پرڳڙي، ڊاڪٽر محي الدين ليٻي ڊاڪٽر ڪائنات حنيف سميت ٻين ڊاڪٽرن چيو تہ طبي عملي کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ مبينا هراسان ڪرڻ وارن واقعن جو سنجيدگي سان نوٽيس ورتو وڃي. هنن مطالبو ڪيو تہ معاملي جي غيرجانبدار شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ڊاڪٽر لڇمڻ داس ڏوميجا فئڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو ڊين مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ڄامشورو (پ ر) سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر لڇمڻ داس ڏوميجا کي فئڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو ڊين مقرر ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ڊاڪٽر ڏوميجا پنهنجي رٽائرمينٽ جي تاريخ پهرين آڪٽوبر 2028ع تائين ڊين طور خدمتون سرانجام ڏيندو ٻئي طرف سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) ڊاڪٽر لڇمڻ داس ڏوميجا کي ڊين مقرر ٿيڻ جون مبارڪون ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي تہ سندس اڳواڻيءَ ۾ فئڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو تعليمي توڙي تحقيقي معيار وڌيڪ بهتر ٿيندو ۽ جديد دور جي گهرجن مطابق تعليمي بهتري لاءِ اڳڀرايون ڪيون وينديون

شاهہ حسين ٿاٽي جي حد ۾ سينئر صحافي کان ڦريل سامان واپس، جوابدار گرفتار

ٺري ميرواهہ (ن ع) شاهہ حسين ٿاٽي جي حد ۾ سينئر صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو کان ڦريل سامان واپس جوابدار گرفتار - ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي ايس ايڇ او شاهہ حسين ٿاڻو محمد خان ابڙو مختلف هنڌن تي ڪاروائي ۽ جديد ٽيڪنالوجي ذريعي سيٺارجا جي سينئر صحافي گلاب علي سهتو جي پٽن صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو کان 8 ڏينهن اڳ خيرپور ۾ شاهہ حسين ٿاڻي جي حد نظاماڻي پوليس پڪٽ ويجهو قومي شاهراهہ تان ڦر ٿيل ميڊيا جو سامان ڪارڊ، اي ٽي ايم ڪارڊ، لوگا سنڌ بار ڪائونسل جا ڪارڊ، قومي شناختي ڪارڊ، تعليمي سرٽيفڪيٽ، موبائل فون ۽ ضروري ڪاغذات واپس ڪرائي صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو حوالي ڪري ڇڏيا آهن جڏهن تہ واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي واقعي جو ڪيس شاهہ حسين ٿاڻي ۽ سي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ڦريل سامان ۽ موبائل فون واپس ڪرائڻ ۾ ريجنل يونين آف جرنلسٽ سنڌ جي صدر غلام عباس پنهور اتر سنڌ جي صدر محمد خان ۽ ڊويزنل صدر عبدالمجيد پنهور پنهنجو ڪردار ادا ڪندي سامان واپس ڪرائي ڏنو

حيدرآباد جي مختلف علائقن جي رهواسين جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي مختلف علائقن جي رهواسين سيوهڻ شريف ۾ واقع قديمي قبرستان تي اوقاف کاتي پاران مبينا قبضي خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سيد قائم علي شاهہ،امجد ڪلهوڙو،غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي سيد قائم علي شاهہ چيو تہ اوقاف کاتي سنڌ سيوهڻ شريف ۾ سيد محفوظ حسين شاهہ جي ذاتي ملڪيت واري قديمي زيارتي قبرستان کي تالا هڻي قبضو ڪيو آهي جڏهن قبرستان جي مالڪي جي سلسلي سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ پٽيشن داخل ٿيل آهي هن چيو تہ حضرت لعل شهباز قلندر جي اولهہ ۾ سيد محفوظ حسين شاهہ وارن جو 800سال قديمي زيارتي قبرستان آهي جنهن جي ايراضي 10هزار فٽ آهي جنهن زمين جي اڌ حصي تي قديمي قبرستان آهي جنهن کي چار ديواري پڻ ڏنل آهي هن چيوتہ اوقاف کاتي موجب جاڳايل قبرستان کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تحت تالا هنيا ويا آهن جڏهن تہ ٻي طرف سيد محفوظ حسين شاهہ پاران ساڳي ماسري بابت سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ پٽيشن داخل آهي هن چيوتہ اوقاف کاتي پاران عدالتي حڪم تي ڪارروائي جو جواز جاڳائي قبرستان کي تالا هڻڻ سان لعل سائين جي زيادتين ۽ عقيدتمندن ۾ سخت مايوسي ڇانيل آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ قديمي زيارت قبرستان جي مالڪي وارو ماسرو مذهبي هم آهنگي، رواداري، احترام واري طريقي سان حل ڪيو وڃي تہ جيئن ڪنهن سان ناانصافي بہ نہ ٿئي ۽ ماسرو بہ حل ٿي وڃي

مٽياري سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف مٽياري جي وڪيلن پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف مٽياري ۾ مظاهرو

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ هڪ آهي ۽ قيامت تائين هڪ رهندي، ڪوبہ توڙي يا ٽڪرا نہ ٿو ڪري سگهي: وڪيل

مٽياري(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن مٽياري جي وڪيلن پاران سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران بار جي صدر ايڊووڪيٽ بادل ڳاهوٽي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ذيشان بشير چانڊيو ، غلام سرور خشڪ ، فيصل ابڙو ، انور لاشاري ، عاقل ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪري بار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي نعريبازي ڪئي وئي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ وڪيل شامل هئا مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ سنڌ هڪ آهي ۽ قيامت تائين هڪ رهندي سنڌ کي ڪوبہ توڙي يا ٽڪرا نہ ٿو ڪري سگهي جيستائين هڪ بہ غيرتمند سنڌي زندهہ آهي سنڌ جو ورهاڱو ناممڪن آهي

ٺٽي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جي صدارت هيٺ اجلاس

ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي بابت ويچار

آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران کنيل قدمن ۽ موجوده صورتحال بابت بريفنگ ڏني

ٺٽو(ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي بابت اجلاس ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاگٽ جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت ضلعي سطح جي ڪميٽي جو اجلاس ڪٺايل منعقد ٿيو . اجلاس ۾ پوليس، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، آءِ ايس آءِ، ايم آءِ، آءِ بي، نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ضلعي جي سيڪيورٽي صورتحال، انٽيليجنس معاملن ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران کنيل قدمن ۽ موجوده صورتحال بابت بريفنگ ڏني ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ضلعي ۾ امن امان ۽ سيڪيورٽي جي حوالي سان باهمي رابطن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي، شڪي سرگرمين ۽ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي ماڻهن بابت معلومات جي بروقت تصديق ڪئي وڃي ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون مربوط طريقي سان انجام ڏين هن چيو تہ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ موجود رڪارڊ کي اپڊيٽ رکيو وڃي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ معلومات جي بروقت ڏي وٺ کي يقيني بڻايو وڃي هن وڌيڪ هدايت ڪئي تہ سيڪيورٽي ۽ انٽيليجنس سان لاڳاپيل معاملن ۾ ڪنهن بہ اهم اڳڀرائي بابت ضلعي انتظاميہ کي فوري طور آگاهہ ڪيو وڃي، جيئن بروقت قدم کڻي سگهجن

ٺٽو اي ڊي سي ون عمران الحق اجلاس جي صدارت ڪندي

حيدرآباد ۾ ڳوٺ ڄام خان لغاري جي رهواسين جو احتجاج

ڳوٺاڻن کي ڪهاڙين هٿي زخمي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

پوليس مان برطرف ٿيل مرتضيٰ لغاري اسان غريبن جو دشمن ٿي ويو آهي: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ۾ ڳوٺ ڄام خان لغاري جي رهواسين 2 عورتن سميت 15 ڳوٺاڻن کي ڪهاڙين هٿي زخمي ڪرڻ ۽ ڳوٺ جي رستن تي هٿيارٻندن جي ناڪابندي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي زخمي پيرسن گلان ججہ، فرزانا ججہ، ميهار ججہ، انور ججہ، فيضان حنيف ۽ ٻين ڪئي احتجاج ۾ قومي عوامي تحريڪ جا اڳواڻ الطاف خاصخيلي، نذير ٻليدي، خادم سمون ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڏانهيو تہ اسان جو ڳوٺ واڙڪي وسي پرسان هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ آهي اسين هاري ۽ پورهيت آهيون بدنام ڌوڙاري ۽ پوليس مان برطرف ٿيل مرتضيٰ لغاري اسان غريبن جو دشمن ٿي ويو آهي مرتضيٰ لغاري تي ڌاڙن، ڦرڻ چورين ۽ جهيڙن جون ڪيترين ئي ايف آءِ آرز داخل آهن هن جي چٽن پاڻين ۽ پٽن مصطفيٰ لغاري، ظهير لغاري، غلام عباس، محراب لغاري، حيدر بابر نبي بخش ۽ نادر لغاري تي جهيڙن جا ڪيترائي ڪيس داخل آهن واڙڪي وسي ۽ ٻين ڳوٺن جا ماڻهو هنن ڌوڙارين سان خوفزده آهن ۽ سخت بيزار آهن هٽڙي پوليس بہ هنن کي گرفتار ڪرڻ بدران خوف ڪائي ٿي زخمين ڏانهيو تہ 6 سيپٽمبر جي شام جو مرتضيٰ ۽ مصطفيٰ لغاري جي پٽ تي ڌوڙاري ظهير لغاري، غلام عباس محراب لغاري، نبي بخش، غلام حيدر بابر ۽ نادر لغاري اسان جي گهرن ۾ گهڙي سڌيون ڪهاڙيون هٿي بن بزرگ عورتن گلان فرزانا ۽ بزرگ ميهار ججہ جي مرڻينگ ڪري ڇڏيو ڌوڙاري مرتضيٰ لغاري چوي ٿو تہ هتان لڏي وڃو نہ تہ توهان جي ٻچي ٻچي کي قتل ڪري ڇڏينداس هنن چيو تہ مرتضيٰ ۽ ان جا پاٽر اسان جي ڳوٺ ۽ زمين تي قبضا ڪرڻ چاهين ٿا هنن چيو تہ اسان 7 سيپٽمبر تي هٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو تہ هنن اسان جي ڳوٺ جا رستا بند ڪري هٿيارٻند ويهاري ڇڏيا آهن 8 سيپٽمبر تي ٻارڙا اسڪول لاءِ نڪتا تہ واڙڪي وسي جي سوري وٽ ظهير غلام عباس ۽ محراب لغاري ڪهاڙين ۽ ڏنڊن سان شاگرد عمران ۽ اڄار ججہ تي تشدد ڪري واپس ڪري ڇڏيو ڪالهہ 9 سيپٽمبر

احتجاج
دهشت گردن کي گرفتار ڪريو.
مظلوم ڳوٺاڻا ڳوٺ ڄام خان لغاري، حيدرآباد

حيدرآباد ڳوٺ ڄام خان لغاري جا رهواسي ٻالڙن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد جي واسا ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ 70 هين ڏينهن بہ احتجاج

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون: ملازم

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 70 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوويو ان موقعي تي هنن چيو تہ حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوتہ 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوتہ ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿيڻ ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.

اپيل اپيل
اپيل
اپيل

حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

عمرڪوٽ ۾ پاپوليشن کاتي جي ڊليوري بعد عورتن جي اجرت ۾ مبينا بي ضابطگيون

آفيسر سميت اڳوڻن آفيسرن، موجوده اڪائونٽنٽ ۽ ٻيا مبينا طور خردبرد ۾ شامل آهن:ذريعا

پاپوليشن کاتي جي عمرڪوٽ ۽ نيو ڇور واري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: سجاڳ ڌريون

ڇور (رپورٽ: لالجي سوڍو) پاپوليشن کاتي طرفان ڊليوري بعد عورتن لاءِ مقرر ڪيل اجرت جي رقم جي ورڇ واري نظام بابت عمرڪوٽ ضلعي ۾ سنگين سوال اٿڻ لڳا آهن. جتي ذريعن موجب عمرڪوٽ توڙي نيو ڇور ۾ مبينا طور تي عورتن جي حقن جي رقم ۾ بي ضابطگين جو سلسلو جاري آهي ذريعن موجب نيو ڇور ۾ علي اڪبر لغاري جي مبينا ملوث هجڻ سان ڊليوري وارين عورتن جي رقم ۾ مبينا طور تي خردبرد ڪئي پئي وڃي، جڏهن تہ عمرڪوٽ ۾ پاپوليشن آفيسر سميت اڳوڻن آفيسرن، موجوده اڪائونٽنٽ ۽ ٻين مبينا ڪردارن جي ملوث هجڻ جون ڳالهيون پڻ سامهون اچي رهيون آهن ذريعن جو چوڻ آهي تہ ڊليوري بعد عورتن کي ملندڙ مقرر اجرت سندن حق آهي پر مبينا طور تي اها رقم حقدار عورتن تائين مڪمل طور تي پهچڻ بدران مختلف ماڻهن جي مفادن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي علائقي جي شهرين ۽ سماجي ڌرين مطالبو ڪيو آهي تہ پاپوليشن کاتي جي عمرڪوٽ ۽ نيو ڇور واري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن آفيسر يا عملي جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون اچن تہ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ٺري ميرواهہ لڳ چورين جو آزار نہ گهٽجي سگهيو

ٺري ميرواهہ(ن ع) ٺري ميرواهہ لڳ چورين جو آزار نہ گهٽجي سگهيو ٺري ميرواهہ لڳ ڪرڙي پل تي ڏينهن جو موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر پوليس خاموش تماشائي بڻيل ڳوٺ سارنگ جوڳي جو رهواسي غلام حسين جوڳي ميرواهہ پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو تہ مان غريب مسڪين پورهيت آهيان مان پنهنجي ڏاڏي جي دوا لاءِ گمبٽ وڃي رهيو هس تہ سوئي گئس چوڪي جي ڀرسان ڪرڙي پل تي چار هٿيار بندن موٽڪان سي ڊي موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم موبائل ڦر ڪري فرار ٿي ويا مان ايس ايس پي خيرپور کي اپيل ٿو ڪيان تہ موٽڪان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائل روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي

حيدرآباد جي آن فارم مئنيجمينٽ ايگريڪلچر جي ڪچن ملازمن جو احتجاج

ڪچن ملازمن ڏيڍ سال کان بنا جواز نوڪرين مان ڪڍي پگهارون بند ڪرڻ خلاف دانهيو

سال 2019 ۾ ڀرتي ڪيو ويو، نوڪرين کي جواب ڏئي پگهارون بند ڪيون ويون آهن: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي آن فارم مئنيجمينٽ ايگريڪلچر جي ڪچن ملازمن ڏيڍ سال کان بنا جواز نوڪرين مان ڪڍي پگهارون بند ڪرڻ خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي برطرف ڪيل ملازمن عبدالستار ڪوسو،ڪرم علي گلبهار ٻبر چيو تہ اسان کي سال 2019 ۾ ڪچن ملازمن طور ڀرتي ڪيو ويو هو جنهن بعد اسان پنهنجي نوڪري ايمانداري سان ادا ڪئي پر ان باوجود ڏيڍ سال اڳ بناجواز نوڪرين کي جواب ڏئي پگهارون بند ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ان دوران اسان جي ڏيڍ سال جي پگهار اداري ڏانهن رهيل هئي هنن چيو تہ اسان کي رهتون ادا ڪرڻ کان سواءِ نوڪري مان ڪڍي بيروزگار ڪيو ويو هنن چيو تہ اسان ڊي جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر اسان جي ڪير بہ نہ ٻڌي. هنن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ ماضي جو نوٽيس وٺي پگهارون جاري ڪرائي نوڪرين تي بحال ڪيو وڃي

حيدرآباد ايريگيشن جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

سوڀوديرو تعلقي جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ هڪرادو واڌ، شهرين ۾ ڳڻتيءَ جي لهر

ڪڻڪ جي مبينا ذخيره اندوزي ۽ وڌندڙ اگهن سبب اٽي جي قيمتن ۾ پڻ مسلسل واڌ ٿيڻ لڳي، اختياريون خاموش

مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جو اگهہ وڌي 5100 رپيا في مڻ تائين پهچي ويو پرچون مارڪيٽ ۾ اٽو 5600 رپيا في مڻ وڪرو

ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ اوچتي واڌ سبب گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ تمام مشڪل بڻجي ويون

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو تعلقي جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ هڪرادو واڌ، شهرين ۾ ڳڻتيءَ جي لهر پکڙيل،انتظاميہ منظر تان غائب، شهرين پاران احتجاج جو ڇتاءُ ڏنو ويو،رپورٽ موجب؛ تعلقي سوڀوديرو جي مختلف شهرن راڌڻ پور، هنگورجا، سگهيون، سمي، نواڙي سيٺارجا ۽ ڀرياسي جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪڻڪ جي مبينا ذخيره اندوزي ۽ وڌندڙ اگهن سبب اٽي جي قيمتن ۾ پڻ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي، جنهن ڪري غريب ۽ پورهيت طبقو سخت متاثر ٿيڻ لڳو آهي،ان حوالي سان مليل ڄاڻ موجب ڪڻڪ جو اگهہ وڌي 5100 رپيا في مڻ تائين پهچي ويو آهي جڏهن تہ پرچون مارڪيٽ ۾ اٽو 5600 رپيا في مڻ تائين وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ اوچتي واڌ سبب گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ روزمره جون غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ تمام مشڪل بڻجي ويون آهن. شهرين جو الزام آهي تہ ڪجهہ واپاري مبينا طور ڪڻڪ ذخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ مصنوعي کوٽ پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اگهہ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. شهرين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي، ناجائز منافعي خوري ۽ اٽي جي وڌندڙ اگهن جو فوري نوٽيس وٺي مارڪيٽ جي نگراني سخت ڪئي وڃي. شهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ انتظاميا پاران بروقت قدم نہ کنيا ويا تہ صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي. هنن خبردار ڪيو تہ ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ گهٽتائي نہ آئي ۽ ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. شهرين سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتي کان مطالبو ڪيو آهي تہ عوام کي مقرر ۽ مناسب اگهن تي اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ فوري عملي قدم کنيا وڃن جڏهن تہ تعلقي جي مختلف تنظيمن ۽ سياسي سماجي سول سوسائٽي مطالبو ڪيو آهي تہ فوري عملي قدم نہ کنيا ويا تہ احتجاج ڪيو ويندو.

ميهڙ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بجلي جي 11 هزار تارن جي چوري معمول بڻجي وئي

بجلي جي 11 هزار تارن جي بار بار چوري ٿيڻ سبب ڳوٺاڻن فيڊر جي ٿنڀن تي پاڪ ڪتاب رکي ڇڏيا

تارن جي چوري ڪندڙ جوابدارن خلاف سيپڪو، گرڊ انتظاميہ توڙي پوليس ڪا بہ ڪاروائي نہ پئي ڪري: ڳوٺاڻا

اسين چندو ڪري تارون لڳايون ٿا تہ چور چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا، سوين ڳوٺن جي بجلي بند هجڻ ڪري انتهائي پريشان آهيون

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بجلي جي 11 هزار تارن جي چوري معمول بڻيل آهي جنهن ڪري بجلي جي تارن جي چوري سبب سوين ڳوٺ اونداهي ۾ ٻڏل آهن بجلي جي 11 هزار تارن جي بار بار چوري ٿيڻ سبب ڳوٺاڻن مايوس ٿي ميهڙ انڊس هاءِ وي سان علي مردان فيڊر جي بجلي جي ٿنڀن تي پاڪ ڪتاب رکي ڇڏيا آهن علي مردان فيڊر جي رهواسي ڳوٺاڻن صفدر جتوئي ، جواد احمد نادر مهيسر ۽ ٻين چيو تہ بجلي جون 11 هزار تارون چوري ٿيڻ معمول بڻيل آهن بجلي جي تارن جي چوري ڪندڙ جوابدارن خلاف سيپڪو ، گرڊ انتظاميہ توڙي پوليس ڪا بہ ڪاروائي نہ پئي ڪري ڪيس چورن سان مليل آهن اسين چندو ڪري تارون لڳايون ٿا تہ چور چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا، هنن چيو تہ علي مردان فيڊر جي سوين ڳوٺن جي بجلي بند هجڻ ڪري انتهائي پريشان آهيون

ڊي سي ٽنڊوالهيار عوام جو هڏ ڏوکي انسان آهي: عبدالستار گراڙو

نور مصطفيٰ لغاري عوامي شڪايتن تي سول اسپتال پهچي وزٽ ڪيو: دانش سومرو

ڊي سي کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ ايم ايس ۽ ٻين ڊاڪٽرن استعيفي ڏنيون: اسماعيل شاهہ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) پيپلز پارٽي جو منشور عوامي منشور آهي جتي جتي ڪرپشن ٿئي ٿي اتي اسان جا اعليٰ آفيسر ۽ چونڊيل نمائيندا پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال شروع کان وٺي مسئلن جي ور چڙهيل هئي دوائن ۽ ٻين ڪمن جي مد ۾ ڪروڙين رپيا کاڌا ويا غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي اهڙي خيالن جو اظهار پ پ پ جي اڳوڻي تعلقہ صدر عبدالستار گراڙو دانش سومرو اسماعيل شاهہ گلزار خاصخيلي ۽ ٻين ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هنن چيو تہ اسان پارٽي سان گڏ سماجي ڪمن ۾ بہ حصو وٺي رهيا آهيون ڊي سي ٽنڊوالهيار عوام جو هڏ ڏوکي انسان آهي سندس ڪوشش کي ساراهيون ٿا جنهن عوامي شڪايتن تي سول اسپتال پهچي وزٽ ڪيو ۽ سندن ڪرپشن جا چٽا ثبوت عوام سامهون آندا پر سندس ڪاوشن کي ساراهڻ بجاءِ سندس مخالفت ڪري ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ ايم ايس ۽ ٻين ڊاڪٽرن استعيفي ڏنيون پر اسان ڊي سي جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا ۽ عوام جو پئسو کائيندڙن کي بخش نہ ڪنداسين هنن چيو تہ ڊاڪٽري پيشو مسيحا پيشو آهي جنهن کي بدنام ڪندڙن خلاف فوري ايڪشن ڪيو وڃي تيل جي مد ۾ دوائن جي مد ۾ لکين روپيا کاڌا ويا جن وٽ ڪک بہ نہ هو اهي اڄ ڪروڙ پتي بڻجي چڪا آهن سندن احتساب ٿيڻ گهرجي هنن وڌيڪ چيو تہ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي ڪروڙين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي پر هاڻ چپ ڪري ويهنداسين هنن وزيراعليٰ سنڌ صحت جي صوبائي وزير ، سيڪريٽري صحت ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي تہ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ٿيندڙ ڪرپشن جي انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن خلاف سخت ايڪشن ڪيو وڃي ۽ ڊي سي کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ استعيفي ڏيندڙ ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن جي استعيفي منظور ڪري کين برطرف ڪيو وڃي

CLUB
TANDO ALLAHYAR PRESS CLUB
ٽنڊوالهيار پريس ڪلب

ٽنڊوالهيار پ پ پ جي اڳوڻي تعلقہ صدر عبدالستار گراڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري طرفان اڳوڻي رجسٽرار محمد حسين شيخ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڄامشورو (پريس رليز): سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي رجسٽرار، اڳوڻي ايڊوائيزر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سيل ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر 21 گريڊ جي رٽائرڊ آفيسر محمد حسين شيخ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر مري چيو آهي تہ مرحوم محمد حسين شيخ سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ قابل، تجربيڪار ۽ فرض شناس آفيسر هو جنهن مختلف اهم انتظامي عهدن تي رهندي، يونيورسٽيءَ جي ترقي، بهتري ۽ ادارتي استحڪام لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون هن چيو تہ محمد حسين شيخ بطور رجسٽرار ايڊوائيزر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سيل ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پنهنجي ذميوارين کي انتهائي ايمانداري، محنت ۽ پيشہ ورانہ صلاحيتن سان نڀايو سندس يونيورسٽي جي ترقي لاءِ ڪيل خدمتن کي هميشہ ياد رکيو ويندو. وائيس چانسلر مرحوم جي پونئرن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي ڏکي در دعا ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ مرحوم محمد حسين شيخ کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس پونئرن کي هي صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ۽ صبر عطا فرمائي

پي ايم اي سنڌ جي صوبائي اڳواڻ پاران ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار جي اڏنگي رويي جي مذمت

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) سنڌ جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ۽ صوبائي اڳواڻ ڊاڪٽر محمد زمان بلوچ ضلعي سول اسپتال ٽنڊو الهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران ڪيل انسپيڪشن ۽ اتي موجود طبي عملي سان اختيار ڪيل رويي تي سخت افسوس ۽ مذمت جو اظهار ڪيو آهي ڊاڪٽر محمد زمان بلوچ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ واقعي جي مذمت ڪندي چيو تہ معائني جي نالي تي سينيئر ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ کي ڪلاڪن تائين هراسان ڪرڻ ۽ سندن تذليل ڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول ناهي هن چيو تہ اسپتال هلائڻ ڪنهن ريونيو کاتي کي هلائڻ جيان آسان ناهي. ريونيو کاتو پاڻ ڪرپشن سان ڀريو پيو آهي، تنهن ڪري ڊپٽي ڪمشنر کي گهرجي تہ پهريان پنهنجي ريونيو کاتي ۽ پنهنجي آفيس جي حالتن کي بهتر بڻائي هن وڌيڪ چيو تہ انسپيڪشن جو هڪ باقاعده ۽ پيشہ ورانہ طريقيڪار هوندو آهي ڊي سي کي گهرجي ها تہ اڳواٽ وقت مقرر ڪري، اسپتال کان اپڊيٽس وٺي ۽ جيڪڏهن اسپتال انتظاميا ۾ ڪا کوٽ يا خامي نظر اچي ها تہ ان کي سڌارڻ لاءِ مناسب وقت ڏنو وڃي ها. جيڪڏهن ان باوجود انتظاميا بهتري نہ آڻي ها تہ صحت واري وزير يا صحت کاتي جي سيڪريٽري کي خط لکي قانوني ڪارروائي جي سفارش ڪئي وڃي ها، نہ کي موقعي تي ڊاڪٽرن کي هراسان ڪيو وڃي ها. هن وڌيڪ چيو تہ اسپتال انتظاميا، خاص طور تي خاتون ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، پنهنجي وس آهر اسپتال جون حالتون بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي موجوده حالتن ۾ ڪو بہ شريف ۽ باصلاحيت ماڻهو ڪرپشن ۽ انتظامي دٻاءَ سبب ايم ايس جو چارج وٺڻ لاءِ تيار ناهي ٿيندو ڊاڪٽر محمد زمان بلوچ چيو تہ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن اهڙي رويي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ٿي ميڊيڪل ڪميونٽي کي هن واقعي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي، تہ جيئن مستقبل ۾ ڪنهن بہ انتظامي آفيسر پاران ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي سان اهڙو تذليل آميز رويو ٻيهر نہ ورجايو وڃي

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇهين بين الاقوامي عيد ميلاد النبي صہ ۽ حسنِ قرئت ڪانفرنس

مصر، تنزانيا ۽ پاڪستان سان تعلق رکندڙ نامور قارين قرآن پاڪ جي تلاوت جي سعادت حاصل ڪئي

قاري محمد بحيري خيري بحيري ۽ قاري ابراهيم مهر تلاوت سان حاضرين جي دلين کي منور ڪيو

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيجز (عربي ۽ فارسي) طرفان فيڪلٽي آف آرٽس بلڊنگ جي شيخ اياز آڊيٽوريم ۾ ڇهين بين الاقوامي عيد ميلاد النبي صہ ۽ حسنِ قرئت ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڏيهي پرڏيهي عالمن محققن ۽ قارين سميت سنڌ يونيورسٽي جي استادن شاگردن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) جي نمائندگي ڪندي مين ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهہ ڪئي جڏهن تہ خاص مهمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد صديق ڪلهوڙو هو. ڪانفرنس ۾حضور نبي ڪريم صہ جي سيرت طيبہ، اوصاف حميده، اسوه حسنہ ۽ تعليماتِ نبوي صہ کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ حسنِ قرئت جو خوبصورت روحاني مظاهرو پڻ پيش ڪيو ويو ڪانفرنس ۾ مصر تنزانيا ۽ پاڪستان سان تعلق رکندڙ نامور قارين قرآن پاڪ جي تلاوت جي سعادت حاصل ڪئي مصر کان آيل قاري محمد بحيري خيري بحيري ۽ قاري ابراهيم مهر ابراهيم محمد پنهنجي پرسوز ۽ دلنشين تلاوت سان حاضرين جي دلين کي منور ڪيو جڏهن تہ تنزانيا کان آيل قاري عثماني ياسر مظهري پڻ پنهنجي خوبصورت قرئت سان شرڪت ڪندڙن تي روحاني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي ان موقعي تي پاڪستان جي نامور قاري ياسر جمال نقشبندي پڻ حسنِ قرئت جو مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهہ پنهنجي صدارتي خطاب ۾ حضور نبي ڪريم صہ جي سيرتِ مبارڪ جي مختلف پهلوئن تي روشني وجهندي چيو تہ رسول اڪرم صہ جي تعليمات انسانيت لاءِ امن محبت، رواداري ۽ ڀلائي جو جامع پيغام آهي هن ڪانفرنس جي ڪامياب انعقاد تي ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف لينگئيجز (عربي ۽ فارسي) ڊاڪٽر مفتي محمد صاحبداد سڪندري ۽ سندس پوري ٽيم کي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ چيو تہ علمي، ادبي، ديني ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهڙا پروگرام انتهائي اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ان کان اڳ انسٽيٽيوٽ آف لينگئيجز (عربي ۽ فارسي) جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مفتي محمد صاحبداد سڪندري پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ ڏيهي پرڏيهي اسڪالرن، عالمن قارين ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر محمد صديق ڪلهوڙو چيو تہ حضور اڪرم صہ جي حياتِ مبارڪ پوري انسانيت لاءِ نيڪي فلاح ۽ ڀلائي جو مڪمل نمونو آهي پاڻ صہ سمورن انسانن کي محبت، اخوت، عدل علم برداشت ۽ حسن اخلاق جو درس ڏنو هن چيو تہ نئين نسل کي سيرت طيبہ سان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي تہ جيئن اهي حضور نبي ڪريم صہ جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگين کي سنواري سگهن هن سنڌ يونيورسٽي ۾ عالمي سطح جي علمي ۽ روحاني ڪانفرنس جي انعقاد کي ساراهہ جوڳو قرار ڏنو ان موقعي تي اعزازي مهمان طور پنهنجي خطاب ۾ خانہ فرهنگ ايران حيدرآباد جي ڪلچرل اتاشي ڊاڪٽر سعيد هاشمي عشق رسول صہ ، اسلامي تهذيب ۽ ثقافت ۽ برادر اسلامي ملڪن جي وچ ۾ علمي ۽ ثقافتي لاڳاپن جي اهميت تي روشني وڌي

UNIVERSITY OF SINDH
JAMSHORO, SINDH, PAKISTAN.
PRESIDED BY:
PROFESSOR DR. FATEH MUHAMMAD MARRI (TAMGHA E IMTIYAZ)
VICE CHANCELLOR, UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO.
ORGANIZED BY:
DR. MUFTI MUHAMMAD SAHIBDAD

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇهين بين الاقوامي عيد ميلاد النبي صہ ۽ حسنِ قرئت ڪانفرنس جو ڏيک

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءُ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 12 سيپٽمبر 2026ع

پيٽرول مهانگو، عوام تي وڌندڙ بار ۽ حڪومتي ذميواري

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ عام ماڻهوءَ لاءِ ڪنهن نئين خبر کان وڌيڪ، مهانگائيءَ جي هڪ ٻئي ڌڪ جي حيثيت رکي ٿي حڪومت پاران پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 3 رپيا 5 پئسا ۽ تيز رفتار ڊيزل جي قيمت ۾ 5 رپيا 37 پئسا واڌ کان پوءِ پيٽرول 370 رپيا 80 پئسا ۽ تيز رفتار ڊيزل 398 رپيا 4 پئسا في ليٽر ٿي ويو آهي نيون قيمتون 11 سيپٽمبر 2026ع کان لاڳو ڪيون ويون آهن بظاهر هي واڌ ڪجهه رپين تائين محدود نظر اچي ٿي پر ان جا اثر رڳو پيٽرول پمپ تائين محدود نه رهندا، پر عام ماڻهوءَ جي روزاني زندگيءَ جي تقريباً هر شعبي تائين پهچندا. اسان جي معيشت ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل رڳو گاڏين کي هلائڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ بارڻ نه آهن پر اهي سڄي معاشي سرگرميءَ سان ڳنڍيل آهن مال جي اچ وڃ، مسافرن جي آمدورفت، زرعي مشينري، صنعت، واپار ۽ روزمره جون ضرورتون سڀ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ بارڻ جي قيمتن کان متاثر ٿين ٿيون جڏهن ڊيزل مهانگو ٿئي ٿو ته سامان جي ترسيل جو خرچ وڌي ٿو جنهن جو بار آخرڪار صارف تي منتقل ٿئي ٿو اهڙيءَ ريت پيٽرول جي قيمت ۾ معمولي واڌ به مارڪيٽ ۾ شين جي اگهن تي اثر وجهي سگهي ٿي عام پگهاردار ماڻهوءَ جي آمدنيءَ ۾ اهڙي رفتار سان واڌ نٿي ٿئي جهڙي رفتار سان بجلي، گئس، بارڻ، خوراڪ، تعليم ۽ علاج جا خرچ وڌي رهيا آهن هڪ خاندان جيڪو اڳ ئي محدود آمدنيءَ ۾ گهر هلائڻ لاءِ پريشان آهي ان لاءِ پيٽرول جي قيمت ۾ هر واڌ جو مطلب آهي ته ڪيس پنهنجي بجيٽ ۾ ڪنهن ٻئي ضرورت تي ڪينچي هلائڻي پوندي. موٽرسائيڪل يا ننڍي گاڏي تي روزگار لاءِ ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ لاءِ بارڻ مهانگو ٿيڻ سڌو سنئون سندس روزانو خرچ وڌائي ٿو. ان کان به وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته تيز رفتار ڊيزل جي قيمت 398 رپيا 4 پئسا في ليٽر ٿيڻ سان زرعي شعبي تي به دٻاءُ وڌڻ جو امڪان آهي. سنڌ سميت ملڪ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ آبادگارن کي آبپاشي، ٽريڪٽر، فصلن جي تياري ۽ زرعي سامان جي اچ وڃ لاءِ بارڻ جي ضرورت پوي ٿي. جيڪڏهن بارڻ مهانگو ٿيندو ته پيداوار جي لاڳت به وڌندي ۽ ان جو اثر فصلن جي قيمتن تي پوندو. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت لاءِ رڳو بارڻ جي قيمت جو اعلان ڪرڻ ڪافي ناهي، پر ان سان لاڳاپيل معاشي اثرن کي به نظر ۾ رکڻو پوندو. حڪومت کي اهو به يقيني بڻائڻ گهرجي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو فائدو وٺندي واپارين يا ٻين شعبن پاران ناجائز منافعي خوري نه ڪئي وڃي ماضيءَ ۾ بار بار ڏٺو ويو آهي ته بارڻ جي قيمت ۾ ٿوري واڌ کي بنياد بڻائي مختلف شين ۽ خدمتن جا اگهه ضرورت کان وڌيڪ وڌايا وڃن ٿا. جڏهن ته قيمت گهٽجڻ وقت ان جو فائدو صارف تائين ساڳئي رفتار سان نٿو پهچي. حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي اهڙي رجحان تي نظر رکڻ گهرجي. پيٽرول جي قيمت 370 رپيا 80 پئسا ۽ ڊيزل جي قيمت 398 رپيا 4 پئسا في ليٽر تائين پهچڻ رڳو ٻن شين جا نوان اگهه نه آهن، پر اهي ملڪ جي معاشي حالت ۽ عوام جي برداشت جو به امتحان آهن. حڪومت کي هر قيمت وڌائڻ کان اڳ اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته ان جو بار آخر ڪنهن تي پوندو. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي معيشت جو سڀ کان اهم حصو انگ اکر نه پر اهو عام ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي محدود آمدنيءَ سان گهر، تعليم، علاج، سفر ۽ روزگار جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو. تنهنڪري پيٽروليم شين جي قيمتن جي پاليسيءَ ۾ عوامي رليف کي مرڪزي حيثيت ڏني وڃي. حڪومت جيڪڏهن مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ ۽ عوام جي قوتِ خريد بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ته معاشي پاليسين تي اعتماد وڌندو ٻي صورت ۾ هر نئين قيمت واڌ عوام جي بجيٽ تي هيٺو بار بڻجي، معاشي ڏکيائين کي وڌيڪ گهرو ڪندي رهندي.

بدلجندڙ دنيا ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

جي اين مغل

دنيا جي سياست ڪڏهن به هڪ جاءِ تي بيٺل نه هوندي آهي دنيا جي وڏين طاقتن جا پاڻ ۾ لاڳاپا، ڪنهن علائقي ۾ بدلجندڙ حالتون، معاشي فائدا، جنگيون، واپاري معاهدا ۽ ملڪن جون نيون سياسي پاليسيون، اهي سڀ شيون هر ملڪ جي پرڏيهي پاليسي تي اثر وجهنديون رهن ٿيون. پاڪستان به اهڙي اهم علائقي ۾ موجود آهي جتي اوڀر طرف ڀارت، اولهه طرف افغانستان ۽ ايران جڏهن ته اتر طرف چين آهي پاڪستان جي اِها جاگرافيائي حيثيت ان جي پرڏيهي پاليسي لاءِ شروع کان ئي تمام گهڻي اهم رهي آهي پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين ملڪ جي پرڏيهي پاليسي مختلف مرحلن مان گذري آهي ڪڏهن ملڪ جي حفاظت ۽ دفاع کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي، ڪڏهن دنيا جي وڏين طاقتن سان ويجها لاڳاپا رکڻ کي ترجيح ڏني وئي ۽ ڪڏهن پاڙيسري ۽ ٻين ملڪن سان واپاري، معاشي ۽ سياسي لاڳاپا وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هاڻي ضرورت اُن ڳالهه جي آهي ته پاڪستان پنهنجي پرڏيهي پاليسي کي دنيا ۾ ايندڙ تبديلين کي نظر ۾ رکندي هڪ صاف ۽ ڊگهي مدي واري منصوبي تحت هلائي پاڪستان جا شروعاتي سال تمام ڏکيا هئا. ملڪ کي پنهنجي دفاع لاءِ خطرا، پيسن ۽ ٻين معاشي وسيلن جي کوٽ ۽ علائقي جي سياسي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو ڀارت سان ڪشمير جو مسئلو ۽ ٻيا حفاظتي معاملا اهڙا هئا، جن جي ڪري پاڪستان جي پاليسي ۾ ملڪ جي دفاع کي تمام گهڻي اهميت ڏني وئي جڏهن دنيا ۾ سرد جنگ هلندي هئي، تڏهن پاڪستان آمريڪا ۽ اولهه جي ملڪن سان ويجها لاڳاپا قائم ڪيا. انهن لاڳاپن جي ڪري پاڪستان کي دفاع ۽ معيشت جي حوالي سان مدد ملي پر وقت گذرڻ سان اهو سوال به اٿيو ته ڇا پاڪستان هميشه دنيا جي وڏين طاقتن جي وچ ۾ پنهنجن قومي مفادن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني يا نه؟ ٻئي طرف چين سان پاڪستان جا لاڳاپا آهستي آهستي وڌيڪ مضبوط ٿيندا ويا. ٻنهي ملڪن وچ ۾ سياسي، دفاعي ۽ معاشي سهڪار وڌندو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪ مضبوط دوستي قائم ٿي اڄ چين سان لاڳاپا پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو هڪ اهم حصو سمجهيا وڃن ٿا. اڄ دنيا جي وڏين طاقتن جو نظام به تبديل ٿي رهيو آهي آمريڪا ۽ چين وچ ۾ معاشي ۽ سياسي مقابلو وڌي رهيو آهي روس ۽ اولهه جي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ آهي. وچ اوڀر جا ملڪ مسلسل بحرانن کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته افغانستان جون حالتون سڄي علائقي تي اثر وجهي رهيون آهن اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج اهو آهي ته هُو ڪنهن هڪ وڏي طاقت سان مڪمل طور تي گڏ ٿيڻ بدران اهڙي پرڏيهي پاليسي اختيار ڪري، جيڪا متوازن هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪستان جي قومي مفاد کي سامهون رکي پاڪستان لاءِ آمريڪا به اهم آهي چين به، خليجي ملڪ به، ايران ۽ ترڪي به اهم آهن ان کان علاوه وچ ايشيا جا ملڪ مستقبل ۾ پاڪستان لاءِ معاشي لحاظ کان تمام گهڻي اهميت رکي سگهن ٿا. تنهنڪري پاڪستان کي ٻين ملڪن سان لاڳاپن ۾ جهيڙي يا ٽڪراءُ بدران سهڪار ۽ توازن واري پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي اڄ جي دور ۾ ڪنهن ملڪ جي طاقت صرف ان جي فوج يا سياسي اثر رسوخ سان نه پر اُن جي معيشت سان به ماپي ويندي آهي جيڪڏهن ملڪ جي معيشت مضبوط هوندي ته اُن جي سفارتڪاري به وڌيڪ مضبوط ٿيندي. ان ڪري پاڪستان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۾ معاشي سفارتڪاري کي تمام گهڻي اهميت ڏيڻ گهرجي پاڪستان جا سفارتخانا رڳو سياسي ملاقاتن ۽ لاڳاپن تائين محدود نه هجن پر انهن کي واپار وڌائڻ، پاڪستاني شيون ٻاهرين ملڪن ۾ وڪڻڻ، پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ، سياحت کي وڌائڻ ۽ پاڪستان جي شين کي عالمي مارڪيٽ تائين پهچائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي پاڪستان وٽ ڪپڙي، زراعت، معدنيات، آءِ ٽي، راندين جي سامان، سرجيڪل اوزارن ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ دنيا جي مارڪيٽ تائين پهچڻ جي صلاحيت موجود آهي جيڪڏهن پاڪستان جي سفارتڪاري کي انهن معاشي شعبن سان ڳنڍيو وڃي ته ملڪ لاءِ واپار ۽ معيشت جا ڪيترائي نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. چين پاڪستان جو پراڻو ۽ ڀروسي وارو دوست آهي ۽ معاشي لحاظ کان به پاڪستان جو هڪ اهم ساٿي آهي.

سي پيڪ جي اچڻ سان پاڪستان ۽ چين جي معاشي لاڳاپن کي هڪ نئون رُخ مليو آهي. گوادر، بجلي ۽ توانائي، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي تعمير ۽ صنعت جي شعبي ۾ چين سان سهڪار پاڪستان لاءِ اهم موقعا پيدا ڪري رهيا آهن پر مستقبل ۾ پاڪستان کي رڳو ٻاهرين ملڪن کان سيڙپڪاري اچڻ جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ پنهنجي ملڪ جي صنعت ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن شيون وڪڻڻ (برآمدات) جي صلاحيت به وڌائڻ گهرجي چين سان پاڪستان جا لاڳاپا رڳو سي پيڪ يا سيڙپڪاري تائين محدود نه رکڻ گهرجن ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار، جديد ٽيڪنالاجي، زراعت، صنعت ۽ ماڻهن کي مختلف هنر ۽ فني ڪم سيکارڻ وارن شعبن ۾ به وڌيڪ سهڪار وڌائي سگهجي ٿو. پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا تمام پراڻا آهن انهن لاڳاپن ۾ ڪڏهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ويجهڙائپ رهي آهي ته ڪڏهن اختلاف به ٿيا آهن مستقبل ۾ پاڪستان لاءِ اِهو مناسب نه هوندو ته هو آمريڪا سان لاڳاپن کي رڳو فوجي ۽ حفاظتي معاملن تائين محدود رکي آمريڪا دنيا جي وڏي واپاري ۽ معاشي منڊين مان هڪ آهي پاڪستان کي گهرجي ته آمريڪا سان واپار، آءِ ٽي، تعليم، ٽيڪنالاجي، سيڙپڪاري ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستانين جي مدد سان لاڳاپن کي هڪ نئين معاشي بنياد تي مضبوط ڪري. پاڪستان کي اهو فيصلو ڪرڻ بدران ته آمريڪا يا چين مان ڪنهن هڪ جو ساٿ ڏيڻو آهي ٻنهي ملڪن سان پنهنجن قومي مفادن کي نظر ۾ رکندي سٺا لاڳاپا برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، قطر ۽ خليج جا ٻيا ملڪ پاڪستان لاءِ معاشي ۽ سفارتي لحاظ کان تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. لکين پاڪستاني انهن ملڪن ۾ ڪم ڪري پنهنجن گهرن ڏانهن پئسا موڪلين ٿا ۽ ٻاهرين ملڪن مان پاڪستان ايندڙ اهي پئسا ملڪ جي معيشت لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. پاڪستان کي مسلمان دنيا ۾ به پنهنجو سفارتي ڪردار وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ گهرجي سعودي عرب ۽ ترڪي سان سٺا لاڳاپا، ايران سان پاڙيسري ملڪ هجڻ وارو تعلق ۽ ٻين مسلمان ملڪن سان رابطن جي ڪري پاڪستان کي علائقي ۾ هڪ متوازن ۽ سٺو سفارتي ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. ايران ۽ افغانستان پاڪستان جا ٻه اهم پاڙيسري ملڪ آهن انهن ٻنهي سان پاڪستان جا لاڳاپا سڌي طرح ملڪ جي سلامتي، واپار ۽ علائقي جي امن سان لاڳاپيل آهن. ايران سان پاڪستان کي واپار، سرحدي سهڪار، توانائي ۽ معاشي لاڳاپا وڌيڪ وڌائڻ گهرجن جڏهن ته افغانستان سان امن، سرحد جي بهتر انتظام، واپار ۽ ٻين ملڪن تائين سامان پهچائڻ (ٽرانزٽ) جهڙن معاملن تي مسلسل سفارتي ڳالهين ذريعي اڳتي وڌڻ ضروري آهي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ۾ ڀارت هڪ اهم پر ڏکيو مسئلو آهي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪشمير سميت ڪيترائي پراڻا ۽ بنيادي مسئلا موجود آهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب نه رڳو امن متاثر ٿيو آهي پر ٻنهي ملڪن جي معيشت تي به خراب اثر پيو آهي پاڪستان کي گهرجي ته پنهنجي قومي مفادن ۽ ملڪ جي سلامتي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندي، ڀارت سان ڳالهين ۽ سفارتڪاري جا دروازا کليل رکي جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي ان جي مقابلي ۾ مضبوط معيشت، اثرائتي سفارتڪاري ۽ دنيا جي سامهون قانوني ۽ سياسي بنياد تي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ وڌيڪ ڊگهي مدي وارو ۽ فائديمند رستو ٿي سگهي ٿو.

آمريڪا جي فضائن مان

ڇا ڏهن سالن بعد مصنوعي ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟

راجا زاهد اختر خانزادو

انسان پنهنجي تاريخ جي شروعات کان ئي اوزار ٺاهيندو رهيو آهي. پٿر کي ترشي هٿيار ٺاهيائين، باهه کي قابو ۾ آڻي اونداهين کي شڪست ڏنائين، ڦيٿو ايجاد ڪيائين ۽ فاصلن کي مختصر ڪيائين، ٻاڦ کي مسخر ڪري صنعتون کڙيون ڪيائين، بجليءَ کي رڳن ۾ ڊوڙايائين ۽ رات کي ڏينهن بڻايائين. هر اوزار، هر ايجاد، هر مشين پنهنجي خالق کان گهٽ رهي، سندس حڪم جي منتظر، سندس هٿ جي محتاج، سندس ارادي کان عاري پر شايد انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اسان هڪ اهڙي مصنوعي ذهني نظام ڏانهن وڌي رهيا آهيون، جيڪو شايد هڪ ڏينهن پنهنجي خالق کان وڌيڪ تيزيءَ سان سوچڻ لڳي، جيڪو شايد اسان جي ٻولي اسان کان بهتر سمجهي، اسان جي انديشن کي اسان کان اڳ ئي محسوس ڪري وٺي ۽ اسان جي فيصلن کي اسان کان وڌيڪ صحيح انداز ۾ اڳ ئي ڄاڻي وٺي. هيءُ رڳو هڪ ٻيو اوزار ناهي. هيءُ شايد اهو پهريون مصنوعي ذهني نظام آهي جنهن جي فيصلن، اندروني استدلال ۽ مستقبل جي رخ کي اسين هميشه پوري طرح سمجهي نه ٿا سگهون ۽ اهو ئي اهو نقطو آهي، جتان هيءَ ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي، هڪ اهڙي ڪهاڻي جيڪا خوف ۽ اميد جي وچ ۾ لڏندي رهي ٿي ۽ جنهن جو انت اڃا ڪنهن به نه لکيو آهي.

ائين سيپٽمبر ٻه هزار چوويهه جي رات، هڪ ستاويهه سالن جي برطانوي رياضي دان ۽ اي آءِ محقق، جيڪب ڪاڪسن، هڪ اهڙو لفظي زلزلو برپا ڪيو، جنهن جي گونج سموري ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ ٻڌي وئي. ڪاڪسن، جيڪو ان کان اڳ اوپن اي آءِ ۽ پوءِ اينٿروپڪ ۾ ماڊلز جي بنيادي تربيت تي ڪم ڪري چڪو هو. پنهنجي استعيفيٰ جو اعلان ڪندي هڪ ڊگهي تحرير لکي، جنهن جو هڪ جملو ڪلاڪن ۾ سموري دنيا ۾ گردش ڪرڻ لڳو. هن لکيو ته اي آءِ ٺاهيندڙ ماڻهو سنجيدگيءَ سان اهو سمجهن ٿا ته هيءَ ٽيڪنالاجي هن ڏهاڪي جي پڄاڻيءَ تائين اسان سڀني کي ماري سگهي ٿي. اها ڪو تشهيري چال ناهي، هن لکيو. پر هڪ اهڙي خاموش سچائي آهي جنهن کي وڏين ڪمپنين جا اعليٰ عهديدار ۽ سينيئر محقق نجي محفلن ۾ تسليم ڪن ٿا پر عوامي سطح تي محتاط ۽ مناسب لفظن جو سهارو وٺن ٿا. ڪاڪسن اهو به لکيو ته ٻي ڪا به انساني سرگرمي هن درجي جو خطرو نٿي رکي. اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ڪاڪسن پاڻ ڪو به عددي امڪان نه ڏنو. هن اهو نه چيو ته ان جو امڪان ڏهه سيڪڙو آهي يا ويهه سيڪڙو. سندس بيان هڪ وسيع تر دعويٰ هو، هڪ اندروني احساس جي شاهدي نه ڪو حساب ڪتاب. ساڳئي ڏينهن، اينٿروپڪ جي موجوده محقق ايوان هيوبنگر جيڪو ڪمپنيءَ جي الائمينٽ شعبي جو سربراهه آهي، ساڳئي تحرير جي جواب ۾ لکيو ته ڪاڪسن صحيح چئي رهيو آهي ۽ هي به ته هو پاڻ به سچي دل سان اهو انديشو رکي ٿو ته اي آءِ سمورن انسانن کي ماري سگهي ٿي. هيوبنگر هتي پهريون ڀيرو هڪ واضح انگ ڏنو. سندس ذاتي اندازي مطابق، ايندڙ ڏهاڪي اندر ان جو امڪان ڏهه سيڪڙو کان وڌيڪ آهي. هن اهو به تسليم ڪيو ته اينٿروپڪ وٽ اڃا تائين سپر انٽيليجنس جي الائمينٽ جو ڪو مڪمل منصوبو موجود ناهي ۽ هيءَ ته ڪمپني ان طرف واضح طور تي گامزن به ناهي. هيءُ فرق سمجهڻ ضروري آهي. ڪاڪسن هڪ وسيع انديشي جو اظهار ڪيو، هڪ اهڙي دعويٰ جيڪا صنعت اندر موجود خوف ۽ بي يقينيءَ بابت هڪ غير معمولي اندروني تصوير پيش ڪري ٿي. هيوبنگر هن انديشي کي هڪ انگ ڏنو پر اهو انگ به ڪو سائنسي حساب نه هو، پر هڪ تجربيڪار محقق جو ذاتي، دياتدار پر غير يقيني اندازو هو.

ڪاڪسن جي اها تحرير انٽرنيٽ تي سئو ملين کان وڌيڪ دفعا ڏٺي وئي ۽ هيءُ رڳو هڪ انگ ناهي پر هن ڳالهه جي علامت آهي ته عام انسان جي دل ۾ به هيءُ سوال ڪٿي گهرائيءَ ۾ دٻيل ويٺو آهي. ساڳئي هفتي، دنيا جي مشهور ترين ۽ بااثر اي آءِ سائنسدانن مان هڪ، نوبل انعام يافته جيفري هنٽن، جنهن کي اي آءِ جو گاڊ فادر به چيو وڃي ٿو بي بي سي جي هڪ انٽرويو ۾ اهڙي ڳالهه چئي جنهن انٽرويو وٺندڙ صحافيءَ کي ڪجهه دير لاءِ خاموش ڪري ڇڏيو. هنٽن چيو ته ڏهه سيڪڙو جو امڪان ته اي آءِ انسانيت کي ختم ڪري ڇڏي، ڪو غير معقول اندازو ناهي. پر هن ساڳئي ساهه ۾ اهو به واضح ڪيو ته ڪو به شخص، جنهن ۾ هو پاڻ به شامل آهي، هن امڪان جو ڪو صحيح، سائنسي ۽ اعتماد جوڳو اندازو لڳائڻ جو طريقو نٿو ڄاڻي. هن اهو به ٻڌايو ته سندس پنهنجو اندازو وقت سان گڏ بدلجندو رهيو آهي. ڪڏهن هن چيو هو ته ٽيهه کان پنجاهه سال لڳندا، پوءِ هن پنهنجي اندازي کي ڏهه کان ويهه سالن تائين محدود ڪيو ۽ هاڻي هو چوي ٿو ته شايد ڏهه سال، شايد ان کان به گهٽ. هيءَ تبديلي پاڻ هن ڳالهه جي شاهد آهي ته هيءَ ڪو سائنسي، ثابت ٿيل انگ ناهي پر هڪ ماهر جي بدلجندڙ مخلصانه پر غير يقيني راءِ آهي. سندس مطابق، اي آءِ کي انسانيت کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪنهن روبوٽ يا جسماني طاقت جي ضرورت ناهي. هوءَ خطرناڪ حياتياتي عناصر جي تياريءَ ۾ انسانن جي مدد ڪري سگهي ٿي، تباهه ڪن سائبر حملن جي صلاحيت وڌائي سگهي ٿي ۽ ڳالهه ٻولهه ۽ اثرانداز ٿيڻ ذريعي سماجي افراتفري پيدا ڪري سگهي ٿي.

پر هتي هڪ ڳالهه کي نظرانداز ڪرڻ بدديانتي ٿيندي ۽ اها هيءَ ته ساڳئي ميدان سان واڳيل معتبر سائنسدانن، محققن ۽ ٽيڪنالاجي شخصيتن جي وچ ۾، هن معاملي تي سخت ۽ بنيادي اختلاف موجود آهي. ميٽا جو سربراهه مصنوعي ذهانت ۽ ٽيورنگ ايوارڊ يافته سائنسدان يان ليڪن هن سموري خطري کي لڳ ڀڳ زيرو جي ويجهو سمجهي ٿو. مارڪ اينڊريسن، جيڪو دنيا جي بااثر ترين ٽيڪنالاجي سرمائيدارن مان شمار ٿئي ٿو، هن امڪان کي مڪمل طور تي رد ڪري ٿو ۽ دليل ڏئي ٿو ته ذهانت جو مطلب خودمختيار ارادو يا خواهش ناهي هوندو. ٻئي پاسي، يوشوا بينجيو، جيڪو پاڻ گڏيل قومن جي سائنسي پينل جو شريڪ سربراهه آهي، هن خطري کي لڳ ڀڳ ويهه سيڪڙو سمجهي ٿو. اينٿروپڪ جو سربراهه ڊاريو امودائي ڏهه کان پنجويهه سيڪڙو جو امڪان ٻڌائي ٿو. ايلون مسڪ ڏهه کان ويهه سيڪڙو جي وچ ۾ ڪٿي بيٺل آهي ۽ ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي هن خطري کي لڳ ڀڳ يقيني سمجهن ٿا. مصنوعي ذهانت جي ميدان سان واڳيل انتهائي بااثر محققن، سائنسدانن، صنعتڪارن ۽ سرمائيدارن جا اندازا ويجهو صفر کان وٺي انتهائي بلند سطح تائين پکڙيل آهن. انهن اندازن جي مدت ۽ تباهه ڪن نتيجي جي وصف به هميشه هڪجهڙي ناهي، ان ڪري انهن کي ڪنهن هڪ سائنسي پيماني جا انگ سمجهڻ صحيح نه ٿيندو. هن اختلاف جو سڀ کان اهم مطلب اهو ئي آهي ته هن وقت انساني معدوميت جي امڪان تي ڪا به سائنسي اتفاقِ راءِ موجود ناهي.

ان دوران، اينٿروپڪ پنهنجي تازي ترين خطراتي رپورٽ جاري ڪئي، جيڪا ڊسمبر ٻه هزار پنجويهه کان آگسٽ ٻه هزار ڇويهه تائين جي عرصي جو احاطو ڪري ٿي. رپورٽ ۾ حياتياتي غلط استعمال جي پنجن معاملن جو ذڪر ڪيو ويو، جن مان هڪ واضح ڪيس چڪن گنيا نالي وائرس سان لاڳاپيل هو جتي ماڊل کي اهڙي گين آف فنڪشن تحقيق سان لاڳاپيل مدد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جو مقصد چڪن گنيا وائرس کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائڻ ٿي سگهيو. ساڳئي رپورٽ جي ٻين حصن ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته روس، چين ۽ ايران سان واڳيل رياستي يا رياست سان لاڳاپيل عنصرن سائبر حملن، جاسوسي ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پنهنجن مخالفن جي نگرانيءَ لاءِ به هن ٽيڪنالاجيءَ جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جيڪا ڳالهه هن رپورٽ کي سڀ کان وڌيڪ ايماندار بڻائي ٿي، اها ڪمپنيءَ جو اهو کليل اعتراف آهي ته هوءَ هميشه يقين سان اهو نٿي چئي سگهي ته ڪا خاص تحقيقي ڪوشش جائز سائنسي مقصد، جيئن ڪنهن ويڪسين جي تياري لاءِ هئي يا بدنيتيءَ تي ٻڌل هئي. اها ئي اها نازڪ لڪير آهي جنهن کي سائنس جي ٻوليءَ ۾ ٻٽو استعمال چيو وڃي ٿو ۽ اِها ئي اُها لڪير آهي جيڪا حياتياتي تحقيق کي هن سموري بحث جو سڀ کان حساس ترين ڪنڊو بڻائي ٿي. ڇاڪاڻ ته ايٽمي هٿيار لاءِ يورينيم جي افزودگي جهڙو واضح، نگراني جوڳو مرحلو گهربل هوندو آهي، پر هڪ وائرس کي موذي بڻائڻ ۽ ساڳئي وائرس جي خلاف ويڪسين ٺاهڻ جي وچ ۾ علم جو فرق ڪڏهن ڪڏهن رڳو ڪجهه تجرباتي قدمن جو فاصلو رکي ٿو.

پر هتي هڪ ٻي امانتداري به ضروري آهي ۽ اها هيءَ ته اڄ جي مصنوعي ذهانت ۽ سڀاڻي جي فرضي سپر انٽيليجنس جي وچ ۾ فرق ڪيو وڃي. اڄ تائين، ڪنهن هڪ به معتبر ذريعي اهو ثابت نه ڪيو آهي ته ڪنهن موجوده اي آءِ نظام غير محدود، خودڪار خود بهتريءَ جي صلاحيت حاصل ڪري ورتي آهي. پاڻ ايوان هيوبنگر واضح طور تي چيو ته موجوده ماڊلز کان خطرو گهٽ آهي ۽ اصل انديشو ان سپر انٽيليجنس کان آهي جيڪا مستقبل ۾، خودڪار خود بهتريءَ ذريعي، جنم وٺي سگهي ٿي. اڄ جا نظام انسان جي ٺاهيل ڪمپيوٽنگ ڍانچي، انسان جي ڏنل اجازتن ۽ انسان جي تعمير ڪيل بنيادي نظامن تي مڪمل طور تي منحصر آهن. ڪنهن پاور گرڊ، ڪنهن بئنڪنگ نظام يا سموري دنيا جي مواصلاتي ڍانچي کي خودمختار طور تي مفلوج ڪري ڇڏڻ جو منظرنامو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن سنسني خيز رپورٽنگ ۾ اهڙي طرح پيش ڪيو وڃي ٿو ڄڻ ته اها هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي، حقيقت ۾ اڃا تائين رڳو هڪ قياسي، فرضي امڪان آهي. ان جي باوجود، اهو چوڻ به اوترو ئي ضروري آهي ته موجوده اي آءِ ماڊلز جي سائبر ڪاروايون، نگراني، حياتياتي تحقيق ۽ غلط معلومات جي پکيڙ ۾ مددگار بڻجڻ جا عملي مثال سامهون اچي چڪا آهن. توڙي جو انهن مان ڪيترين ئي ڪوششن کي پاڻ ڪمپنين وقت سر روڪي ڇڏيو. اينٿروپڪ جي پنهنجي رپورٽ هن سموري تضاد جي جيئري شاهد آهي: خطرو حقيقي به آهي ۽ ان کي پکڙڻ جي صلاحيت به موجود آهي. خطرو هن ڳالهه ۾ ناهي ته ڪا مشين اڄ اٿي انسانيت جي خلاف بغاوت ڪري ڇڏيندي. خطرو هن ڳالهه ۾ آهي ته هڪ نسبتاً محدود وسيلا رکندڙ بدنيت فرد يا گروهه، اڄ جي ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، اها صلاحيت حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪا ڪڏهن وڏن ادارن يا رياستي وسيلن جي محتاج سمجهي ويندي هئي.

ساڳئي حوالي سان، انهن ڪمپنين جي اندروني رويي جو جائزو وٺڻ به ضروري آهي جيڪي هن ٽيڪنالاجي کي جنم ڏئي رهيون آهن. اينٿروپڪ، جيڪا هن بحث جي مرڪز ۾ بيٺل آهي، پنهنجي حفاظتي پاليسيءَ کي بار بار مضبوط ڪيو آهي. پنهنجن ماڊلز ۾ اعليٰ سطح جون حفاظتي پرتون فعال ڪيون آهن ۽ پنهنجن ملازمن لاءِ اهڙو نظام قائم ڪيو آهي، جنهن تحت هو اندروني انديشا ڪليل طور تي رپورٽ ڪري سگهن. گوگل ڊيپ مائنڊ به پنهنجي حفاظتي فريم ورڪ کي مسلسل اڳتي وڌايو آهي ۽ ڪيترن ورجن بعد پنهنجي نظام کي وڌيڪ تفصيلي بڻايو آهي. پر اوپن اي آءِ جي ڪهاڻي وڌيڪ پيچيده آهي. ساڳئي ڪمپني گذريل ٻن سالن ۾ چار الڳ الڳ حفاظتي ٽيمون تحليل ڪيون آهن، جن ۾ اها ٽيم به شامل هئي جيڪا خاص طور تي سپر انٽيليجنس کي قابو ۾ رکڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي. هن ٽيم جي سربراهه، رخصت ٿيندي، هڪ اهڙو جملو لکيو جيڪو اڄ به حوالي طور استعمال ٿئي ٿو: حفاظتي ثقافت ۽ طريقيڪار پوئتي رهجي ويا آهن ۽ چمڪندڙ شيون اڳتي نڪري ويون آهن. پر عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته ساڳئي اوپن اي آءِ، هن سال آگسٽ ۾، جڏهن سندس هڪ اڻ جاري ٿيل ماڊل اندروني جاچ دوران خارجي نظامن تائين غير متوقع رسائي حاصل ڪري ورتي ته ڪمپني پنهنجي سڀ کان وڏي منصوبابند تربيتي سرگرمي روڪي ڇڏي ۽ پنهنجي حفاظتي دستاويز کي ٻيهر لکڻ شروع ڪري ڏنو.

(هلندڙ)

کُليل ذهن ئي سچائپ ۽ ترقيءَ جو آغاز آهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون مهاتما گوتم ٻڌ جي انهن لفظن سان شروع ڪريان ٿو جن ۾ هُو چوي ٿو ته 'سڀ انساني ڏک سچائيءَ جي روبرو نه ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿين ٿا.' مون کي ياد پوي ٿو ته ڪجهه وقت اڳ مختلف اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي دنيا جي مشهور فٽبالر سايو مانيءَ جي هڪ تصوير شايع ٿي هئي جنهن ۾ هُن جي هٿ ۾ ڀڳل موبائل فون موجود آهي سندس تعلق اولهه آفريڪا جي ملڪ سينيگال سان آهي انهيءَ وقت ۾ سندس هڪ هفتي جي ڪمائي پاڪستاني رپين ۾ تقريبن ٽي ڪروڙ رپيا ٿي ٿي پر ڪيترين ئي هنڌن تي هن جي هٿ ۾ هڪ ڀڳل موبائل ڏٺو ويو هو هڪ انٽرويو دوران جڏهن هُن کان انهيءَ جي باري ۾ پڇيو ويو ته سندس جواب هو ته 'آئون اِهو ٺهرائي وٺندس' جڏهن کانئس اِهو پڇيو ويو ته هُو نئون موبائل ڇو نٿو وٺي؟ تڏهن هُن جواب ڏنو ته 'آئون اهڙا هڪ هزار موبائل سيٽ وٺي سگهان ٿو، ڏهه فراري گاڏيون وٺي سگهان ٿو، ٻه جيٽ جهاز وٺي سگهان ٿو هيرن جواهرن سان سجيل گهڙيون پائي سگهان ٿو پر مون کي انهن شين جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ مون غربت ڏٺي آهي جنهن جي ڪري آئون پڙهي نه سگهيس اڄ آئون اسڪول ٺهرايان ٿو انهيءَ نيت سان ته ڪوبه معصوم ٻار غربت جي ڪري تعليم جهڙي زيور کان محروم نه رهي مون وٽ پائڻ جي لاءِ جُتي به نه هوندي هئي ۽ آئون اگهاڙن پيرن سان کيڏندو هئس مون ڪڏهن به سٺا ڪپڙا نه پاتا هئا ۽ مون ڪڏهن به پيٽ ڀري ماني نه کاڌي هئي اڄ جڏهن مون وٽ سڀ ڪجهه آهي ته اِهو آئون ڏيکاءُ ڪرڻ بدران پنهنجي ماڻهن جي ڀلائيءَ جي لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيان ٿو.' اِهو سچ سايو مانيءَ پنهنجي عروج تي پهچي ٻڌايو ته اسان وٽ کائڻ جي لاءِ نه هو، مون وٽ پائڻ جي لاءِ جُتي نه هئي اِهي سڀ اُهي ڳالهيون آهن جيڪي هن سچائيءَ سان اسان تائين پهچايون جڏهن ته ٻئي پاسي اسان اهڙين سچائين کي بيان ڪرڻ پنهنجي توهين سمجهون ٿا ۽ سچ جي اکين ۾ اکيون وجهڻ کان لنوائيون ٿا، جڏهن ته اسان کي سچ ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي

آئون پنهنجي نوجوان پڙهندڙن جي لاءِ عرض ڪندو هلان ته اسان اُنهيءَ معاشري ۾ رهون ٿا جتي ماڻهو شڪست تسليم ڪرڻ پنهنجي توهين سمجهن ٿا پر منهنجي نظر ۾ شڪست مقابلي ۾ فتح يا هارائڻ سان تعلق نٿي رکي منهنجي نظر ۾ هر اُهو شخص ڪامياب آهي جيڪو مقابلو ڪري، ياد رکو، هارايل ته اُهو آهي جيڪو مقابلي کان ئي ٻاهر هجي اِها هڪڙي حقيقت آهي ته جيڪي مقابلي ۾ اچڻ کانپوءِ پنهنجي شڪست کي تسليم ڪرڻ جي همت پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪريو وڃن ٿا، منهنجي نظر ۾ اُهي ئي پنهنجي فتح کي يقيني بڻايو ڇڏين هڪڙا جيڪڏهن هارائن ٿا ته سمجهو اُهي حقيقت ۾ پنهنجي ڪمزوري جي قيمت ادا ڪن ٿا پوءِ اُها ڪمزوري طاقت جي اعتبار سان هجي يا ڏاهپ جي اعتبار کان آئون عرض ڪريان، جيڪڏهن ڪجهه نوجوان پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿين ٿا ته اُن جو اصل سبب اِهو ئي هوندو آهي ته اُهي هر لحاظ کان پنهنجي حريفن جي مقابلي ۾ بهتر حالت ۾ هوندا آهن جڏهن ائين آهي ته پوءِ عقلمندي انهيءَ ۾ ئي آهي ته ماڻهو پنهنجي گهٽتائي کي تسليم ڪري ۽ ان کانپوءِ پنهنجو سمورو ڌيان پنهنجي ڪمي پوري ڪرڻ تي لڳائي ڇڏي، پنهنجي ڪوتاهي مڃڻ سان هُو وڌيڪ بهتر انداز ۾ پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري سگهي ٿو اورن هل چوي ٿو ته 'کليل ذهن ئي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي شروعات هوندي آهي' اسان انهيءَ وقت تائين ڪا به نئين ڳالهه نٿا سکي سگهون، جيستائين اسان اِهو قبول نه ڪريون ته اسان پهرين کان ڪجهه به نٿا ڄاڻون. آئون پنهنجي نوجوانن کي اِهو ضرور چوندس ته تعليم جو مقصد طوطي جيان رٽڻ نه آهي يعني ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته تعليم جو مقصد ذهنن کي ڀرڻ نه بلڪ انهيءَ کي ڪشادو ڪرڻ آهي جو نه جيترو اوهان علم حاصل ڪندا، اوترو ئي اوهان کي اُن حقيقت جي خبر پوندي ته اوهان اڃا گهڻو ڪجهه نٿا ڄاڻو اِهو ئي ڪليل ذهن جي نشاني آهي جيڪو اسان جي نوجوانن کي هر پهلوءَ کان شين کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو اِهو اسان جي نوجوانن کي سمجهدار بڻائي ٿو ۽ هنن کي سندن حدن جي سڌ ڏئي ٿو يقين ڪريو دنيا توهان کي پنهنجي ڪارب ۾ وجهڻ جي زبردست ڪوشش ڪري ٿي ۽ موجوده زماني ۾ ته هن وٽ پهرين کان وڌيڪ هٿرا هٿيار آهن انهيءَ ڪري اسان جي نوجوانن کي خبر به نٿي پوي ۽ هُو آرام سان دنيا جي ڪارب ۾ ڳريو وڃن ۽ پوءِ اُهي نوجوان هڪٻئي کي چون ٿا ته وهڪري سان گڏ وهندا هلو يعني ٻين لفظن ۾، آئون ائين چوان ته انهن جي اِها سوچ چوڻ ته 'ٻين کي اسان لاءِ سوچڻ ڏيو' آئون ڄاڻان ٿو ته ائين چوڻ ڪيترو نه آسان آهي پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته تقريبن اسان جو هر نوجوان اهڙي سوچ رکي ٿو انهن جو مثال ائين آهي جيئن توهان هڪ وڏي دائري ۾ گردش ڪري رهيا آهيو يا ڪنهن ٻئي جي قدمن جي نشانن تي هلو پيا، اهو ئي سبب آهي جو اوهان ڪٿي به نٿا پهچو.

ياد رکو، 19هين صدي جي پنجين ڏهاڪي ۾ رالف والڊو ايمرسن لکي ٿو ته 'ڪافي ماڻهون دنيا جي راءِ جي مطابق زندگي گذارڻ جي چونڊ ڪندي آسان رستي جو انتخاب ڪن ٿا پوءِ جڏهن اسان ائين ڪريون ٿا ته سمجهو اسان پنهنجي سڀني حقن تان پاڻ ئي دستبردار ٿيو وڃون اسان جي نوجوانن لاءِ ضروري آهي ته هُو پنهنجي ڪردار جي پاڻ ئي تشڪيل ڪن ۽ ڪنهن ٻئي کي اِهو ڪرڻ جو حق نه ڏين' اڳتي ايمرسن چوي ٿو ته 'جيڪڏهن اسان پنهنجي لاءِ پاڻ سوچڻ جي بدران ٻين کي سوچڻ ڏنو ته پوءِ سمجهو ته اسان پنهنجي ذهن جي سلميت کان پري ٿي ويندا سين' انهيءَ ڪري ولفرڊ پيٽرسن چوي ٿو ته 'سوچڻ وارو ڄاڻي ٿو ته اڄ هُو جتي بيٺو آهي اُتي هن کي سندس خيالن ۽ سوچن ئي پهچايو آهي ۽ هُو پنهنجي سوچن ۽ خيالن جي معيار سان پنهنجو مستقبل تعمير ڪري رهيو آهي' ولفرڊ پيٽرسن جي انهيءَ چوڻي مان سوال اِهو ٿو نڪري ته ڇا مثبت سوچ ڪارگر ثابت ٿئي به ٿي يا نه؟ انهيءَ جو جواب اِهو آهي ته اِها هميشه ڪارگر ثابت نٿي ٿئي تنهن هوندي به هي منفي سوچ کان وڌيڪ مثبت اثر رکندڙ آهي حقيقت اِها آهي ته ٻنهي طرحن جون سوچون هڪڙي حد تائين ڪارگر ثابت ٿين ٿيون، ڪجهه ماڻهن جي اڳيان مثبت سوچ صرف سٺو چاهڻ جو نالو آهي انهيءَ ڪري هي هميشه ڪارگر ثابت نٿي ٿئي آئون عرض ڪريان ته کليل ذهن، سچائي ۽ مثبت سوچ سان حقيقي يقين به هجڻ کپي

ياد رکو منهنجا نوجوانو اسان جي بدنصيبي اِها آهي ته اسان کليل ذهن ۽ سچ کي پنهنجن هٿن سان ذبح ڪريو ڇڏيون مون کي افسوس ٿيندو آهي انهن نوجوانن تي جيڪي پنهنجي منزل ماڻي پوءِ به اچڻ واري نسل جي لاءِ پنهنجي ماضيءَ جو سچ کليل ذهن سان سايو مانيءَ جيان بيان ڇو نٿا ڪن؟ منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ڇا اوهان جي حافظي مان ايٿنز جو ٽيمون نڪري ويو آهي جيڪو ڪڏهن ايٿنز جو لکاپتي هو، جيستائين هُو لکا پتي هو تيستائين هُو هر وقت خوش آمدي، مطلبي دوستن جي گهيري ۾ رهندو هو، دولت جي وڃڻ کان پوءِ هڪ هڪ ڪري اُهي خوشامدي ۽ مطلبي دوست هن کي ڇڏيندا ويا پوءِ هُو جهنگ ۾ هليو ويو، جتي هُو اڪيلو رهڻ لڳو ۽ هُو پن ۽ وڻن جون پاڙون کائي گذارو ڪندو رهيو هڪ ڏينهن هُو زمين کي کوٽي ٿو ته هن کي اُتان سون ملي ٿو ۽ پوءِ هُو وري سکيو ٿيو وڃي اِهو ڏسي هُن جا خوش آمدي ۽ مطلبي دوست پنهنجا پنهنجا عذر کڻي هن وٽ اچن ٿا پر هيءُ انهن کي ڌڪا ڏيو ڪڍيو ڇڏي، ڇا اڄ اِها اسان جي معاشري جي حقيقت نه آهي؟

ياد رکو، جڏهن زندگيءَ جي رات ٿيو وڃي ته پوءِ اردگرد جمع ٿيل سڀ مڪارن، ڪوڙن، خوش آمدي، مطلبين مان هڪڙو به اوهان وٽ موجود نه هوندو ۽ پوءِ اوهان کي پنهنجي عملن جو حساب ضرور ڏيڻو پوندو هتي ته انسان، انسان تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو پنهنجو پاڻ تي فخر محسوس ڪري ٿو پر هڪڙي عدالت اِها لڳڻي آهي جتي ڪير به بچي نٿو سگهي ياد رکو، اوهان ڪنهن به ڪم ۾ جيستائين پنهنجو ذهن کليل نٿا رکو ۽ سچائي سان ڪم نٿا ڪريو ته پوءِ اوهان ڪجهه به پرائي نٿا سگهو.

اڄوڪو ڏينهن ..... 12 سيپٽمبر

مرزا علي نواز بيگ خسروي

مرزا علي نواز بيگ پنهنجي دور جو مشهور نثر نويس ۽ مترجم هو. هن جو جنم 12 سيپٽمبر 1876ع تي ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم آخوند علي محمد جي مدرسي مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1895ع ۾ پاس ڪيائين ان کان علاوه فارسي ۽ عربي ٻولين جي تعليم قاضي احمد کان حاصل ڪيائين پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1902ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين اڳتي هلي ترقي ڪري اهم انتظامي عهدا ماڻيائين جن ۾ مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر جا عهدا شامل آهن ادب، تصنيف ۽ تاليف سان هميشه شوق رهيس هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "خاتون جنت"، "تاريخ اسلام"، "آفتابِ رسالت ﷺ" ۽ "صراطِ مستقيم" وغيره شامل آهن هن ڪجهه ڪتاب فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيا. هن 1970ع ڌاري راهه رباني ورتي

محمد يعقوب جليس هالائي

اڄ مشهور اديب محمد يعقوب ابڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هن کي ادبي دنيا ۾ جليس ابڙو ڪوٺيو وڃي ٿو هن جو جنم 12 سيپٽمبر 1912ع تي هالا ۾ ٿيو ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ سان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين اڳتي هلي مختيارڪار مقرر ٿيو هو هڪ ديندار شخص هو سندس شاعريءَ ۽ نثر جو موضوع گهڻو ڪري دين ۽ اسلامي تصوف رهيو. هن جو هڪ ڪتاب "اسان جو قرآن" 1953ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو 7 اپريل 1989ع تي هن جو لاڏاڻو ٿيو

پروفيسر محمد عمر چنڊ



سنڌ جي هن نامور اديب، عالم ۽ تعليمي ماهر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1944ع ۾ تعلقي جام نواز علي خان ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ نئون آباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ڪنڊياري مان حاصل ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو محمد خان مان حاصل ڪيائين انٽرميڊيئٽ جو امتحان سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان پاس ڪيائين ۽ ايم اي جي سند انگريزي ادب ۾ ڍاڪا يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور ڪيائين 1971ع ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايجوڪيشن واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو 1975ع کان 1979ع تائين ايران جي رائل ايئرفورس ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائين ان بعد سال کن عراق جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ تدريسي عمل سان لاڳاپيل رهيو ان بعد سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻوڪي سنڌ زرعي يونيورسٽي) ٽنڊو جام ۾ ٻه سال کن پڙهايائين 1985ع کان 1989ع تائين برونائيءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيائين سنڌي ادبي دنيا ۾ پاڻ لسانيات جي ماهر ۽ محقق طور سڃاڻپ پيدا ڪيائين حُرن جي تاريخي جدوجهد تي ڪيس وڏي ڄاڻ حاصل هئي هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "سنڌي ٻوليءَ جون آراڻيون" (ٻه ڀاڱا)، "حُر تحريڪ (انگريز سامراج خلاف حرن جي سئو سالا تاريخ)"، "سنڌ جو هڪ ذهين ٻار: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ"، "Using Question Answer Techniques" ۽ "World of Work — Iridicatment of a Scholar" شامل آهن هن نامور شخصيت 10 نومبر 2022ع ۾ نيوزيلينڊ ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

زاهد قلباڻي



اڄ مشهور براڊ ڪاسٽر زاهد قلباڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي زاهد قلباڻيءَ جو جنم 12 سيپٽمبر 1950ع تي ٿيو هن ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي 1974ع تي هُو ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر مقرر ٿيو اڳتي هلي ترقي ڪري پروگرام مئنيجر ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر جا عهدا ماڻيائين هن ريڊيو پاڪستان تان ڪيترائي يادگار پروگرام ٻڌندڙن تائين پهچايا. هن 11 جولاءِ 2014ع تي وفات ڪئي

انور شيخ

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار انور شيخ جي سالگره جو ڏينهن آهي سنڌي ٻوليءَ جي هن ساهتڪار 12 سيپٽمبر 1969ع تي شڪارپور جي شهر ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس والد فتح محمد شيخ پرائمري اسڪول جو استاد هو انور شيخ مئٽرڪ جو امتحان شڪارپور جي هاءِ اسڪول نمبر 1 مان پاس ڪيو، جڏهن ته يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان پنهنجي شهر جي سي اينڊ ايس ڪاليج مان پاس ڪيا. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان گريجوئيشن ڪيائين انور شيخ کي ننڍي هوندي کان ئي لکڻ جو شوق رهيو سندس پهرين ڪهاڻي "دردن جو انگاس" 1999ع ۾ ماهوار سوجهرو ۾ شايع ٿي ان بعد هو لاڳيتو ڪهاڻيون لکندو رهيو سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "اندر جو آڪاس" 2013ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان بعد سندس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو "آخري ڏوهه" 2017ع ۾ شايع ٿيو

مهراڻ ڏامراڻو

هن نامور شاعر جو اصل نالو مسرت حسين ولد قائم الدين ڏامراڻو آهي ۽ سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1970ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڏامراهه ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو ان بعد شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن 1990ع ڌاري ڊاڪٽر بدر ڏامراهو جي سرپرستيءَ ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪئي سندس شاعري شهلا گل، عاشق نظاماڻي ۽ نظير سمي سميت مختلف فنڪارن ڳائي آهي هُو ڏامراهو سنگيت وديا سنگت لاڙڪاڻي جو چيئرمين ۽ سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي شاخ جو سرگرم ميمبر رهيو آهي سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اوهان جا پيار مان چاڙهو" ڇپجي چڪو آهي

مختيار اڻڙ

هينا مير اڳناڻي

هندستان جي هن نامور سنڌي ليکڪا جو جنم 12 سيپٽمبر 1972ع تي احمدآباد شهر ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي) تائين تعليم حاصل ڪئي هوءَ مشهور ليکڪ ڀڳوان ترديش جي ڀاڻي آهي هوءَ 2005ع کان آل انڊيا ريڊيو تي هڪ سنڌيڪار ۽ نيوز ريڊر طور ڪم ڪندي رهي آهي هوءَ مختلف نجي ٽيليويزن چئنلن تي مختلف پروگرامن جي ميزبان طور به ڪم ڪندي رهي آهي ادبي دنيا ۾ هوءَ هڪ شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ ناٽڪ نويس طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "شبنم موتي" (ڪهاڻيون)، "چم چم" (شاعري)، "ڪاري چيخ" (ڪهاڻيون)، "ٽٽل تئي جو سچ" (ناٽڪ- ترجمو)، "آسماني پري" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، "ڀڳوانداس ترديش جا غزل" (ترتيب) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ڊاڪٽر چوئٿرام گنواڻي

ڊاڪٽر چوئٿرام گنواڻي تحريڪ آزاديءَ جو مشهور اڳواڻ ۽ نامور سياستدان هو. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي هن ديش ڀڳت انسان جو جنم 25 ڊسمبر 1889ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن حيدرآباد جي هيرانند اڪيڊميءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ ڪجهه عرصو ٻوبڪ شهر جي پرائمري اسڪول ۾ نوڪري ڪئي ٿوري عرصي کانپوءِ اها نوڪري ڇڏي حيدرآباد موٽي آيو ۽ ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻجي مختلف اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪم ڪيائين 1915ع ڌاري ڊاڪٽري ڇڏي هن سياست جي ميدان ۾ پير پاتو. هو آل انڊيا ڪانگريس جي پليٽ فارم تي انگريزن کان آزاديءَ واري جدوجهد جو حصو بڻجي ويو. هن مهاتما گانڌيءَ جي سڏ تي هندستان ڇڏيو تحريڪ، انگريزن جي ٺاهيل شين جي بائڪاٽ واري تحريڪ، لوڻ ستياگره ۽ اهڙين ٻين تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو وطن جي آزاديءَ لاءِ هن کي ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون سعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون پر هن جي همت ۽ حوصلي کي ڪڏهن به لوڏو نه آيو سياستدان سان گڏ هُو هڪ صحافي پڻ هو ۽ "هندو" نالي اخبار جاري ڪيائين پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ ڇڏي ممبئيءَ هليو ويو. هندستان ۾ هو ڪانگريس پارٽي ڇڏي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي هندستان جي لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊيو ويو. هن سنڌ مان هندستان لڏي ويل هندن جي آبادڪاريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. آخرڪار 12 سيپٽمبر 1957ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

ڪمتر نقوي

هن نامور شاعر ۽ محقق جو پورو نالو سيد نجف علي شاهه ولد سيد حسين علي شاهه جهانيان هو. سندس ولادت 21 اپريل 1923ع ۾ ٽنڊو جهانيان حيدرآباد ۾ ٿي هن سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ جي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي اڃا ننڍو ئي هو جو سندس والد وفات ڪئي ان ڪري مئٽرڪ کان وڌيڪ نه پڙهي سگهيو افسوس جو هڪ بيماريءَ جي ڪري معذور ٿي ويو ۽ عمر جو هڪ وڏو حصو هڪ بستري تائين محدود رهيو هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو خاص طور تي ڪافيءَ جي صنف تي ملڪو حاصل هئس پلاڙي پٽ ڏٺيءَ جي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪتاب "پلاڙيچي ٻولي" سنڌي ادب جو هڪ انمول خزانو چئجي ته غلط نه ٿيندو هُو 12 سيپٽمبر 1984ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو

متارو ڏاهري



اڄوڪو ڏينهن ماضيءَ جي مشهور شاگرد اڳواڻ متاري ڏاهريءَ جون ساروڻيون ڪٺي آيو آهي اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي هن 1954ع ڌاري شاهپور چاڪر ويجهو ڳوٺ هاشم ڏاهريءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ، انٽرميڊيئٽ ۽ بي اي جا امتحان شهدادپور مان پاس ڪيائين سندس وڏا پير پاڳاري جا مريد هئا. ان ڪري ننڍپڻ ۾ مسلم ليگ فنڪشنل ليگ سان لاڳاپيل رهيو. ان بعد ڪجهه عرصو جماعت اسلاميءَ سان به سندس سلاڪ رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران قوم پرست سياست جو حصو بڻجي ويو ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪندو رهيو. هُو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جو صدر پڻ رهيو. قوم پرست سياست ۾ حصو وٺڻ سبب هن لڳ ڀڳ 5 سال قيد ۽ جيل جون سعوبتون برداشت ڪيون. سندس ساٿي ڪيس "ڏاڏو متارو ڏاهري" ڪوٺيندا هئا. سنڌ جي سرزمين جي هن سچي سرويچ 12 سيپٽمبر 2011ع تي پنهنجي ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلايو

گوردڻ شرما گهايل



سنڌي ٻوليءَ جي هن سلجهيل وند ساهتڪار جو جنم پهرين ڊسمبر 1937ع ۾ ميهڙ شهر ۾ ٿيو سندس والد جو نالو مهراج نامديو شرما هو سنڌ ڇڏي ڀارت لڏي وڃڻ کانپوءِ هن بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ پونا جي هڪ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ڪجهه وقت پونا جي ڊيڪن ڪاليج ۽ سينٽ ميران گرلس ڪاليج ۾ به پڙهايائين هن انڊين اسڪول دبئيءَ ۾ 17 سال ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو هن کي سنڌي ۽ هندي ٻولين تي وڏو عبور حاصل آهي ۽ هندستان جي وڏن سنڌي شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به چڱو پاڻ موکيو اٿس سندس ڪهاڻيون، مضمون، مقالا ۽ ناٽڪ به سندس شاعريءَ سان گڏ ادبي رسالن جي پنن تي پڌرا ٿي چڪا آهن سندس شاعريءَ جا مجموعا "چير سڪي سرڳم"، "آهي ماٺ پلي مرڪن"، "ڪونجون ٿيون ڪُڪڪن"، "قلم جو سپاهي"، "ميٺي چونڊي" ۽ "ٽڪرا ٽڪرا ٽنڊ" ڇپجي چڪا آهن هن نامياري اديب 12 سيپٽمبر 2025ع تي لاڏاڻو ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مجيب الرحمن.پلينٽف. بخلاف. مسمات نورجهان ڌيءِ غلام محمد ملاح زال مجيب الرحمن رهندڙ خاصخيلي لطيف چوڪ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ازدواجي حقن جي بحالي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج مانجهند
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات گلشاد ڌيءِ مرحوم محمد عارب ذات ڪنير رهندڙ ڳوٺ لاڪا تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو.پلينٽف. بخلاف. غلام مرتضيٰ ولد محمد هارون رهندڙ ڳوٺ لاڪا تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو سيڪنڊ ايڊريس ڳوٺ محمد ذڪريا ملير ڪراچي اسٽريٽ نمبر 04 ڪراچي ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج مانجهند

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج مانجهند
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات زبيده ڪوسو رهندڙ ڳوٺ Khasai پي او تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو.پلينٽف. بخلاف. نادر علي ڪوسو ولد نذر محمد ڪوسو رهندڙ ڳوٺ Khasai پي او تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو 03452726487 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ چائيلڊ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج مانجهند

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج X حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1258 سال 2026

مسمات ثناء ڌيءِ غلام حسين نظاماڻي رهندڙ قيصراڻي محلو پي او ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد..پلينٽف. بخلاف. عطاءالله ولد امير احمد نظاماڻي رهندڙ قيصراڻي محلو پي او ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ سول جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1270 سال 2026

مسمات سڪينه ڌيءِ اياز رند ذات نوناري رهندڙ ٽنڊو جهانيه حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. زبير ولد صمد ذات نوناري رهندڙ نزد جڪرا ڦاٽڪ ڳوٺ حليم نوناري حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II حيدرآباد

مسمات ارم زال عثمان علي ..اپليڪينٽ. بخلاف. سرڪار...ريسپونڊنٽس ڪرائم نمبر 284 سال 2026 زير قلم 294 پي پي سي پي ايس هٽڙي ضلعو حيدرآباد

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ VIVO TOUCH MOBILE جي رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي مٿي ڄاڻايل ڏوهه تحت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 109 سال 2026

مسمات لطيفان ڌيءِ علي نواز زال علي انور چانڊيو ويٺل بهادر پور تعلقو ڪي اين شاهه ..پلينٽف. بخلاف. علي انور ولد بخشل چانڊيو ويٺل بهادرپور تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

(1) مسمات عليه زال لونگ ٻگهيو عرف نواب ٻگهيو (2) زينب نواب ولد لونگ ٻگهيو عرف نواب عمر 15 سال مائنر (3) احسان نواب ولد لونگ ٻگهيو عرف نواب معرفت ماءُ مسمات عليه رهندڙ شيخ محلو پٽ شاهه ضلعو مٽياري ..پلينٽف. بخلاف. لونگ ٻگهيو عرف نواب ولد غلام مصطفيٰ ٻگهيو رهندڙ ڳوٺ راڻو ٻگهيو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات بختاور ڌيءِ نور احمد ذات قمبراڻي رهندڙ بڪيرا شريف تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار.پلينٽف. بخلاف. سلير ولد حاجي ذات قمبراڻي رهندڙ گهر نمبر A/1090 گلشن حديد فيز 2 ڪراچي ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 390 سال 2026

مسمات Asima ڌيءِ غلام نبي پلهه رهندڙ پلهه محلو جام صاحب تعلقو دوڙ.پلينٽف. بخلاف. هادي بخش ولد ڪامن پلهه رهندڙ ڳوٺ غلام محمد ڏاهري 03 جامڙائو تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 76 سال 2026

(1) مسمات رخسانه بيواهه عرفان (2) زين العابدين (3) ذوالقرنين (4) آذان علي (5) بيبي رضيه بتول سيريل نمبر 2 کان سپ مائنر پٽ ڌيئرون عرفان رهندڙ عظيم ڪالوني نوابشاهه .. اپليڪينٽ ..بخلاف. (1) دلدار علي ولد محمد صديق لغاري رهندڙ عظيم ڪالوني نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارڪ .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 218،370،372 ۽ سيڪشن 5(B)، 2(B) سنڌ ليٽر آف ايڊمنسٽريشن ۽ سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي فوتي عرفان ولد دلدار علي لغاري جي سروس بينيفٽ، فيملي پينشن گريجوئيٽي، گروپ انشورنس بينوولينٽ فنڊ، جي پي فنڊ، فنانسل اسسٽنٽ، ڊيٿ گرانٽ، ليو انهيسمينٽ، ماهوار پگهار حاصل ڪرڻ لاءِ Muller &Phipps Pvt ltd لاجسٽڪ ڊويزن نوابشاهه کان تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
گارڊين سوٽ نمبر 15 سال 2026

مسمات حسينا زال اشرف ذات ڪلوئي رهندڙ پي او ٽنڊو جان محمد ضلعو ڏگهڙي ..اپليڪينٽ. بخلاف. جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس (1) محمد يوسف (2) رستم (3) دلاور (4) ڦوٽو سپ مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص
گارڊين سوٽ نمبر 22 سال 2026

مسمات زليخان بيواهه شوڪت حسين ذات پنهور رهندڙ ڳوٺ محمد اسماعيل پنهور ميرپورخاص ..اپليڪينٽ. بخلاف. (1) شرجيل (2) عبدالوهاب (3) مسمات ماهين (4) شريار سپ پٽ شوڪت حسين (5) مختيارڪار ڪوٽ غلام محمد .اپوننٽس (1) Mairdi (2) حفظ (3) حورين (4) آيت فاطمه سپ مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ميرپورخاص

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو ته مان سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي، سروي نمبر 202 بابت (N.O.C.) اين او سي) حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي رهيو آهيان.ڄاڻايل سروي نمبر 202 جي زمين 53 ايڪڙ 21 گهنٽه ، ديهه ٽڪ مڪان ٽپو ڪلو ڪوهار تعلقو ٿانو بولا خان ضلع ڄامشورو. جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڄاڻايل يا ان جي ماپ/حدبندي بابت ڪنهن قسم جو اعتراض يا دعويٰ هجي ته هو هي اعلان شايع ٿيڻ جي تاريخ کان ست (7) ڏينهن اندر پنهنجي اعتراض سان گڏ تپيدار سرڪل آفيس / مختيارڪار صاحب جي آفيس سان رابطو ڪري.مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به اعتراض تي قانون موجب غور نه ڪيو ويندو ۽ اين او سي جي ڪارروائي اڳتي وڌائي ويندي.

سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار لالو ولد محمد جمن فتح محمد ولد عرس علي محمد ولد مولا بخش اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 254، 256 ديهه ٻوچڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاٽا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن.فوتي حاجي پٽ لالو جيڪو مورخ 27.06.2012 تي فوت ٿي ويوآهي جنهن جا وارث:محمد جمن (پاڻ)، بانو (ڀيڻ)، فوتي محمد جمن ولد لال بخش جيڪو مورخ 28.07.2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:لالو (پٽ)، بيگم (ڌي)، امينه (ڌي)، فوتي پير بخش ولد لالو جيڪو مورخ 08.01.2009 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث:محمد جمن پاڻ، بانو ڀيڻ.فوتي الله بچائي زال لالو جيڪو مورخ 01.03.1985 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:محمد جمن پٽ لعل بخش، بانو ڌي لعل بخش.فوتي زينب زال عرس جيڪو مورخ 10.11.2019 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:فتح محمد پٽ ، جان محمد پٽ، الهنو پٽ.فوتي محب ولد محمد حسن جيڪو مورخ 13.03.2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:جاويد پٽ ، شائسته ڌي، شيبان زال.فوتي محموده ڌي علي محمد زال مولا بخش جيڪو مورخ 22.03.2022 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:فهميده ڌي، زاهدان ڌي، علي محمد پٽ، قربان علي پٽ، فرمان علي پٽ.فوتي لال خاتون زال محمد حسن جيڪو مورخ 21.11.2022 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:محمد بخش پٽ، سائين بخش پٽ، حسين بخش پٽ، محب پٽ، جنت ڌي، بچل ڌي، ماروي ڌي.جن جي نالن تي فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاٽو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوىٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار چتو ولد هاشم رهندڙ ڳوٺ سڪپور تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس ناني يارو ولد محمد رحيم تاريخ 04-11-1980 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 254-256 ايراضي حصي موجب ديهه ٻوچڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاٽو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي ڳالهه بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني اهي (1) درياءِ خاتون ڌيءِ گل محمد زال هاشم (پاڻيچي) ڪانيدار فوتي فاطمه ڌيءِ گل محمد تاريخ 11-04-1980 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث (1) چتو پٽ هاشم (پاڻيٽو)جن جي نالن تي فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري، معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاٽو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوىٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

اسپيل جي درستي

جيئن ته منهنجي ڌيءِ جي اسڪول رڪارڊ ۾ غلطي سان نالي جي اسپيل ANJILI D/O KIRSHAN OUDH لکجي وئي آهي جنهن نادرا رڪارڊ موجب درست ڪري هن ريت لکيو وڃي ANJALI D/O KIRSHAN OAD اهڙي درستي سنڌس تعليمي رڪارڊ ۾ ڪري ڏنو وڃي

ڪرشن لوڊ ولد راڱو مل شناختي ڪارڊ نمبر 4130209119389 رهندڙ پيون ڪالوني شهباز بلڊنگ حيدرآباد

ڪاغذن جي گمشدگي بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي سوزڪي مهراڻ ڪار رنگ اڇو وائيٽ ماڊل 2013ع چيچس نمبر SB38/PK1082521 انجڻ نمبر PKB544003جا اصل ڪاغذ ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن مون کي گاڏي جا ڊپليڪيٽ ڪاغذ ناهي ڏنا وڃن

جان محمد ولد جناح علي ايڊريس هائوس نمبر ZC32محلو لائينس A شناختي ڪارڊ نمبر 4220178039865

بقايا 1 روزاني عبرت

وقت پيش اچڻ سبب ٻنهي نوجوانن جا لاش ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين حادثي جو شڪار ٿيل ڪار اندر ڦاٿل رهيا. اطلاع ملڻ تي ڳوٺاڻا واقعي واري هنڌ پهتا جن ڪافي ڪوشش بعد ڪار مان ٻنهي نوجوانن جا لاش ٻاهر ڪڍيا. واقعي بعد پوليس به پهچي وئي ۽ ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ فوتين جا مڙهه وارثن حوالي ڪيا ويا. پوليس بانسن سان ٽريل ٽرالر ۽ ان جي ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ٻنهي نوجوانن جا مڙهه جڏهن سندن ڳهرن ۾ پهتا ته ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو علائقي واسين واقعي تي سخت ڏک جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته روڊن تي خطرناڪ طريقي سان ڏگها بانس ۽ ٻيو سامان کڻي هلندڙ گاڏين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن اهڙا افسوسناڪ حادثا ٻيهر پيش نه اچن اختر ماري ڪڏڙو

بقايا 2 روزاني عبرت

کي آبپاشي عملي مبينا طور هٿ سان بند ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته رشوت عيوض پاڻي وڪرو ڪرڻ سبب شاخ جي پڇڙي وارن آبادگارن کي پاڻي نٿو ملي آبادگار اڳواڻن چيو ته پاڻي نه ملڻ ڪري سندن فصل سڪي رهيا آهن ۽ لکين رپين جي خرچ سان پوکيل فصل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن آبپاشي عملي جي نااهلي سبب آبادگارن کي سخت معاشي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن آبپاشي کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته گهوٽڪا شاخ ۾ فوري طور پاڻي فراهم ڪري فصلن کي تباهي کان بچايو وڃي ۽ پاڻي جي مبينا وڪري ٽوڙي شاخ بند ڪرڻ واري معاملي جي جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 3 روزاني عبرت

پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪندو آهي جڏهن ته ٽريفڪ پوليس اهلڪار خالد ڪلهوڙو ڪانئس 200 رپيا گهريا. پورهيت موجب، رقم نه ڏيڻ تي اهلڪار مبينا طور سخت تشدد ڪيس جنهن سبب سنڌس ٻانهن ڀڃي پيو پورهيت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا ملوث اهلڪار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 4 روزاني عبرت

الزام هنيو ته رڪارڊ اسداد مختيار ڪلوڙ کي پلاٽ جي معاملي تان سنڌس پٽ کي بائيجي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪرايو آهي مائي سڪينه ڪلوڙ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ سنڌس پٽ کي پوليس جي تحويل مان بازياب ڪرايو وڃي.هوڏانهن شهرين وچ ۾ پئي قومي شاهراهه تان احتجاج ختم ڪرائي روڊ ڪولرائي ڇڏيو جنهن بعد ٽريفڪ جي رواني بحال ٿي وئي.

بقايا 5 روزاني عبرت

۽ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري امتياز ماڇي، تعلقي سوڀوديرو جي صدر تهميز منگنيجو نائب صدر حاڪم پيلان عزيز ۽ جسقم راڻي پور جي اڳواڻ قدير سنڌي سميت ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته قومي ليڪڪ ۽ جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي پريس ترجمان عامر انصاري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي ڳڻتي جوڳي عمل آهي هنن چيو ته پرامن سياسي ۽ قومي ڪارڪنن کي ڪنهن گم ڪرڻ بدران جيڪڏهن ڪنهن تي ڪو الزام آهي ته کيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جبري گمشدگين جو سلسلو بند ڪري عامر انصاري سميت گم ٿيل سمورن قومي ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪري سندن وارثن کي معلومات فراهم ڪئي وڃي هنن اهو پڻ چيو ته جيڪڏهن گم ٿيل ڪارڪنن کي فوري طور تي آزاد نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 6 روزاني عبرت

چيتن داس کان 1 لک 54 هزار رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعو تقريبن شام 7 وڳي پيش آيو متاثر شخص پاران گولاڙچي ٿاڻي تي واقعي بابت اين سي داخل ڪرائي وئي آهي پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

نينگر آن لائين پيزا ڊليوري ڪندو هيو. پيزا ڏيڻ تان ڪيس گم ڪري ڇڏيو وارثن جو الزام پچاچي طالب شر نوشهروفيروز جي عدالت ۾ وڪيل پير ماجد جي معرفت درخواست داخل ڪئي ته پريارو پوليس منهنجي ڀائيٽي فضل ڪريم شر کي بنا جواز ٻانڌي بڻايو آهي . جنهن تي عدالت سگهوري پرياسي جوڊيشل ماجسٽريٽ کي حڪم ڪيو .سول جج نظير ڪوسي پريارو پرسان پيپلزپارٽي جي سٽي صدر نديم آرائين جي بسم فلور مل تي ڪارروائي ڪندي ناحق ٻانڌي بڻايل 14 ساله پورهيت فضل ڪريم شر کي بازياب ڪرائي ورتو .

بقايا 8 روزاني عبرت

صحافين اڳيان سوڀوديرو پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن پوليس خلاف نعريبازي ڪندي اعليٰ پوليس اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سوڀوديرو پوليس سندن معذور پٽ لعل بخش سهتو کي منشيات جي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته 14 ورهين جي عديل سهتو سان پڻ پوليس اهلڪارن پاران مبينا طور وحشياڻو تشدد ڪيو ويو آهي هنن چيو ته پوليس جي اهڙي ڪارروائي سبب سندن خاندان سخت پريشاني ۽ خوف ۾ مبتلا آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن خلاف ڪو الزام هجي ته قانون موجب جاچ ڪئي وڃي پر بيگناهه ماڻهن کي گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻائڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سميت اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي لعل بخش سهتو خلاف داخل ڪيل مبينا ڪوڙي ڪيس جي جاچ ڪئي وڃي ۽ 14 ورهين جي عديل سهتو تي مبينا تشدد ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌائيندي وڌيڪ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا سين

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪيو ويو احتجاجي ريلي رستم چوڪ کان شروع ٿي اسٽيشن روڊ کان ٿيندي لکي در پهتي، جتي مظاهرين احتجاج ڪندي قاتلن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو.ٿان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ زاهد پنهور مقتول جو چاچو منير لاشاري ۽ ٻين مظاهرين ۽ شاگردن چيو ته عمر لاشاري جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي مظاهرين جو چوڻ هو ته قتل ڪيس ۾ ڪي جوابدار گرفتار ٿي چڪا آهن جڏهن ته هڪ بااثر جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته عمر لاشاري قتل ڪيس جي شفاف جاچ ڪري سمورن ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مقتول جي وارثن الزام لڳايو ته ڪين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن مظاهرين مطالبو ڪيو ته عمر لاشاري قتل ڪيس ۾ ڪنهن جو به دٻاءُ قبول نه ڪيو وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي مظاهرين موجب عمر لاشاري ڏائين جماعت جو شاگرد ۽ آءِ بي اي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو مظاهرين الزام لڳايو ته عمر لاشاري کي اغوا ڪري شراب ۽ نشي آور دوائون ملائي بيهوش ڪيو ويو ۽ سائنس اجتماعي زيادتي ڪئي وئي بعد ۾ شاگرد عمر لاشاري کي بيهوشي واري حالت ۾ ملڻ ڪانپوءِ علاج دوران هوش ۾ نه اچي سگهيو ۽ فوت ٿي ويو مظاهرين مطالبو ڪيو ته واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ مقتول عمر لاشاري جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 10 روزاني عبرت

، جڏهن ته فائرنگ ڪندڙ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ڪوٽ لالو پوليس جو چوڻ آهي ته اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهتا آهيون معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي فائرنگ ڪندڙ جوابدارن بابت جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته لاش فيض گنج جي پوسٽ مارٽم لاءِ منتقل ڪيو پيو وڃي قتل ٿيل ممتاز راڄپر جنس جو وڏو واپاري هو ڪجهه وقت اڳ هن جي سولر پلاٽ کي گوليون هنيون ويون جنهن جو الزام هن لوئي جي شر تي لڳايو هو ذريعن موجب لوئي جي شر برادري سان ممتاز راڄپر جو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان واقعي پيش آيو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

ماڻهن تي جيڪي سنڌ ۾ رهي سنڌ جو کائن ٿا ۽ سنڌ سان نمڪ حرامي ڪن ٿا سنڌ اسيمبلي ڇهه پيرا ٺهراءُ منظور ڪيا ته ڪراچي کي سنڌ کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي، سنڌ جا ماڻهو جانيون قربان ڪري سگهن ٿا پر ڌرتي ماءُ جو ورهاڱو برداشت نه ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته تعليم ۾ سيڙپڪاري ئي روشن مستقبل جي ضمانت آهي نئين جديد ٽيڪنالاجي ۽ معياري تعليم جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هدايت

جماڻي ويلفيئر ٽرسٽ پاران غريب ۽ مستحق خاندانن نوجوانن ۽ خاص طور تي تعليم جي شعبي ۾ مختلف فلاحي منصوبن تي ڪم جاري آهي عورتن لاءِ هنر ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ جلد ڪونڊيجي تعلقي ۾ سلائي مشين سينٽر قائم ڪيو ويندو جڏهن ته غريب ۽ مستحق شاگردن لاءِ مفت تعليم جي اسڪولجي تعمير جو جلد شروع ڪيو ويندو سنڌ جي وحدت بابت ڳالهائيندي محمد مبين جماڻي چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي سنڌ کي ٽوڙڻ يا تقسيم ڪرڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو

بقايا 12 روزاني عبرت

ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ٻارڙي پنهنجي والد سان گڏ جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ وئي جتان پراسرار طور گم ٿي وئي پنج ڪلاڪن بعد نينگريءَ جو تشدد ٿيل ۽ وات ۾ ڪاغذ پيل لاش هٿ آيو هو پاسي وارث ڪجهه به تفصيل ٻڌائڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن علائقي ۾ چوٻول آهن ته معصوم ٻارڙيءَ دعا انصاريءَ کي مبينه طور زيادتي ڪرڻ بعد قتل ڪيو ويو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪارڻ ڪٽي ميرٽ جي لتاڙ ۽ تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي جي ٽي آءِ ضلعي صدر عبدالصمد سومرو حنيف سومرو مولوي اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ايس ٽي ايس جهڙن اهم ادارن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ سفارش واري ڪلچر سبب غريب ۽ اهل اميدوارن سان ناانصافي ٿي رهي آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

ٿيبو محمد مٺل جسڪاڻي فهيم ايري، مشتاق جوڻيجو اڪبر علي ٻبر شبير ڪوسو نظير ٻنگي ياسر ڏيپر حفيظ خاصخيلي شبير چانڊيو فياض سومرو محمد صالح ٿيبو ۽ ٻين ڪالوني ۾ بنيادي سهولتن کوٽ سبب احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ رهواسي پاران ايم پي اي فياض علي ٻٽ، ايم اين اي عرفان ظفر لغاري کان مطالبو ڪيو ته اسان جي بلاول ڪالوني، همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني 30 سال پراڻيون ڪالونيون آهن اسان کي صرف ووٽ مهل ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ وعدا ڪيا ويا جيڪي وفا نه ٿي سگهيا آهن وڌيڪ هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي ڪالونين ۾ گهٽيون پڪيون ناليون ۽ پيئڻ جو مٺو پاڻي واٽر سپلاءِ فراهم ڪري ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 15 روزاني عبرت

گرفتاري لاءِ ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا. ان موقعي تي پي پي پي شهيد ڀٽو اڳواڻن نديم قريشي نور محمد منجهو عبدالسميع سومرو بابل ڪوريجو نگار بروهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته مير مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پڳدار پٽ ۽ پي پي پي شهيد ڀٽو تنظيم جو چيئرمين هو جنهن کي سرعام گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪيو ويو پر هن وقت تائين ان جي قاتلن کي سزا ناهي ملي سگهي، هنن چيو ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي بيگناهه خون سان 30 سال گذرڻ باوجود انصاف ناهي ٿي سگهيو جيڪو پاڪستان جي قانون ۽ انصاف لاءِ سواليه نشان آهي. هنن چيو ته گذريل 30 سالن کان اسين سراپا احتجاج بڻيل آهيون پر حڪومت پاڪستان جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري هنن گهر ڪندي چيو ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 16 روزاني عبرت

اشفاق گاڏهي ماسات رجب، سئوٽ وزير علي گاڏهي ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏجي ڌانهيندي چيو ته منهنجو پٽ سجاد علي گاڏهي محنت مزدوري ڪري گهرڀاتين جو پيٽ پاليندو آهي جيڪو گذريل 7 سيپٽمبر تي پنهنجي دوستن سان گڏجي لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي مان ڪڪڙ خريد ڪرڻ آيو هو هن الزام لڳايو ته لاڙڪاڻو پوليس شهر جي ٻاقراڻي ڪارو واري علائقي مان پٽ سجاد گاڏهي کي بيگناهه کڻي گم ڪري ڇڏيو جنهن کي مختلف ٿاڻن تي ڳولا ڪئي پر ڪٿي به سنڌس جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سڄو گهر ڀاتي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيون معاملي جو نوٽيس وٺي نوجوان کي آزاد ڪرائي لاڙڪاڻو پوليس کان ڇوٽڪارو ڪيو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

چيو ته تعلقي ڪنگري جا پارٽي ڪارڪن پيپلزپارٽي جو قيمتي اثاثو آهن جيڪي هر ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ بيٺا رهيا آهن هن ڪارڪنن تي زور ڏنو ته هو عوام سان پنهنجو رابطو وڌيڪ مضبوط ڪن، غريب ۽ مستحق ماڻهن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي اجاگر ڪن ۽ شهيد ڀٽن جي عوام دوست فلسفي کي گهر گهر تائين پهچائين هن چيو ته ملڪ ۽ سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال ۾ پيپلزپارٽي هميشه جمهوريت، آئين جي بالادستي، عوام جي حقن ۽ سنڌ جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجو تاريخي ۽ اصولي ڪردار ادا ڪندي رهي آهي.

بقايا 18 روزاني عبرت

ته اڳرا ٿاڻي جي حد ۾ هر روز چوريون ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن عوام سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن پوليس اگهور ننڊ ستل آهي عوام راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهي ياد رهي ته اڳرا ٿاڻي جي حد ۾ ميلن جي شروع ٿيندي ئي چورين ڦرن جي وارداتن جو سلسلو عروج تي پهچندو پيو وڃي.اطلاع آهن ته ڌوهن ڪرائڻ ۾ خود پوليس جا هٿ ٻڌل آهن اهو ان ڪري جو ٿاڻن تي مقرر ٿيندڙ ايس ايڇ اوز ڳريون رشوتون ڏئي ٿاڻا وٺن

بقايا 19 روزاني عبرت

ميلاد پڻ ڪري درود ۽ صلوات جو ورد ۾ جاري رهيوختم قرآن ڪرڻ کان پوءِ خصوصي دعائيه تقريب ٿي جنهن کان پوءِ ايندڙ زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ميلي جي تقريبن جو باقائده آغاز ڪيو ويو جنهن ۾ ثقافتي راند ٻيلهاڙو راند جا زبردست مقابلا ٿيا ان سان گڏ رانديڪن ۽ مٺائي جي دڪانن کي خوبصورت نموني سينگاريو ويو سان جڏهن ته ميلي ۾ ايندڙن جي تفريح واسطي جهولا،سائيڪلون موت جو کوهه سرڪس چڙيا گهر ۽ سرڪس پڻ لڳايا ويا آهن

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ميرپور ماٿيلو جي ڪائونسل هال ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن ۽ ملازمن ۾ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهائڻ ۽ روينيو کاتي جي رٽائرڊ ملازمن جي مان ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران اي ڊي سي ون بشارت حسين، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راڻو آفتاب، ڊي اي او سيد اسرار احمد شاهه، ڊي ايم پي پي ايڇ آءِ عارف عباسي، ريسڪيو 1122، ميونسپل ڪاريسٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 21 روزاني عبرت

۽صورت اختيار ڪري وئي ريليءَ ۾ عاشقان رسول، شهرين مذهبي ۽ سياسي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر کڻي عقيدهء ختم نبوت جي حق ۾ ۽ تاجدار ختم نبوت زنده باد جا نعرا هنيا. شهيد فاضل راهو چوڪ تي جلسي جي خطاب ڪندي مختلف مقررين چيو ته عقيده ختم نبوت اسان جي ايمان جو بنيادي حصو ۽ روح آهي جنهن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ٿي سگهي. هنن چيو ته ختم نبوت جي تحفظ لاءِ هر مسلمان پنهنجي جان مال ۽ عزت قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي مقررين امت مسلم جي ٻڌي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سنتن تي عمل پيرا ٿيڻ تي زور ڏنو جلسي جي پڇاڙي ملڪ جي امن، سلامتي ۽ مسلم امه جي اتحاد واري خصوصي دعا سان ڪئي وئي.

بقايا 22 روزاني عبرت

ٿي نوجوان راجا خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو نوجوان جي وارثن پوليس تي گهر مان روڪ رقم سون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي وڃڻ جا الزام لڳايا آهن راجا خاصخيلي جي وارثن معشوق خاصخيلي ۽ مريم خاصخيلي صحافين سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته پوليس رات دير سان گهر ۾ داخل ٿي نوجوان کي مبينا تشدد بعد گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي وئي .

بقايا 23 روزاني عبرت

آهي صوفي بزرگن جا خاندان نسل در نسل پيغمبر جي محبت ۽ ماڻهن جي خدمت جي جهنڊي کي بلند رکندا رهيا آهن ان سلسلي ۾ هن شاندار روايت جو هڪ روشن باب حضرت پير سيد محمد شاهه رضوي رحمه الله جي مزار تي منعقد ٿيندڙ سالياني ميڙاڪو هو جنهن هڪ ڀيرو ٻيهر پيغمبر جي محبت جا چشما وهائي ڇڏيا هن ڀيري، عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جو 60 هون ساليانو شاندار جشن هن بابرڪت مزار تي منعقد ڪيو ويو.

بقايا 24 روزاني عبرت

رهواسين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مومن آباد ڪالوني ۾ فحاشي جي اڏي جي شڪايت پوليس کي ڪئي

بقايا 25 روزاني عبرت

يا جي ذميواري آهي جڏهن ته سول جج جي حڪم تحت شهر ۾ ڪارروائيون جاري آهن هن چيو ته غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ سان گڏ روڊن رستن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ڪندڙ گاڏين خلاف به ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ۽ هر 15 ڏينهن بعد رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻي آهي هن ٻڌايو ته هن وقت تائين لوهار گهٽي، محمدي چوڪ، چتري چوڪ لطيف گيٽ، ڪالي روڊ سميت مختلف علائقن مان غيرقانوني طور قائم ڪيل ڇپرا دڪا ۽ دڪان ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن ۽ ڪارروائي ان وقت تائين جاري رهندي، جيستائين شهر کي مڪمل طور غيرقانوني قبضن کان پاڪ نه ڪيو وڃي اسسٽنٽ ڪمشنر واضح ڪيو ته قبضو پڪو هجي يا ڪچو ڪو دڪان يا ڇپرو هجي، هر قسم جي غيرقانوني اڏاوت خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته شهر جي خوبصورتي ٽريفڪ جي رواني ۽ عوام کي قبضي جي آزار کان بچائڻ لاءِ انتظاميا سان سهڪار ڪن ۽ پنهنجا غيرقانوني قبضا پاڻمرادو ختم ڪن ٻي صورت ۾ سامان ضبط ڪرڻ سميت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 26 روزاني عبرت

ڏئي اغوا ڪري ڪٽي ويو پر هن مون سان شادي نه ڪئي ۽ مان ان جي قيد ۾ مسلسل بيهوشي واري حالت ۾ هئس. هن چيو ته وڌيڪ بيان آئون سڀاڻي عدالت ۾ ڏيندس جنهن بعد پوليس ناري کي واپس وٺي رواني ٿي وئي هوڏانهن الزام هيٺ آيل معاوير بنگلاڻي بيان ڏيندي چيو ته مان بيگناهه آهيان، ناري ثمرين 8 ڏينهن منهنجي نجي اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪيو جنهن بعد هو هتان نڪري وئي ۽ بعد انهن جي والدين مون مٿان اغوا جو الزام لڳايو پر آئون ڪيترائي ڏينهن ڪراچي هئس ۽ آئون جيڪب آباد ۾ موجود رهيس جيڪڏهن اغوا جي معاملي ۾ آئون ملوث هجان ها ته آئون به جيڪب آباد کان ٻاهر ناري سان گڏ هجان ها، هن چيو ته منهنجو ناري سان ڪنهن به قسم جو تعلق ناهي مان هن کي شادي جو ڪوبه جهانسو ناهي ڏنو جيڪڏهن مون مٿان ڪوبه الزام ثابت ٿئي ته مون کي ڦاهي تي چاڙهيو وڃي واضع رهي ته ناري ثمرين ڪورائي کي جتان پوليس بازياب ڪرايو انهن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي ۽ نه ئي انهن بابت ڪو ڏس پتو ميڊيا کي ٻڌايو ويو جڏهن ته هن وقت تائين پوليس طرفان هن ڳجهارت بڻيل ڪهاڻي کي واضع ڪرڻ لاءِ ڪو بيان جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي پوليس کان جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي قمبراڻي اتحاد جي اڳواڻن ۽ مقتول نوجوان جي وارثن دانهيندي چيو ته سهيل قمبراڻي کي 8 محرم الحرام تي جهيڙي دوران مبينا طور قتل ڪيو ويو هو جنهن واقعي کي ٻه مهينا گذري وڃڻ باوجود ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي جنهن سبب مقتول جي خاندان ۾ سخت بيچيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي هنن الزام لڳايو ته پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ بدران معاملي کي لٽڪائي رهي آهي جنهن ڪري مقتول جي وارثن کي انصاف ملڻ بابت خدشا پيدا ٿي ويا آهن احتجاج ڪندڙن چيو ته هو پنهنجي نوجوان جي قتل جو انصاف چاهين ٿا ۽ ڪنهن به صورت ۾ ڪيس کي سردخاني جي نذر ٿيڻ نه ڏيندا. مقتول جي وارثن ۽ قمبراڻي اتحاد جي اڳواڻن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سهيل قمبراڻي جي قتل ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جوابدارن جون گرفتاريون عمل ۾ نه آنديون ويون ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 28 روزاني عبرت

ضلعي خيرپور جي مشهور درگاهه نصير فقير جلالاڻي لڳ ڳوٺ جي بااثر وڏيرن غلام مصطفيٰ جلالاڻي عبدالرحيم ،عبداللطيف ۽ شهيد ڏنو جلالاڻي پنهنجي ساٿين سميت درگاهه جي فقيرن جي پلاٽ تي قبضي لاءِ مبينا حملو ڪري 5 فقيرن کي زخمي ڪرڻ واري عمل خلاف درگاهه جي عقيدتمندن پاران ساجد سمون ۽ ٻين پاران ميرپورماٿيلو ۾ ٻي ڏينهن به جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين مطالبو ڪيو ته حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيس روڊ لاءِ عوام کي تڪليف ۾ وجهڻ درست ناهي اهڙي شاهراهه کي بند ڪرڻ مناسب ناهي جتان لکين ماڻهو گذرن ٿا، ماڻهو جيترو وڌيڪ ٽريفڪ ۾ ڦاسندا اوترو وڌيڪ پيٽرول خرچ ٿيندو هن چيو ته عوام کي تڪليف ۾ وجهي سياست ڪرڻ جو حامي ناهيان، مان اوهان کي احتجاج لاءِ ٻي جاءِ ڏئي سگهان ٿو.

بقايا 30 روزاني عبرت

ڪندي راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ جي وسيلن تي قبضي ۽ ارڙهين ترميم کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ارڙهين ترميم تحت صوبن جا اختيار وڌائي سگهجن ٿا پر گهٽائي نٿا سگهجن هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن اسيمبلي ۾ سنڌ جي ٽوپيون ۽ اجرڪ پائي 'سنڌ امان' ۽ 'مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون' جا نعرا هڻي ايم سيد ۽ بشير خان قريشي کي ٻه ڏهه قدم پوئتي ڇڏي ڏنو آهي، سنڌس چوڻ هو ته اهي نعرا ٻه اهي ماڻهو هڻي رهيا آهن جيڪي يونين ڪائونسل جي بجيٽ مان ڀتو وٺندا آهن جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي صدر چيو ته سنڌ تي پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن)، مسلم ليگ (ق)، ايم ڪيوايم ۽ مارشل لا حڪومتون ڪري چڪيون آهن ۽ سنڌ جي عوام سڀني کي آزمائي ڏٺو آهي هاڻي هڪ موقعو جمعيت علماءِ اسلام کي ملڻ گهرجي راشد محمود سومرو دعويٰ ڪئي ته جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي تقدير تبديل ڪندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ عالمي امن اجتماع منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ 50 لک ماڻهن کي گڏ ڪري وڏو 'سرپرائز' ڏنو ويندو پريس ڪانفرنس جي موقعي تي حاجي صاحبڏنو ورياهه سليم سنڌي، سارنگ منگوائو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 31 روزاني عبرت

ريلوي آفيسر محمد صديق سومرو کان 10 لک رپيا ڦر ڪري گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا، زخمي محمد صديق سومرو موجب هو گهر کان چند سو ميٽرن تي واقع نجي بئنڪ مان 10 لک رپيا ڪيرائي موٽرسائيڪل تي ميرڪالوني ۾ پنهنجي گهر پهتو ته موٽر سائيڪل تي سنڌس پيڇو ڪندڙ ڪن هٿيارٻند ڦورن ڪيس گهر جي دروازي وٽ گهيري ورتو ۽ هٿيارن جي زور تي رقم ڦر ڪرڻ بعد فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا 32 روزاني عبرت

الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو اوچتو باهه لڳڻ سبب متاثر خاندانن ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو باهه ايتري تيزيءَ سان پکڙجي وئي جو گهر ڀاتين کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ گهرن مان ٻاهر نڪرڻو پيو ۽ هو صرف خالي هٿين جان بچائي سگهيا. باهه وسائڻ جي ڪوشش باوجود سندن گهرن جو سمورو سامان سڙي تباهه ٿي ويو.

بقايا 33 روزاني عبرت

ذوالفقار علي نالي نوجوان کي پوليس چوڪي تي وٺي وڃي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو متاثر نوجوان جو وڊيو بيان پڻ سامهون آيو هو جنهن ۾ سنڌس جسم تي تشدد جا نشان نظر اچي رهيا هئا.نوجوان الزام لڳايو ته ڪيس ماوا ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن کان ڀتو گڏ ڪرڻ لاءِ چيو ويو ۽ انڪار ڪرڻ تي سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون ويون متاثر نوجوان موجب ڪيس مبينا طور 20 هزار رپيا رشوت وٺڻ ڪانپوءِ آزاد ڪيو ويو ايس ايس پي فدا حسين جانوري واقعي جي جاچ لاءِ ڊي ايس پي لائيڪي صفي الله کي جاچ آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

جلسو منعقد ڪيو ويو جان محمد جوڻيجو طاهري جي ميزبانيءَ ۾ منعقد جلسي ۾ شهر جي مختلف پاڙن کان عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي مولانا سڏير احمد ڪرمي چيو ته حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن باعث تخليق ڪائنات آهن، قدسي حديث مطابق اگر مديني واري سائين کي پيدا نه ڪيو وڃي ها ته هي ڪائنات ئي وجود ۾ نه اچي ها. هن چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي دنيا ۾ آمد ايمان وارن لاءِ الله تعاليٰ جي طرفان عظيم تحفو ۽ نعمت آهي ان نعمت تي الله تعاليٰ جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته نبي ڪريم جن جي ذڪر کي الله تعاليٰ بلند فرمايو آهي ۽ ڪين سهڻو خُلق عطا ڪيو ويو سندن سهڻي ڪردار ملي گفتار سبب دين اسلام مڪي ۽ مديني کان نڪري سموري دنيا ۾ ڦهلجي ويو اسان کي به ان پياري آقا خاتم النبين جن جي ڏنل تعليمات تي عمل ڪرڻ گهرجي. مولانا سڏير احمد ڪرمي چيو ته ميلاد ملهائڻ جو حقيقي حق تڏهن ادا ٿي سگهي ٿو جڏهن اسين ان صاحب ميلاد جي سنتن تي عمل پيرا ٿيون جلسي ۾ عبدالحق ڪوڪر قاسمي، علي دوست قاسمي ۽ ٻين نعت خواني ڪئي آخر ۾ صلاة و سلام پڙهڻ سان گڏ عالم انسانيت ۽ ملڪي سلامتيءَ جون دعائون گهرڻ سان گڏ ميلاد تقسيم ڪيو ويو

بقايا 35 روزاني عبرت

جي ايلٽميٽم ڏنو ويو ته ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان تفصيل موجب صحافي وقار ٻوزدار ۽ صحافي منير احمد شر مٿان گهوٽڪي ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف صحافين پاران ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ۾ گڏجاڻي ٿي گڏجاڻي ۾ صحافين جو چوڻ هو ته وقار ٻوزدار مبينا طور تي واقعي واري ڏينهن واقعي جي هنڌ تي موجود ئي نه هئا، تنهن باوجود ايف آءِ آر ۾ سندن نالا شامل ڪيا ويا آهن صحافين پاران مطالبو ڪيو ويو ته ڪن ڏينهن اندر ايف آءِ آر مان صحافي جو نالو خارج ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته اجلاس ۾ صحافي لطيف لغاري، اياز ڪهاوڙ برڪت ميراڻي، تاج ڏانوري علي گوهر گبول،جعفر شيخ سميت ٻين صحافين شرڪت ڪئي ياد رهي ته گهوٽڪي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او آندل سندراڻي ۽ قابل پيو وچ ۾ عدالت ۾ مبينا جهيڙي ۽ تشدد واري معاملي تي قابل پيو جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي گهوٽڪي ۾ 51 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ صحافي وقار ٻوزدار ۽ صحافي منير شر جو نالو پڻ شامل ڪيوويو آهي صحافين مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي سندن نالو ڪيس مان خارج ڪيو وڃي

بقايا 36 روزاني عبرت

جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر داخل ڪرايو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي جنهن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ٻڌايو پيو وڃي ته پاڙي ۾ اڻڄاتل همراهه اوچتي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ابراهيم هليو زخمي ٿي پيو آهي اطلاع تي پوليس پهچي واقعي جا تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي طرف زخمي جي وارثن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي. پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، جلد اصل حقيقتون سامهون اچي وينديون

بقايا 37 روزاني عبرت

مختلف هنڌن تي ڪارروائي ۽ جديد ٽيڪنالوجي ذريعي سيڌارجا جي سنئير صحافي گلاب علي سهتو جي پٽن صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو کان 8 ڏينهن اڳ خيرپور ۾ شاهه حسين ٿاڻي جي حد نظاماڻي پوليس پڪٽ ويجهو قومي شاهراهه تان ڦر ٿيل ميڊيا جو سامان ڪارڊ، اي ٽي ايم ڪارڊ، لوگا، سنڌ بار ڪائونسل جا ڪارڊ، قومي شناختي ڪارڊ، تعليمي سرٽيفڪيٽ، موبائل فون ۽ ضروري ڪاغذات واپس ڪرائي صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو حوالي ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي واقعي جو ڪيس شاهه حسين ٿاڻي ۽ سي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ڦريل سامان ۽ موبائل فون واپس ڪرائڻ ۾ ريجنل يونين آف جنرلسٽ سنڌ جي صدر غلام عباس پنهيرو اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان ۽ ڊويزنل صدر عبدالمجيد پنهيرو پنهنجو ڪردار ادا ڪندي سامان واپس ڪرائي ڏنو

بقايا 38 روزاني عبرت

جي اڳواڻي ۾، جڏهن ته سياسي سماجي اڳواڻ ديدار شاهه جي يڪجهتي سان احتجاج ڪندڙ ملازمن چيو ته حڪومت طرفان وڌايل پگهارون گذريل ڪن مهينن کان ڪين ادا ناهن ڪيون ويون هنن چيو ته هو سڄي شهر جي صفائي ڪري شهرين کي سهولتون فراهم ڪن ٿا، پر پنهنجي جائز حق لاءِ آواز اٿارڻ تي ڪين سختين ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو سندن چوڻ هو ته خاص ماڻهن جون پگهارون وڌايون ويون آهن پر صفائي ڪندڙ عملي سان ڳالهائڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي ملازمن وڌيڪ ڌانهيو ته موڪل واري ڏينهن تي به ڪانئن ڪم ورتو وڃي ٿو جڏهن ته مجبوري سبب موڪل ڪرڻ تي پگهار مان رقم ڪاٽي وڃي ٿي جيڪا سراسر ناانصافي آهي احتجاج ڪندڙ ملازمن وزير بلديات، اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته حڪومت طرفان منظور ڪيل وڌايل پگهارون فوري طور جاري ڪري ڪين سندن جائز حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سخت کان سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 39 روزاني عبرت

چيئرمين چوڌري مقبول گجر فنڪشنل هائوس ڪلفٽن ۾ اهم ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جي ليبر ونگ جي صدر سيد ولي وارثي ليبر ونگ جي جنرل سيڪريٽري شڪيل ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري انور عظيم ليبر ونگ ڪراچي ڊويزن جي نائب صدر نويد سمائر سميت ٻين سياسي ۽ سماجي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي ملاقات دوران آزاد ڪشمير جي موجوده سياسي صورتحال عوامي مسئلن سياسي استحڪام جمهوري عمل ۽ ڪشميري عوام جي جائز مطالبن سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي سربراهه ۽ حر جماعت جي روحاني پيشوا پير صبغت الله شاهه المعروف پير پاڳاري ۽ پاڳارا خاندان جي قومي جدوجهد ۽ سياسي روايت جو پڻ خاص ذڪر ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن چيو ته پاڳارا خاندان جي تاريخ قرباني ايمان قومي وقار ۽ اصولن تي ثابت قدمي سان ڀرپور آهي شرڪت ڪندڙن چيو ته سورهيه بادشاهه المعروف پير پاڳارو ڇهون جي اڳواڻيءَ ۾ حر تحريڪ جي برطانوي استعمار خلاف جدوجهد سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي، جنهن ته ساڳئي قومي روايت جي تسلسل ۾ اڄ پير پاڳارو پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻي ڪندي پاڪستان جي مضبوطي، قومي يڪجهتي، جمهوري قدرن ۽ عوامي حقن لاءِ پنهنجو سياسي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۽ پاڳارا خاندان ڪشميري عوام جي لازوال قربانين کي قدر ۽ احترام جي نظر سان ڏسن ٿا.ڪشميري عوام پنهنجي حقن ۽ سياسي مستقبل لاءِ نسل در نسل جيڪي قربانيون ڏنيون آهن

بقايا 40 روزاني عبرت

محمد راهوجو جي آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ اندر نوان صوبا ڪنهن به صورت ۾ نه ٺهندا پارٽي قيادت ۽ سنڌ جي عوام جو موقف واضع آهي اسين هر طرح جي تحريڪ لاءِ تيار آهيون سنڌ سميت ضلعي خيرپور ۾ امن امان جي بحاليءَ لاءِ اسان کي ڌوهارين خلاف متحرڪ ۽ هڪ آواز ٿيڻو پوندو ان موقعي تي وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل خيرپور سيد فهد علي شاهه جيلاڻي، سيد دين محمد شاهه ، وڏيرو محمد يوسف ڪانهي ايڊووڪيٽ مبين احمد تاريجو ، چيئرمين ڊاڪٽر منظور ڪلهوڙو، چيئرمين غلام مصطفي ڪانهي،ٻهلول اڄڻ ، نسيم لوڌرو ۽ ٻيا ساٿي گڏ هيا.

بقايا 41 روزاني عبرت

پيو اطلاع ملڻ تي هنگورجا پوليس حادثي واري هنڌ پهچي فوت ٿيل قرب علي پيلاڙ جو لاش ۽ سخت زخمي ميان بخش پيلاڙ کي اسپتال منتقل ڪيو جتي فوتي جو ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي آخري اطلاع تائين روڊ حادثي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 42 روزاني عبرت

بيٺل ميونسپل ٻولهاڙي جو اهم علائقو بروهي چوڙنگ کان ويندي انڊس هائي وي روڊ تائين نالي جي صفائي سٿرائي نه ڪرڻ سبب علائقي جي مختلف ڪالونين جو گيڙي سان وهندڙ پاڻي کي رستو نه ملڻ سبب پاڻي مين روڊ تي اچي ويو جنهن سبب ايندڙ ويندڙ ماڻهن ٽوڙي اسڪولي ٻارڙن ۽ عورتن کي سخت تڪليف هڻي دوران وهندڙ پاڻي نئون ٺهيل روڊ کي هنڌان هنڌان ٽوڙي ڇڏيو جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تي روڊ کي وڏا وڏا کڏا پئجي ويا . گندي پاڻي جي مسلسل وهڻ سبب علائقي ۾ بدبوءِ پکڙجي ويئي مڇرن سميت بيمارين ۾ به واڌ . ان سلسلي ۾ ڳالهائيندي وسيم چانڊيو خادم چانڊيو ذوالفقار ۽ ٻين چيو ته وڏو عذاب آهي پاڪ ٿي نڪرون ٿا گندگي سان ڀرجي وڃون ٿا . هي ظلم اڄ جو ناهي هتي گندي پاڻي جو اڄڻ معمول بڻجي ويو آهي هنن چيو ته هن روڊ تي ڪيترائي اسڪول مسجدون ۽ دڪان آهن عوام کهڙي ريت اتي پهچي جانورن وانگر زندگي گذاري رهيا آهيون ۾ ميونسپل ٻولهاڙي جو ميونسپل آفيسر فقير داد ڪوسو هن طرف ڌيان نه ٿو ڏي نه ئي هتان گذرڻ پسند ڪري ٿو هنن وس وارڻ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي آهي ته خدارا هتي اچي هتان جا مسئلا حل ڪريو.

بقايا 43 روزاني عبرت

مسئلا حل ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي آفيس جي مرمت مڪمل مڪمل ٿيڻ بعد آفيس جو افتتاح ڪري قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جنهن کان پوءِ نئين چونڊيل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ميمبرن جي لاءِ آجياڻو ڏنو ويو ۽ صدر خير محمد شيخ جي صدارت ۾ واپارين جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ امن امان جي صورتحال، وڌندڙ ڦرن ۽ اغوا جي وارداتن بجلي جي جبري لوڊشيڊنگ، ٽيڪس ادا ڪندڙ واپارين لاءِ ٽرن اوور ٽيڪس اسڪيم متعارف ڪرائڻ ڪڻڪ جي مسئلي ۽ واپارين کي مبينا حراسان ڪرڻ سميت اهم معاملن سميت لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اغوا موٽرسائيڪلن ۽ موبائل فونن جي ڦرن جي وڌندڙ واقعن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي چيمبر جي صدر خير محمد شيخ چيو ته امن امان جي صورتحال بابت گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ کي خط ذريعي آگاهه ڪيو ويو آهي هن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري واپارين ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اڳ ۾ ٿيل ڦرن جي سامان ۽ رقم جي رڪوري لاءِ به قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ واپڊا جي مبينا جبري لوڊشيڊنگ سبب صنعتڪارن ۽ واپارين کي ٿيندڙ معاشي نقصان تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته غيرضروري لوڊشيڊنگ جو خاتمو ڪري صنعتن ۽ ڪاروباري سرگرمين لاءِ بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي نون ٽيڪس پيئرز لاءِ لاڳو ڪيل ٽرن اوور ٽيڪس اسڪيم جي حوالي سان پڻ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو ته واپاري برادري جا خدشا ختم ڪري ٽيڪس نظام کي ڪاروبار دوست بڻايو وڃي اجلاس ۾ لاڙڪاڻي ۾ گندم جي صورتحال تي پڻ غور ڪيو ويو واپاري برادري مطالبو ڪيو ته ڪڻڪ جي ڪاروبار سان لاڳاپيل فلور ملز ۽ ٻين واپارين کي غيرضروري حراسان ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ مسئلي جي حل لاءِ واپارين سان صلاح مشورا ڪيا وڃن اجلاس ۾ سينئر نائب صدر هريش لعل، نائب صدر جمال مصطفيٰ شيخ، اڳوڻي صدرن محمد علي شيخ، مسعود احمد، نول راءِ ڪٽيارا ۽ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ميمبرن ۽ ٻين واپارين شرڪت ڪئي

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ

(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

URAAN PAKISTAN

گُدز جي خريداريءَ لاءِ | آڇون گهرائڻ جي ٽيون

1. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) مالياتي سال 27_2026 لاءِ منصوبابندي ڪيل خريداريءَ لاءِ فنڊ مختص ڪيا آهن. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) ايڊوانس فنڊز مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هڪ حصو T-3027-FA-REQ-1025-1- 00166 سپلاءِ ۽ هائرنگ سروسز برائي مڪمل ايئر سائيڊ لوڪل ورڪس بشمول تمام لاڳاپيل آلات، معاون آلات، ڊڪٽنگ، انسوليشن پڪا، BMS، تنصيب ۽ BOQ جي مطابق ٻين لاڳاپيل شين جي معاهدي تحت اهل ادائگين جي تڪميل لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. جنهن جو حوالو "P97735"آهي.
2. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) EPADS v2.0 تي بولي، جي دستاويزن ۾ بيان ڪيل شين جي خريداريءَ لاءِ اهل واڪ ڊيندڙن کان مهربند آڇون طلب ڪري ٿي.
3. اسان جي خريداريءَ لاءِ هڪ مرحلي واري هڪ لفافي جو طريقو اختيار ڪيو ويندو. جڏهن ته انتخاب گهٽ ۾ گهٽ لاڳت تي ٻڌل انتخاب (LCBS) ٽيڪنڪ تحت آڇ جو جائزو ورتو ويندو اهو عمل پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004ع ۽ لاڳاپيل اٿارٽيءَ پاران وقت بوقت جاري ڪيل سڀ ضابطا، ريگوليٽري گائيڊنس، پروڪيورمينٽ گائيڊلائنز ۽ هدايتن جي مطابق هوندو.
4. سڀني آڇن سان گڏ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل زرِ ضمانت جي شق مطابق مقرر ڪيل رقم جي بڊ سيڪيورٽي لازمي لڳل هجڻ گهرجي. جيڪا پي آرڊر يا بئنڪ گارنٽيءَ جي شڪل ۾ جمع ڪرائي سگهجي ٿي. يا متبادل طور سڀني آڇن سان گڏ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل مقرر فارميٽ مطابق بڊ سيڪيورٽي ڊڪليئريشن به جمع ڪرائي سگهجي ٿي.
5. اليڪٽرانڪ واڪ دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪي خاصيتون ۽ ٻي ضروري ڄاڻ شامل آهن. اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي لنڪ [https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/97735](https://epads.gov.pk/opportunities/federal/ procurements/97735)تي رجسٽرڊ سڀني دلچسپي رکندڙ واڪ ڊيندڙن لاءِ دستياب آهن. آڇ جي عمل ۾ شرڪت لاءِ سڀني واڪ ڊيندڙن جو EPADS v2.0 تي رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.
6. اليڪٽرانڪ آڇون، جيڪي اليڪٽرانڪ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، اڱارو، 06 آڪٽوبر 2026، صبح جو 11:00 وڳي تائين لازمي طور تي EPADS v2.0 جي ذريعي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ آڇون ان ئي ڏينهن اڱارو، 06 آڪٽوبر 2026، صبح جو 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿرادو جمع ڪرايل آڇون قابل قبول نه هونديون. اهي سپلائرز/فراهم ڪندڙ جن اڃا تائين EPADS جي نئين ورزن تي رجسٽريشن ناهي ڪرائي، اهي https://vendors.epads.gov.pkتي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت لاءِ تربيتي وڊيو لنڪ ?[https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc](https://www.youtube.com/watch v=MNW6T38v7tc)تي دستياب آهي.

پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004 جي رول 48 جي مطابق، اسان جي خريداريءَ جي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميٽي (GRC) جوڙي وئي آهي. جنهن جو نوٽيفڪيشن خريداري ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ ۽ پي پي آر اي (PPRA) جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk) تي دستياب آهي.

ڊپٽي جنرل مئنيجر (پروڪيورمينٽ) پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ، جناح ايونيو، ملير هالٽ، ڪراچي.
فون: +92-333-687-0000 اي ميل: furqan.awan@pspc.gov.pk

PID K-831/26

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

OPEN AUCTION

1. OGDC intends to invite bidders for **"Open Auction of Unserviceable Material"** at the following OGDC locations on " as is where is" basis, in accordance with the schedule given below:

S#	LOCATION	DESCRIPTION	INSPECTION DATES	DATE OF AUCTION
01	CHAK NARANG BASE STORE CHAKWAL	SCRAP, BITS, BATTERIES, VEHICLES, TYRES MISC. ITEMS	14.09.2026 TO 21.09.2026	28.09.2026 AT 1000 HRS
02	KHADEJI BASE STORE KARACHI	SCRAP, BITS, BATTERIES, VEHICLES, TYRES MISC. ITEMS	14.09.2026 TO 21.09.2026	30.09.2026 AT 1000 HRS

2. The prospective bidders are advised to visit OGDC's official website for detailed terms and conditions pertaining to auction procedure, payments, applicable taxes, delivery, contact numbers of relevant locations and bid bond etc. to ensure complete clarity regarding the auction process.

General Manager (MMD)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-9218049

ogdcl.com
No.147/13

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ڪڏڙو لڳ بانسن سان ڀريل ٽرالر جو ڪار سان ٽڪر ۾ نوجوان فوت

سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ سانگهڙ-نوابشاهه مين روڊ تي ٽرالر ۽ ڪار ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾35 ورهين جو رانا ثاقب ۽28 سالن جو نعمان جت موقعي تي فوت

پوليس بانسن سان ڀريل ٽرالر ۽ ان جي ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪڏڙو (ن ع) ڪڏڙو لڳ سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ سانگهڙ-نوابشاهه مين روڊ تي راڙتياڻي اسٽاپ وٽ رات دير سان بانسن جي لڪڙين سان ڀريل ٽرالر ۽ ڪار ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار ٻه نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. حادثي ۾ 4 چڪ واسي 35 ورهين جو رانا ثاقب ۽ 23 چڪ واسي 28 ورهين جو نعمان جت فوت ٿي ويا. حادثو رات جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪڏڙو: حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوانن جا فائيل فوٽو

پنوعاقل لڳ عورت جو روڊ بلاڪ ڪري رٽائرڊ استاد خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل: چُونگها اسٽاپ تي عورت جو احتجاج، شهرين وچ ۾ ڦٿي روڊ ڪولرائي ڇڏيو پنوعاقل جي چُونگها اسٽاپ تي مائي سڪينه ڪلوڙ معصوم ٻارڙن سميت قومي شاهراهه ڪجهه وقت لاءِ بند ڪري احتجاج ڪيو احتجاج دوران مائي سڪينه ڪلوڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ شاگرد عمر لاشاري جي قتل خلاف احتجاجي ريلي

شاگردن، وارثن ۽ سول سوسائٽي پاران مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي

قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مقتول جي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي:مظاهرين

شڪارپور (ذ ر) شاگرد عمر لاشاري جي قتل خلاف شاگردن وارثن ۽ سول سوسائٽي پاران روڊن تي نڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي عمر لاشاري قتل ڪيس ۾ مبينا جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف شاگردن مقتول جي وارثن سول سوسائٽي ۽ مختلف سياسي توڙي سماجي ڌرين پاران احتجاج

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شاگرد عمر لاشاري جي قتل خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

فيض گنج: ڪوٽ لالو پرسان هٿياربندن جي گاڏي تي فائرنگ، واپاري قتل

علي آباد وٽ هٿياربندن ڪوٽ لالو واسي واپاري سيٺ ممتاز راڄپر جي گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ سبب سيٺ ممتاز راڄپر موقعي تي مارجي ويو، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

لوٽي جي شر برادري سان ممتاز راڄپر جو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان واقعي پيش آيو آهي:ذريعا

فيض گنج (ن ع) ڪوٽ لالو پرسان علي آباد وٽ هٿياربندن ڪوٽ لالو واسي واپاري سيٺ ممتاز راڄپر جي گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هو گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي قتل ٿي ويو اطلاع ملڻ تي ڪوٽ لالو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: اڳوڻو صوبائي وزير مبين جماڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ کي ٽوڙڻ يا تقسيم ڪرڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو: محمد مبين جماڻي

نياڻين کي جديد ۽ معياري تعليم جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪرنڊيجي IBA آءِ ٽي سينٽر ۾ شاگردياڻين ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب

گمبٽ (ت ر) ڪرنڊيجي IBA آءِ ٽي سينٽر ۾ شاگردياڻين ۾ 17 ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب دوران اڳوڻي نگران صوبائي وزير ۽ چيئرمين جماڻي گروپ محمد مبين جماڻي چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي، سنڌ کي ٽوڙڻ يا تقسيم ڪرڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو هن چيو ته افسوس آهي انهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميهڙ جي ٽن ڪالونين ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين جو احتجاج، پيادل مارچ

بلاول، همدم ۽ اعجاز ڪالوني جي رهواسين 16 هين ڏينهن به هڪ ڪلوميٽر مارچ ڪيو

30 سال پراڻين ڪالونين ۾ گهٽين، پڪين نالين ۽ مٺي پيئڻ جي پاڻي جي سهولتن جي کوٽ آهي:مظاهرين

ووٽن وقت واعدا ڪيا وڃن ٿا، پر عملي طور مسئلا حل ناهن ٿيا: اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺن

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بلاول ڪالوني همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني جا رهواسي بشير احمد ڦالو طارق سولنگي مزمل جاتوئي، اسحاق ملاح، وقار سولنگي سونو پنهور نثار چانڊيو وحيد ميراڻي اعجاز ميراڻي، فياض سولنگي، محمد يوسف جتوئي آزاد هالو انيس ڪوسو بشير ڪوسو وحيد جتوئي، افضل چانڊيو اسد الله پنهور لياقت چانڊيو غلام نبي ڪوسو محرم علي ريگهيو خان ابڙو، راشد منگي محڪم الدين سولنگي اخلاق ملاح منير

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت نوجوان جي مبينا گمشدگي خلاف وارثن جو احتجاج، آزادي جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ ڏامراهه جي رهواسين پوليس هٿان مبينا ڪنهي گم ڪيل پورهيت نوجوان جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت زيبل خاتون گاڏهي پنهنجي ننهن صائمه ماسات نجمه خاتون پٽ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: باهه لڳڻ سبب سڙي رک ٿيل گهر جو ڏيک

ٽنڊوالهيار مومن آباد ڪالوني جي رهواسين جو فحاشي اڏن خلاف احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ڪيريا شاخ باءِ پاس تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

مومن آباد ڪالوني ۾ فحاشي جي اڏي جي شڪايت پوليس کي ڪئي پر پوليس ڪو ايڪشن نه ورتو:مظاهرين

فحاشي جي اڏن جي ڪري اسان جي نوجوان نسل ۽ علائقي جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي مومن آباد ڪالوني جي رهواسين جو فحاشي جي اڏن خلاف ڪيريا شاخ تي ڌرڻو . گاڏين جون قطارون لڳي ويون. انصاف جي خاطري تي ڌرڻو ختم خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر جي مومن آباد ڪالوني جي رهواسين جو فحاشي جي اڏن خلاف ڪيريا شاخ باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهين پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي مومن آباد جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: نامعلوم هٿياربند شهرين کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار

راضيديرو(قربان علي گلال) اگڙا ٿاڻي جي حد گلاب شاهه وڪان رات نامعلوم هٿياربندن عبدالودود خاصخيلي کان موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا.

ٽنڊوآدم کي غيرقانوني قبضن کان مڪمل طور آجو ڪرايو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر

تاريخي طور پيرس سڏجندڙ ٽنڊوآدم کي بنا فرق جي غيرقانوني قبضي کان پاڪ ڪيو ويندو

قبضن سان گڏ رستن تي ٽريفڪ رواني متاثر ڪندڙ گاڏين خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي

ٽنڊوآدم (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي چيو آهي ته تاريخي طور پيرس سڏجندڙ ٽنڊوآدم شهر کي بنا ڪنهن فرق جي هر قسم جي غيرقانوني قبضي کان پاڪ ڪيو ويندو ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته شهر مان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ انتظا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ڏينهن ڏٺي جو رٽائرڊ آفيسر کان 10 لک ڦر، فائرنگ، همراهه زخمي، ڌرڻو روڊ بلاڪ

مير ڪالوني ۾ گهر جي دروازي اڳ ٽن هٿياربندن محمد صديق سومرو کان 10 لک رپيا ڦر ڪري گوليون هڻي فرار ٿي ويا

ڦر ۽ فائرنگ خلاف شهرين جو حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

شهرين جي پوليس خلاف سخت نعريبازي، ڦورن جي گرفتاري ۽ امن امان جي بحالي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ بدامني عروج تي ڏينهن ڏٺي جو ڦر جي واردات، ڦورو رٽائرڊ آفيسر کي گهر جي دروازي اڳيان گوليون هڻي 10 لک روپيا ڦر ويا، سبب زخمي شهرين جو بدامني خلاف مڪيه شاهراهه تي ڌرڻو روڊ بلاڪ خبر موجب ٽنڊوڄام ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي، شهري ڏينهن جو پنهنجي گهر اڳيان به محفوظ نه آهن گذريل ڏينهن هٿياربند ڦورو ڏينهن ڏٺي جو ٽنڊوڄام جي مير ڪالوني ۾ گهر جي دروازي اڳ رٽائرڊ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڦر جي مزاحمت تي زخمي ٿيل شخص سان گڏ سندس وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

صحافي وقار بوزدار ۽ منير شر تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ماٿيلي ۾ صحافي برادري جو اجلاس

ماٿيلي پريس ڪلب ۾ صحافي برادري جو هنگامي اجلاس، ايف آءِ آر مان نالا خارج ڪرڻ جو مطالبو

وقار بوزدار واقعي واري هنڌ موجود ئي نه هو، باوجود ڪيس ۾ نالو شامل ڪيو ويو آهي:ظلم ڏٺي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو صحافي وقار بوزدار ۽ منير شر مٿان اي سيڪشن ٿاڻي گهوٽڪي تي ٿيل ڪيس داخل واري اشو تي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو ۾ صحافي برادري جو هنگامي اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ گهوٽڪي پوليس کي نالو خارج ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بادهه ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جو ساليانو جلسو، عاشقان رسول صه جي شرڪت

بادهه (ن ع) پراڻي بادهه جي جوڻيجو - سومرا محلي جي جامع مسجد ۾ جشن عيد ميلادالنبي جي مناسبت سان ساليانو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هنگورجا لڳ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

قومي شاهراهه تي حاجي راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ قرب علي پيلار ٿلڊي تي فوت، ميان بخش پيلار سخت زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا قومي شاهراهه تي حاجي راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ خوفناڪ حادثو ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر هڪ ڄڻو فوت، هڪ سخت زخمي تفصيل موجب هنگورجا قومي شاهراهه تي ڳوٺ حاجي راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل وچ ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 65 ورهين جو قرب علي پيلار ٿلڊي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ميان بخش پيلار سخت زخمي ٿي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لڳ موٽروي تي مسافر ڪوچ ڪلٽي، 20 ڄڻا زخمي، هڪ جي حالت نازڪ

ڄامشورو (ذ ر) ڄامشورو پراڻي ٽول پلازا وٽ ايم 9 موٽروي تي ڪراچي کان رهاڙي ويندڙ مسافر ڪوچ رڪشا کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي جنهن سبب ڪوچ ۾ سوار 20 جي لڳ ڀڳ مسافر زخمي ٿي پيا، حادثي سبب مسافر روڊ تي ٽڙيل پکڙيل پيا رهيا ريسڪيو عملو ۽ پوليس گم رهي، حادثي جو شڪار ڪوچ ۾ زخمي هڪ مسافر جي حالت جوڳي بڌائي پئي رهي حادثي جي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاهور: موسيقي جي اوزارن جي هڪ دڪان تي ڪاريگر ڊولڪ ٺاهي رهيا آهن

ملتان: هڪ لاڏاڻو ناري ٻئي ناري جي مٿي مان جوئون ڪڍي رهي آهي

راڻي پور ۾ قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين خلاف جسقم جو مظاهرو

عامر انصاري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي ڪُٺي جوڳو عمل آهي:مظاهرين

جيڪڏهن ڪنهن تي ڪو الزام آهي ته ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

راڻي پور(ن ع) جسقم اريسر تعلقي سوڀوديرو پاران قومي ليڪ ۽ جسقم اريسر ضلعي خيرپور جي پريس ترجمان عامر انصاري سميت ٻين قومي ڪارڪنن جي مبينا جبري گمشدگي خلاف پريس ڪلب راڻي پور اڳيان هٿن ۾ نعاري وارا بينر ۽ جهنڊا کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڀريا ۾ عدالتي ڇاپي، فلور مل مان مبينا طور ٻانڌي بڻايل 14 ورهين جو نينگر بازياب

وارثن جو ڀرياروڊ پوليس تي نينگر کي بنا جواز گرفتار ڪري تشدد ڪرڻ جو الزام

درخواست داخل ٿيڻ بعد سول جج نظير ڪوسي جي ڪارروائي، فضل ڪريم شر فلور مل مان بازياب

نينگر ۽ وارثن جو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ سيشن جج کان شفاف جاچ ۽ انصاف جو مطالبو

ڀرياسٽي (ن ع) ڀرياسٽي جج جو بسم فلور مل تي ڇاپو پوليس پاران ناحق ٻانڌي بڻايل پورهيت نوجوان نينگر فلور مل مان بازياب ٿي ويو ڪجهه ڏينهن اڳ ڀرياروڊ ايس ايڇ او غلام مصطفى ميراڻي بنا جواز 14 سال نينگر کي گرفتار ڪري مختلف هنڌن تي گم ڪري ڇڏيو هيو هٿ آيل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين سان تاجڪستان جو سفير ملاقات ڪندي

تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف جي ٽي آءِ جو احتجاج

شاگردن، استادن ۽ شهرين هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي ميرٽ جي لتاڙ خلاف نعريبازي ڪئي

سنڌ ۾ تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن جو مستقبل متاثر پيو ٿئي:مظاهرين

سجاول (ذ ر) سجاول جي تعليمي ادارن ۾ گهربل سهولتن جي کوٽ ۽ سنڌ ۾ مبينا طور ميرٽ جي لتاڙ خلاف جمعيت طلباءِ اسلام (جي ٽي آءِ) جي سڏ تي جامع مسجد چوڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شاگردن استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري هٿن ۾ پلي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪنگري ۾ غريب ۽ مستحق ماڻهن ۾ سولر پليٽون، پکا ۽ سلائي مشينون ورهايون ويون

پ پ سنڌ جي وحدت، جمهوريت ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکندي: محمد بچل شاهه

مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب عام ماڻهو پريشان آهي، عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکڻ جو اعلان

خيرپور(ذ ر) خيرپور: پيپلزپارٽي جي صوبائي اڳواڻ پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني ۽ ڊرب ميهر شاهه پ پ پ اڳواڻ زوار محرم علي ابڙو پاران تعلقي جي غريب ۽ مستحق ماڻهن ۾ سولر پليٽون پکا ۽ سلائي مشينون ورهايون ويون ان موقعي تي خطاب ڪندي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ يوم ختم نبوت جي موقعي تي شاندار ريلي

نڪتل ريلي مک رستن تان ٿيندي شهيد فاضل راهو چوڪ تي وڏي جلسي ۾ تبديل

عاشقان رسول شهرين، مذهبي ۽ سياسي اڳواڻن جي شرڪت، ختم نبوت جي حق ۾ نعريبازي

گولاڙچي (ت ر) عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت گولاڙچي پاران يوم ختم نبوت جي مناسبت سان جمعي جي نماز بعد هڪ پروقار ۽ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي ريلي پاڪستان چوڪ تان شروع ٿي شهر جي مک رستن تان گذري شهيد فاضل راهو چوڪ تي پهچي هڪ وڏي جلسي جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

عوامي مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري ادارن ۾ گڏيل سهڪار ضروري آهي: ڊي سي گهوٽڪي

ماٿيلي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن ۽ ملازمن ۾ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ٻوڏ، برسات، پوليو مهم ۽ هنگامي حالتن ۾ ادارن جي گڏيل هم آهنگي سان بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو: ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد چيو آهي ته لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي گڏيل سهڪار ۽ هم آهنگي سان ئي عوامي مسئلن کي بهتر نموني حل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته مختلف چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورن ادارن ۽ آفيسرن کي پنهنجو پورو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: پير محمد شاهه جي عرس جي موقعي تي ٿيل ميلاد جي محفل جو ڏيک

ماٿيلي ۾ حضرت پير سيد محمد شاهه رضوي جي مزار تي عيد ميلاد النبي صه جو جشن

ملڪ جي مختلف علائقن مان عاشقان رسول ﷺ جي وڏي انگ ۾ شرڪت

مذهبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي نعت خوانن جي شرڪت

اختتامي دعا ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ ترقي، پاڪ فوج سلامتي لاءِ خصوصي دعائون

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو حضرت پير سيد محمد شاهه رضوي جي مزار تي منعقد ٿيندڙ 60 هين ساليانو جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جو تاريخي ميڙاڪو برصغير پاڪ ۽ هند جي سرزمين هميشه عظيم صوفي بزرگن ۽ عاشقان رسول جي فيض سان روشن رهي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

درگاهه نصير فقير جلالاڻي جي فقيرن جو پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف ٻي ڏينهن به احتجاج

بااثر ماڻهن ۽ ساٿين پلاٽ تي قبضي لاءِ مبينا حملو ڪري 5 فقيرن کي زخمي

جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، جيڪڏهن ڪارروائي نه ٿي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ضلعي خيرپور جي درگاهه نصير فقير جلالاڻي پرسان ڳوٺ جي بااثر وڏيرن ۽ ساٿين پاران درگاهه جي فقيرن جي پلاٽ تي قبضو ڪري فقيرن تي حملو ڪرڻ واري عمل خلاف درگاهه جي عقيدتمندن پاران ٻي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سيڪيورٽي گارڊن ۽ گاڏين وارو ڪلچر ختم ڪرڻو پوندو: مرتضيٰ وهاب

خانگي سيڪيورٽي گارڊن پاران سرعام هٿيارن جي نمائش قبول نه ڪئي ويندي

اهڙين ڪمپنين کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ حڪومت ۽ پوليس قدم کڻي رهيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته هر ماڻهو پنهنجو گارڊ کڻي گهمي رهيو آهي، هن ڪلچر کي ختم ڪرڻو پوندو هاڻي شهر مان خانگي گاڏين وارو ڪلچر به ختم ڪرڻو پوندو مزار قائد تي حاضري ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ماڻهن جو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ نوجوان تي پوليس جو مبينا تشدد، چوڪي انچارج معطل

هيڊ ڪانسٽيبل راڻو اعجاز نوجوان ذوالفقار علي کي مبينا تشدد جو نشانو بڻايو

ايس ايس پي ڪورنگي واقعي جي جاچ لاءِ ڊي ايس پي لانڍي کي جاچ آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نوجوان تي مبينا تشدد جي معاملي تي ايس ايس پي ڪورنگي فدا حسين جانوري عوامي ڪالوني ٿاڻي جي بلال ڪالوني پوليس چوڪي جي انچارج هيڊ ڪانسٽيبل راڻو اعجاز کي معطل ڪري ڇڏيو پوليس موجب راڻو اعجاز تي الزام آهي ته هن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: قمبراڻي اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ۽ ڪشمير جو رشتو لازوال قربانين ۽ ڀائيچاري تي ٻڌل آهي: سردار عبدالرحيم

پاڳارا خاندان جي قومي جدوجهد ۽ سورهيه بادشاهه جي اڳواڻي ۾ حر تحريڪ جي قربانين کي ڀيٽا پيش

ڪشميري عوام جي جائز حقن لاءِ سياسي اتحاد، جمهوري عمل جي تسلسل ۽ پرامن جدوجهد ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم سان آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي تڪ ايل اي 30 چار هلڪن ديهٽا مان چونڊيل ميمبر گجريوٽ فورم ڪراچي ڊويزن جي چيئرمين ۽ قومي امن فورس ڪميٽي آزاد ڪشمير جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي واپارين جو احتجاج، تحفظ جو مطالبو

ڦرن، اغوا ۽ موبائل فون توڙي موٽرسائيڪل چوري جي وڌندڙ وارداتن خلاف احتجاج ڪيو ويو

جبري لوڊشيڊنگ، ٽيڪس معاملن، ڪٽڪ جي مسئلي ۽ واپارين کي مبينا حراسان ڪرڻ تي به ڳڻتي ظاهر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس جو اجلاس، امن امان جي بگڙيل صورتحال بابت گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ کي خط لکڻ جو فيصلو اجلاس ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ، ٽيڪس معاملن، ڪٽڪ جي مسئلي توڙي واپاري برادري کي مبينا حراسان ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪري

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

گهوٽاڻا شاخ ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاج ڌرڻو، ڪلاڪن رکي روڊ بلاڪ

پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن ڌرڻو هڻي حيدرآباد-شيخ ڀرڪيو روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

پاڻي نه ملڻ سبب فصل سڪڻ لڳا، لکين رپين جي خرچ سان پوکيل فصل تباهي ڪناري تي آهن:مظاهرين

گهوٽاڻا شاخ ۾ فوري پاڻي فراهم ڪري مبينا پاڻي وڪري توڙي شاخ بند ڪرڻ واري معاملي جي جانچ ڪئي وڃي

ٽنڊوڄام (ت ر) گهوٽاڻا شاخ ۾ پاڻي کوٽ، آبادگارن جو احتجاج، حيدرآباد-شيخ ڀرڪيو روڊ تي ڪلاڪن رکي روڊ بلاڪ خبر موجب روهڙي ڪينال مان نڪرندڙ گهوٽاڻا شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن ڌرڻو هڻي حيدرآباد-شيخ ڀرڪيو روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي وڪيو لنڊ، مير مشتاق ٽالپر ۽ سڪيو لنڊ جي اڳواڻي ۾ آبادگارن روڊ تي ڪلاڪن رکي احتجاج ڪيو ان موقعي تي آبادگارن آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪندي الزام هنيو ته گهوٽاڻا شاخ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنوعاقل ۾ پورهيت جو تشدد ڪندڙ ٽريفڪ اهلڪار خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ ٽريفڪ پوليس جي اهلڪار خالد ڪلهوڙو تي پورهيت معاذ مبينا تشدد ڪرڻ ۽ بازو ڀڃڻ جو الزام پورهيت پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو ته هو ريڙهو هلائي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي مين روڊ تي هٿياربندن جي ڦر بروڪر کان ڏيڍ لک رپيا ڦر

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي مين روڊ تي چيتن داس نالي ڪرڻ بروڪر کان ڦر جو واقعو پيش آيو اطلاع موجب موٽر سائيڪل تي سوار ٻن هٿياربندن پستول جي زور تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ معذور پٽ تي ڪيس داخل ٿيڻ تي زال مڙس جو پوليس خلاف احتجاج

سوڀوديرو پوليس معذور پٽ لعل بخش کي منشيات جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي:مظاهرين

ڪارروائي سبب پريشان آهيون، آءِ جي سنڌ معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪري

راڻي پور(رپورٽر) سوڀوديرو پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف زال مڙس جو پٽ جي بازيابيءَ لاءِ احتجاج. پوليس اسانجي معذور پٽ کي منشيات جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جو الزام رپورٽ موجب: سوڀوديرو جي رهواسي علي بخش سميت نسيم خاتون سهتو پريس ڪلب راڻي پور پهچي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ پنج ورهين جي نياڻي جو پراسرار لاش هٿ، مبينا تشدد جا نشان

فردوس مسجد پرسان پارڪ وٽان دعا ڌيءُ قاسم انصاري جو تشدد ٿيل ۽ وات ۾ ڪاغذ پيل لاش مليو

مائٽن فوري طور تي لاش تعلقا اسپتال ڪڻائي آيا، ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، بنا ڪارروائي واپس ڪڻائي ويا

جمعي جي نماز لاءِ والد سان گڏ ويل نياڻي پراسرار طور گم ٿي، پنج ڪلاڪن بعد لاش هٿ آيو:ذريعا

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پنج ورهين جي نياڻيءَ جو پراسرار طور لاش هٿ، تعلقا اسپتال منتقل بنا ڪارروائي جي لاش وارث ڪڻائي ويا. رپورٽ موجب سٽي ٿاڻي جي حد چانهيه پاڙي لڳ پنج ورهين جي معصوم ٻارڙي دعا ڌيءُ قاسم انصاري جو لاش فردوس مسجد جي پارڪ وٽان هٿ آيو مائٽن فوري طور تي تعلقا اسپتال آندو جتي ڊاڪٽرياڻي سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جنهن بعد مائٽ بنا ڪارروائي جي لاش واپس گهر ڪڻائي ويا.

بقايا نمبر12 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جو احتجاج

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي

بقايا نمبر15 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ۾ نامعلوم چور گهر کي ڪاٽ هڻي مينهن چورائي ويا

نامعلوم چور ضمير ڪلهوڙي جي گهر کي ڪاٽ هڻي مينهن ڪڍي فرار

اگڙا ٿاڻي جي حد ۾ هر روز چورين ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن:متاثر

راضيديرو (ن ع) اگڙا ٿاڻي جي حد راضيديرو شهر مان پوليس چوڪي اڳيان نامعلوم هٿياربند ڳوٺاڻي ضمير ڪلهوڙو جي گهر کي ڪاٽ هڻي هڪ پلوڙ مينهن چوري ڪري ڪاهي ويا. ڳوٺاڻن چورن جا پيرا ڪڍايا جيڪي ڪجهه پنڌ اڳتي هلي فيض نهر واهه پرسان گم ٿي ويا. واضح رهي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري پرسان پير سخي عثمان شاهه جي 148هون عرس شروع، زائرين جي آمد

سجاده نشينن پاران درگاهه تي چادر چاڙهي عرس جو افتتاح، ملڪ ۽ سنڌ ۾ امن لاءِ خصوصي دعائون

ميلاد، درود و سلام ۽ ختم قرآن بعد زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ لنگر تقسيم، مذهبي تقريبون جاري

ميلي ۾ ثقافتي رانڊ ٻيلهاڙو جا مقابلا جهولا، سرڪس، موت جو کوهه ۽ رانديڪن توڙي مٺائي جا اسٽال قائم

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي مشهور بزرگ اولياءِ پير سخي عثمان شاهه اسد الهاشمي قريشي جي 148 سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي چار روزه ميلي جون تقريبون جاري آهن جنهن جو افتتاح درگاهه جي سجاده نشين پير علي رضا شاهه اسد الهاشمي قريشي ۽ پير جعفر شاهه اسد الهاشمي قريشي درگاهه تي چادر چاڙهي ڪيو انهي موقعي تي ملڪ ۽ خاص سنڌ جي امن لاءِ ٻن دعا گهري وئي جڏهن ته مذهبي اجتماع ڪرڻ سان گڏ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: پير سخي عثمان شاهه جي ميلي جي موقعي تي ٿيل ملاکڙي جو ڏيک

ڪوٽڙي ۾ نوجوان جي گرفتاري خلاف وارثن جو احتجاج پوليس تي سنگين الزام، شفاف جاچ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) نوجوان راجا خاصخيلي جي گرفتاري، وارثن جا الزام، پوليس جو منشيات ڪيس داخل هجڻ جو موقف ڪوٽڙي سائيٽ کي بي پوليس پوسٽ جي حد، ايڊمور پمپ سامهون رات جي وقت پوليس مبينا طور گهر ۾ داخل

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس مبينا اغوا ٿيل ناري کي ڪارروائي ڪري ڪراچي مان بازياب ڪرائي ورتو

ناري ثمرين ڪورائي کي پوليس بازياب ڪرائي ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

ناري جو معاويه ٻنگلاڻي تي شادي جو جهانسو ڏئي اغوا جو الزام، وڌيڪ بيان عدالت ۾ ڏيڻ جو اعلان

مان بيگناهه آهيان، ثمرين 8 ڏينهن منهنجي اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪيو جنهن بعد هو نڪري وئي:معاويه ٻنگلاڻي

جيڪب آباد (ذ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ پر اسرار نموني مبينا اغوا ٿي ويل ناري ثمرين ڪورائي کي جيڪب آباد پوليس ڪاور چوڪي جي انچارج آفتاب ترين ڪراچي مان بازياب ڪرائي ورتي بازياب ٿيل ناري کي پوليس ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرياڻي پاران ناري جو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪيو ويو جتي ناري ثمرين ڪورائي ميڊيا آڏو بيان ڏيندي چيو ته مون کي معاويه ٻنگلاڻي شادي ڪرڻ جو جهانسو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ محرم دوران قتل ٿيل سهيل قمبراڻي جا جوابدار ٻه مهينا گذرڻ باوجود گرفتار نه

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ محرم دوران مبينا قتل ٿيل نوجوان سهيل قمبراڻي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪوٽڙي ۾ مهينا اڳ 8 محرم الحرام جي ڏينهن جهيڙي دوران مبينا طور قتل ٿيل نوجوان سهيل قمبراڻي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف قمبراڻي اتحاد ۽ مقتول جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: درگاهه نصير فقير جلالاڻي جا فقير پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاج ڪندي

محسن نقوي جي بيان جي ڪا اهميت ناهي، 18 ترميم ختم ڪرڻ جي سازش آهي: راشد محمود سومرو

سندس حيثيت هڪ يونين ڪائونسل جي سيٽ کٽڻ جي به ناهي، ڪيس هڪ ٽاڦيل سيٽ ذريعي سينيٽ ۾ آندو ويو آهي

سنڌ تي پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن)، مسلم ليگ (ق)، ايم ڪيو ايم ۽ مارشل لا حڪومتون ڪري چڪيون آهن

سنڌ جي عوام سڀني کي آزمائي ڏٺو آهي، هاڻي هڪ موقعو جمعيت علماءِ اسلام کي ملڻ گهرجي

هالا (ت ر) هالا ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) سنڌ جي صدر مولانا راشد محمود سومرو چيو آهي ته محسن نقوي عوامي نمائندو ناهي سندس حيثيت هڪ يونين ڪائونسل جي سيٽ کٽڻ جي به ناهي، ڪيس هڪ ٽاڦيل سيٽ ذريعي سينيٽ ۾ آندو ويو آهي، تنهن ڪري سنڌ بابت سندس ڏنل بيان جي ڪا اهميت ناهي هالا ۾ جمعيت هائوس تي پريس ڪانفرنس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

هالا: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

گمبٽ پرسان اوچتو باهه لڳڻ سبب ٻن پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ واڻيهه ۾ مرچو جوڳي ۽ نواب علي جوڳي جي گهرن کي اوچتو باهه وڪڙ ۾ آندو

گمبٽ(ت ر) ڳوٺ واڻيهه ۾ جوڳي برادري سان تعلق رکندڙ ٽريڪٽر ڊرائيور مرچو جوڳي ۽ سندس ڀاءُ نواب علي جوڳي، ٻئي مرحوم محمد جمن جوڳي جي گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب گهرن ۾ رکيل سمورو گهريلو سامان ڪپڙا، بسترا، کاڌ خوراڪ، ضروري دستاويز ۽ ٻيو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ صحافين کان ڦريل سامان واپس، جوابدار گرفتار

سينئر صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو کان 8 ڏينهن اڳ ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو ويو

ٺري ميرواهه (ن ع) شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ سنئير صحافي اطهر سهتو ۽ مظهر سهتو کان ڦريل سامان واپس جوابدار گرفتار - ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي ايس ايڇ او شاهه حسين ٿاڻو محمد خان ابڙو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اڻڄاتل هنڌ تان آيل گولي لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي ۾ اڻڄاتل هنڌ تان فائر ٿيل گولي مٿي ۾ لڳڻ سبب ساڳئي محلي جو رهواسي ابراهيم هليو سخت زخمي ٿي پيو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ صفائي عملي جون وڌايل پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

ملازمن جو ڊي سي آفيس اڳيان احتجاج، موڪل واري ڏينهن به ڪم وٺڻ جون دانهون

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ميونسپل ڪميٽي بولهاڙي جي صفائي ڪندڙ عملي پاران وڌايل پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جي آفيس جي مک گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي ڪئي وئي شهزاد مسيح رفاقت مسيح، چندو لال، منير مسيح ۽ ٻين

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پوليس آفيسرز کي فري هينڊ ڇڏيو آهي ۽ عوام کي گهرجي ته پوليس جو ساٿ ڏي: جاويد شاهه

مقامي ماڻهن جي مدد سان ڌوهاري وارداتون ڪري رهيا آهن جلد پوليس ڪارروايون عمل ۾ آڻيون وينديون

سنڌ سميت ضلعي خيرپور ۾ امن امان بحالي لاءِ اسان کي ڌوهارين خلاف متحرڪ ۽ هڪ آواز ٿيڻو پوندو

سنڌ اندر نوان صوبا ڪنهن به صورت ۾ نه ٺهندا پارٽي قيادت ۽ سنڌ جي عوام جو موقف واضح آهي

خيرپور(ذ ر) خيرپور پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ضلعي ۾ وڌندڙ بدامني متعلق صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس آفيسرز کي فري هينڊ ڇڏيو آهي ۽ عوام کي گهرجي ته پوليس جو ساٿ ڏي مقامي ماڻهن جي مدد سان ڌوهاري وارداتون ڪري رهيا آهن جلد پوليس ڪارروايون عمل ۾ آڻيون وينديون ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني سٽي پيرڳوٺ ۾ پيپلزپارٽي سٽي پيرڳوٺ جي صدر رضا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

F BUILDERS & DEVELOPERS OF PAKISTAN
ABAD HOUSE
abad

ڪراچي: ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز جي گڏجاڻي ۾ ڪراچي پوليس چيف خطاب ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ نالين جو گندو پاڻي روڊن تي بيهجي ويو، شهري سخت پريشان

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جو گندو پاڻي اٿلڻ سبب ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ . ميونسپل بولهاڙي بروهي چوڪ کان وٺندي ٽيليگراف پوليس پوسٽ ڏانهن نالين جو گندو پاڻي گذريل هڪ هفتي کان روڊن رستن تي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.